# ماڻڪ مِٽُ سندوم

## [ماڻڪ جون تحريرون]



مرتب: ناز سنائي

# ماڻڪ مِٽُ سندوَمُ

[منير احمد ماڻڪ جون تحريرون]

حويليءَ جا راز

ٽي ناوليٽ

ساهه مٺ ۾

مرتب: ناز سنائي

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.

2004ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ماڻڪ مٺ سندوم
ليکڪ: منير احمد ماڻڪ
مرتب: ناز سنائي
پهريون ڇاپو: مارچ 2004ع
ڪيليگرافي: سائره
ڪمپوزنگ: احسان علي لغاري
ناز ڪمپوزرس
۴. سيد آرڪيڊ. گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ
قيمت: =/200
ٻه سئو روپيه فقط

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر ۱۴۲

MANIK MIT SANDOM
By: Muneer Ahmed Manik
Compiled by: Naz sanai
Shop :No 4- Sayed arced Ibrat line,
Gari khato Hyderabad.sindh.
Book no: 136-
Per copy: Rs/= 200

# حويليءَ جا راز (ڪهاڻيون)

## • اڳهاڙو سچ

ماڻڪ: بيرحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ڊگهي قطار کان هٽيل، ڪٽيل ۽ الڳ. جنهن کي سنڌي ادب جا تارا نيڪيدار ليکڪ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کانپوءِ گاريون ڏيندا آهن.

ڏسڻ ۾ بنهہ سادو، ابوجهہ. پر اصل ۾ ميسوٽو. اڳ ۾ گرم بحث ڪندڙ، هاٿي گهٽو ڪري خاموش رهندڙ. من ۾ خطرناڪ ڳالهيون سوچيندڙ ۽ رڳو سوچيندڙ نہ. جيڪڏهن هو اُهي خطرناڪ ڳالهيون من ئي من ۾ سوچيندو رهي تہ اسين سڀ ڊک ۾ رهون ها. اسين سڀ الائجي ڇا ڇا سوچيندا آهيون، الائجي ڇا ڇا ڏهاڙي ڏسندا رهندا آهيون- گنديون، ڪنيون، واهيات ڳالهيون. پر پاڻ ئي انهن تي لڄي ٿيندا آهيون. پنهنجو پاڻ کي ڇنيندا آهيون ۽ مڃڻ کان انڪار ڪندا آهيون تہ اسان جي چوطرف اهو گند بہ آهي.

اسان وٽ ڪلاسيڪي چوٽي آهي تہ گند کي قلهوريو تہ ڍڪ ڪندو. هن نئين دور ۾ اسين سچ کي لڪائڻ جي خلاف آهيون، اسين سڀ حقيقت پسند آهيون، پر ان سان گڏ مهذب پڻ آهيون، اسين سچ کي، حقيقت کي ڪپڙا پهرائي پيش ڪندا آهيون.

۽ ماڻڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي ئي اهو تہ هو اڳهاڙو سچ تو پيش ڪري- هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. آئون ڄاڻان ٿو تہ اسان مان گهڻا ان ڳالهہ کي قبول نہ ڪندا. ها. جي چاهين تہ ماڻڪ کي دل کولي گاريون ڏئي سگهن ٿا، پر اهو خيال رکن تہ وڏي وات گاريون ڏيندي گڦون وهائيندي، رڙيون ڪندي، ڪٿي ڇريا نہ ٿي پون ۽ ڪپڙا لاهي رستن تي ڊوڙڻ نہ لڳن. نہ، اسين مهذب ماڻهو آهيون. اسين رڳو بڇڙو ڪنداسين ۽

ماڻڪ ڳي آهستي آهستي فضيلت سان ٻه ٽي ڪچيون ڳاريون ڏئي ڇڏيندا اسين. تهذيب ۾ رک رکاءُ، مصلحت پسندي ۽ ٿوري منافقت اڻ ٽر آهن.

۽ انهن ٿي ڳالهين کي نون ڪهاڻيڪارن ٿٽي ڪري ڇڏيو آهي. ٽُڏي ڇڏيو آهي. روايتن جو ليکو لنگهي ويندڙ. اگهاڙو سچ پيش ڪندڙ- لڙهندڙ نسل جا ليکڪ- جن ڪڏهن پيغمبر هئڻ جي، سونهين هجڻ جي دعوي نہ ڪئي آهي. هو پنهنجي ذهن جو، پنهنجي وجود جو بار لکڻ وسيلي لاهڻ چاهين ٿا. ۽ اهو رڳو هنن جو بار ڪونهي. سڄي، نئين ٿهيءَ جو بار آهي. نئين حالتن جو بار آهي. ماڻڪ ان بار لاهڻ جي. اسان سڀني کي آجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**شوڪت حسين شورو**

[ماڻڪ جي ڪتاب "رج ۽ پڙاڏا" ۾ اڳ ڇپيل]

اسين گذري رهيا آهيون، ان ۾ هڪ بي وس ماڻهو حياتيءَ کان بيحان ڪري سگهي ٿو. البت جيتري قدر نراسائي يا بي مقصديت جو لاڳاپو آهي، سا هڪ عام فضا آهي. ڪارڻ پڌرا آهن. سيڪو ڄاڻي ٿو. اڄ جي ليکڪن جو ڏوهہ اهو آهي تہ اهي، تاريخ سان سچار آهن. جڏهن ان جو اهڙو اظهار ڪن ٿا. جيڪو اظهار، اسان جي هلندڙ تاريخ جو ڀاڱو آهي. هن حقيقت کان انڪار ڪرڻ اکيون پورڻ برابر ٿيندو تہ: سماجي/ قومي گهوٽالي ۾ جيڪڏهن مثبت سگهہ (Positive fotcc) سگهاري نہ آهي تہ ذات جو بحران، هڪ منطقي نتيجو ٿئي ٿو.

اها نراسائيءَ جي فضا هوندي بہ ائين چوڻ ڪونہ جڳائي ڄاڻ تہ اديب جو ذهني معيار عام ماڻهوءَ جي، ذهني معيار کان پختو هوندو آهي. (جيئن تہ اديب ساڳي ئي ماحول ۾ رهندي بہ عام ماڻهوءَ کان شعوري طرح اڳيرو هوندو آهي) پر سماج ۾ لاشعوري ڪيفيت مان سرجيل نراسائيءَ جي رنجهہ- ڪنجهہ پوڳيندي، ليکڪ کي گهرجي تہ پنهنجي لکڻين ۾ اتساهہ جاڳائيندڙ آئيڊيل ڪردار تخليق ڪري. جيئن "نراسائي اميد جو وڄو پهري."

مايوسي ليکڪ جي ذهن تي ڪڏهن، ڪڏهن تہ گهڙيءَ ڪن لاءِ ايندي بہ آهي. جيئن شاهہ جي من تي- "ڪڏهن، ڪڏهن هينئڙا وٺين ٿو مور."

بس نراسائي ۽ مايوسي ليکڪ جي من تي ڌرتو ماري ويهي نہ رهي. اُها مايوسي بہ سونهين جيڪا اميد جي آسري ۾ هوندي آهي. منهنجي ليکڪ لاءِ ڏنل هنن لفظن تائين راءِ، منهنجي نظر ۾ اڄ جي سچار ليکڪ لاءِ آهي.

ڪن کان رڳو انڪساريءَ سان اهو سوال آهي تہ: انقلاب جي بنيادي گهرجن پٽاندر، ٻين لفظن ۾ (Objective and Subjective) حالتن ڇا ڪيو آهي. ماڻهن سان لاڳاپي جا ڪيترائي روپ آهن. گهرجن پٽاندر انهن منجهان اتساهہ پيدا ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟! هائي فرض ڪيون تہ رڳو ليکڪ جو مامرو آهي تہ: ٺلهو الزام هٽندڙن، هٽ ٺوڪيون بزرگن ۽ پنهنجي تجربي جون لباڙون هڻندڙ ليکڪن ڪهڙيون مثبت ۽ تعميري وڪون کنيون آهن. ٻڌي يا تنظيمي ڏس ۾ مڙني کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ؟ هي ڪنهن جو فردي سوال ناهي، پر تاريخ جو سوال آهي.

ماڻڪ

نواب شاهہ 9-12-81

ڪي بخشائي هٿائون."

"ڪنهن سان ٻڳي؟"

"جمعي شيديءَ سان."

"جمعو شيدي! ڪهڙو جمعو شيدي؟"

"اڙي اهو ئي جمعو شيدي، جيڪو حويليءَ جو پاڻي ڀريندو هو. جنهن کي ڏاڏو، ڏاڏو ڪري ڪونه ڇوندا هئاسين."

"اڙي اهو! ڌانگيءَ جهڙو روڏو ڌڪُ!"

"هائو، هائو." حڪيم وڏي رازدارانه نموني ۽ انتهائي آهستي ڳالهائي به رهيو هو ته پنهنجا ڳاڙها گول گول ڏوڏا به ڦرڙائي رهيو هو. آءُ سن وڃان حڪيم جو منهن تڪي رهيو هوس.

"اڙي واه گودو ٿي وئي اٿئي، سمجهين ڇا تو ٻچا. زمانو ترقي تي آهي. ماڻهو چنڊ تي پيا پهچن......."

ساهه روڪي لاڳيتو ڳالهائڻ ڪري، حڪيم جو سينو ڀرجي آيو ۽ وات سان ڏگهو ساهه کڻي اڳتي ڇوڻ لڳو، "آخر هي ڪيستائين قهر جا ڪوٽ رهندا نيٺ ته ڪرندا. ڏين سان ظلم ته ڏسو، انسان جي قرآن سان شادي! سا به زالفان! حڪيم جالينوس جو قول آهي ته عورت کي مرد کان چاليهه دفعا وڌيڪ نفسياتي خواهش ٿيندي آهي- ڇڳو ڪيائين. نه ته حويليءَ ۾ عمر ڳري وڃيس ها. عمر. جيئڻ ڀڻ ٻيبين جون عمريون پيون ڳرن. هون! قران سان ٿي عورت پرڻجي، واهه ڙي سنڌ جا سيد........."

حڪيم پنهنجي منهن ڳالهائيندو رهيو.

حڪيم جون اهي ڳالهيون ٻڌي، منهنجي ذهن ۾ هڪ ٽاٽ ڏيندڙ ڪرنٽ ايريو، "سائين ڏنل شاهه جي ننڍي ۾ ننڍي نينگر؟ اڙي ان جو نالو شهه بانو هو. وڏي بيبي ڪيس پيار مان شاهو ڪري ڪوٺيندي هئي. شاهو؟ ڏاڏي شيديءَ سان پرڻجي وئي! ڏاڏي شيديءَ سان!! هڪ روڏو، ٻنو ۽ ڌڪ جهڙو ٻن مانس، ان سان!!" مون ٻي خيالي ۾ پٺڪيو ۽ حڪيم ڏي نهاريم ته ڪٿي هن ٻڌو ته ڪونه. پر هو وري پنهنجي ڌن ۾ محو، ڪرل ۾ دوا ڪرڙي رهيو هو ته پنهنجي منهن ڳالهائي به رهيو هو.

خيالن جو سيلاب جڻ، ذهن جي وسيع وادي ۾ پلٽجي پيو ۽ لاشعور جي ڪندرن ۾ تهه تيل ننڍپڻ جي ماضيءَ جون يادگيريون ميڻ وانگر وڃي شعور جي سطح تي اچڻ لڳيون.

"مان جڏهن ننڍو هوس، اٺ- نون سالن جو، سيدن جي حويلي

اڪيون، ٿلهن ۽ ڪارن چپن مٿان مروٽيول ڏگها شهپر، ماس ڀريل منهن، ٿلهو ڪنڌ، جنهن سان لوٽو ورائي ڪوٺ سگهندو هو. پنهنجي ٿلهي ڪنڌ کي پوٺتي ڪري جڏهن ٽهڪ ڏيندو هو ته چڻ گـجگوڙ پوندي هئي. سندس شڪل ياد ڪري مون کي ڏڪڻي وٺي وئي.

"جمعي جو خير ڪونهي، سيدائي پڄائي ويو آهي. سا به سائين ڏنل شاهه جي نيائي، سنڌ جو سيد سردار، ذات ذات ڏاڍيل سندس هردم سلامي، ڪامورا سندس پيالي پائي. تنهن ڪانسواءِ وڏو ميمبر. جمعي کي سائين ڳتـرا ڳتـرا ڪرائي ڇڏيندو." مون کان ڀٽڪ نڪري وئي. "پر جيـڪڏهن منهنجي خبر پئجي ويس ته-؟" اهو سوچي منهنجو هانءُ ٿي ڌڙڪجي ويو.

"ميان پنهنجي منهن الائي ڇا پيو چئي؟". هڪ ته سڄي ڏينهن ۾ ڪو گـراهڪ نه وريو آهي، وري تون به الائي ڪهڙن خيـالن ۾ ٻڏل." حڪيم موڙي کي ريڙهي منهنجي پرسان اچي ويهندي چيو:

"مان سوچيان پيو ته سائين ڏنل شاهه، جمعي شيدي جا لاهه ٿي ڪيرائي ڇڏيندو." ڇا جو بابا، اهي سيد رڳو سنڌ ۾ شينهن ٿين. سنڌ کان ٻاهر موڳا صفا للو." حڪيم ورائيو. "پر سائينءَ جا مريد سنڌ کان ٻاهر به ته آهن نه، سائين پنهنجي ٿي اچي ته جمـعي جا سـرنهن جيڏا داڻا ڪرائي ڇڏي." مون چيو.

"ڇڏ ڙي يار، اهي سنڌ جاماٺهو آهن، سادا ۽ ابوجهه، نه ته ميان زمانو الائي ڪٿي وڃي پهتو آهي. ابا، هينئر اهڙو سٽائو واءُ لڳو آهي، جو مرشدن جون مريديون بريديون ويون ٻن ۾. جي مريد، مرشد جون نيائيون تا پڄائين، سي ورائيندا وري ڪٿان."

"پر حڪيم صاحب، بيبي ته قران کي بخشيل هئي نه. آخر ته رب جو سچو ڪلام آهي. جمعي جا سنڌ ڪين سڪائيندو؟"

ان تي حڪيم صاحب وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو، "ميان ماڻ تي پلي، اها سيدائي انهيءَ روڏي کي ڦٻي. پر ڀيلي." حڪيم صاحب وري چوڻ شروع ڪيو، "جمعي کي جس هجي، مجڻ مراد آ، مڙس جو پٽ هو سائين. ها، ڪا ڳالهه آ!"

حـڪيم صـاحب جا اهي لفظ مـون کي تيـر ٿي لڳا. لڳم، ڇڻ حڪيم صاحب مون کي چئي رهيو هجي ته تون وڏو ياڙي هئين.

سهڻي 1967ع ۾ ڇپيل.

# ٻاھر ٻاڦ نہ نڪري.

اڄ جڏھن فجر جي نماز لاءِ اٿي ۽ ماٺس کي صبح مرداني وھنجندي ڏٺائين تہ وري، ڇڻ ھينئين تي ٻرڇي لڳس ۽ اندر ڀڄرندو محسوس ٿيس. پاڻيءَ ڇلڪار ۽ بالٽيءَ جي ڪڙ ڪڙ جو آواز، سندس ذھن تي زيڪو ڪري ٿي لڳو ۽ سندس لڱن تي پڃي اندر ٿي اندر ڏھيل درد کي جھرائڻ لڳو. ھوءَ ذرو ويچارڻ کان سواءِ پروڙي وٺي تہ رات ڇا ٿيو ھوندو. صبح مرداني جڏھن بہ فجر جي نماز کان اڳ، ماءُ کي وھنجندي يا وھنتل ڏسندي ھئي تہ ماٺس فجر جي نماز کان گُس گساءُ پٺي ڪري، تہ انھي وقت، ھر دفعي سندس من ۾ ماءُ جي خلاف ڏڪار ڀريو دشمني وارو جذبو اڀرڻ سان گڏ، دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي ھيس ۽ جسم جي رڳ رڳ مان ڏھيل درد، ڪر موڙي اڀرندو محسوس ٿيندو ھوس. اھو سڄو ڏينھن ھوءَ ملول ۽ وسائل وسائل گذاريندي ھئي. پر اندر ٿي اندر ڇڻ ساندڀل امنگن جي چِتا جلندي محسوس ٿيندي ھيس ۽ سمجھندي ھئي تہ، اٿين جلندي جلندي، پاڻ ھڪ ڏينھن ختم ٿي ويندي. وري جڏھن ڏينھن ٻن اندر روز مره جي ڪم ڪار ۾ اھا دونھين ٿمجي ويندي ھيس ۽ اندر ۾ ڪٽن وانگر اٿيل امنگن جو طوفان جڏھن ٻينل پاڻيءَ وانگر مانو ٿي ويندو ھيس، تہ ڪيس پنھنجو پاڻ تي اچرج ايندو ھو ۽ ھوءَ پنھنجو پاڻ کان سوال ڪندي ھئي، تہ اھو آخر ڪيس ٿئي ڇا ٿو؟ پر ھوءَ ان جو جواب پائي نہ سگھي ھئي، يا لاشعوري طور ڪيس ان جو جواب ڪَٽڪندو ھو، پر ھوءَ ان تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار ڪانہ ھئي، جو اڳيان بہ ماءُ ھيس، جنھن ڪيس پاليو نپايو ھو نڪا ڪا ٻھاڄ.

ھن کي ياد آيو: شاديءَ کان اڳ، جڏھن اڃا سندس عمر ٻارنھن سال کان ھئي. ھڪ رات اوچتو ٿي اوچتو، سس پس تي اک کلي ۽ ڏٺائين تہ ماٺس ۽ پٽس واري کٽ، خالي آھي، صفي واري ٻتي پٺي ٻري ۽ اھو سس پس جو آواز اندران اچي رھيو آھي. سندس دل ڌڙڪڻ لڳي: ھوءَ اٿي ۽ پاٺمرادو، ڇڻ ڪا اندروني قوت، ڪيس آھستي آھستي، پير پير ۾ پائي، صفي جي در وٽ گھلي آئي. در جي ڳڙڪن مان ھن اندر نھاريو. اندر ڏسڻ سان، سندس ھينئين ۾ ڇڻ ڪنھن چڪ وڌس، دماغ ماؤف ٿي ويس، ڇڻ تہ ان ۾ دونھون ڀرجي ويو ھجي، سندس جسم مان ھڪ ٽاٽ اڀريو، جنھن

احساس شدت سان ٿيو، "آخر عورتن سان ايڏو ظلم ڇو؟" هوءِ سوچڻ لڳي، "مرد تہ چار شاديون بہ ڪري سگهن ٿا، پر عورت لاءِ بيوه ٿيڻ بہ عيب آهي. نہ نہ، هي انصاف ناهي. الله سائينءَ وڏو ظلم ڪيو آهي. شايد......." هوءِ ڊجي ڊجي سوچڻ لڳي، "شايد الله سائين بہ مرد آهي. نالو تہ مردن جهڙو اٿس ۽ نبي بہ سڀئي مرد موڪليا اٿئين." ڊپ سندس عضوي عضوي ۾ ٻيهندو ويو. وار ڪانڊارجي ويس ۽ اچانڪ وات مان نڪري ويس. "نعوذ بالله، هي مون ڇا چيو. هي تہ ڪفر آهي. يا منهنجا رب مون کي معاف ڪري ڇڏ." پر کيس تعجب وٺي ٿو تہ انهيءَ معافيءَ ۾ اها دل جي سچائي ڪانہ آهي ۽ کيس لڳو تہ جيڪو ڪجهہ چيو اٿائين، اندر ئي اندر مان اها گواهي پئي ملي تہ سچ اهو آهي. متاڃري دل سان پڇڪي. "پر اهو تہ ڪفر آهي." جڏهن اندر ئي اندر مان ڪو چويس ٿو، "هو تہ سچ آهي. نيٺ عورت سان اها بي انصافي ڇو؟"

هن هڪ ڊگهو شوڪارو ڀري پاڻيءَ جو ڪٽورو مٿان لاتو. وهنجي ٻاهر نڪتي. ماڻس جي غيرمعمولي همدرديءَ نما پيارَ هڪ دفعو وري کيس سونهري اميدن جي دنيا ۾ آڻي ڇڏيو.

رات جا ڏهہ ڪن ٿيا هئا. هرڪو ماني کائي، پنهنجي پنهنجي کٽ تي ستو پيو هو. ماڻس، پٽس کي زور پئي ڏنا. سمورا ٻار ننڊ پئجي چڪا هئا. هوءِ جاڳي رهي هئي. سڌو سنئون ليٽي ٻانهن اکين تي رکيو ستي پئي هئي. اندر ۾ آنڌ مانڌ هيس. ماڻس ڏانهن ڪن لايو سچو ڌيان اوڏانهن ڪري ڇڏيو هئائين تہ سندس لاءِ ماڻس ڇا ٿي چوي. پر ماڻس خاموشي سان مڙس کي زور ڏيندي رهي. کيس ماءُ جي خاموشيءَ تي ڏاڍا جڪ پئي آيا ۽ اندر جي اڻ تڻ بي چينيءَ جي روپ ۾ وڌڻ لڳي.

ماڻس اٿي، سندس پير ۾ اچي ڪجهہ پلڪ کيس ڏسي اڳتي وڌي بدنو کڻي غسلخاني ڏانهن وئي، شايد کيس جاچيائين پئي تہ ننڊ ۾ آهي يا سجاڳ. ماءُ جي اچڻ تي هوءِ چپ ماري اٿين پئي رهي جڻ واقعي ننڊ هجيس. ماڻس موٽندي ٻيهر کيس ڏٺو ۽ پوءِ مڙس سان وڃي گڏ ستي.

"رضوءَ پيءُ، ڪجهہ رضوءَ جي باري ۾ سوچيو اٿوَ. نينگر اچا تہ جوان آهي......" هيءَ ماڻس جو آواز هو. ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي ڪانٽس هڪ وڏو ساهہ نڪري ويو. جڻ اهو ساهہ اندر سانڍي رکيو هئائين.

"ها، مون کي بہ سندس الڪو آهي. پر......" هيءَ پٽس جو آواز هو. سندن ڪن وڏيڪ ڪڙا ٿيا.

# حقيقت ۽ دوکو

ڊاڪٽر قمرالدين: شهر جي مشهور ۽ سٺن فزيشن مان هڪ ذهين ۽ هوشيار. ڪڻڪ رنگو. جسم جي متناسب بناوت ۽ خدوخال ڪري، پرڪشش شخصيت. ڳنڀير ۽ سنجيدو. آزاد خيال ۽ شريف النفس. پنهنجي پيشي سان لڳاءُ رکندڙ. ايماندار ۽ انسان دوست هجڻ ڪان مشهور. شهر جي مٿين معزز شخصيتن مان هڪ. پر پنهنجي حيثيت جي حلقي ۾ بنهه گهٽ هلندڙ. ذاتي دوستن جو حلقو بلڪل نه- سواءِ زميندار رئيس قربان عليءَ جي. جنهن سان ميٽرڪ تائين هم ڪلاسي هجڻ ۽ هينئر سندس فيملي ڊاڪٽر هجڻ جي ناتي دوستاڻا تعلقات. سي به تڪلف جي حد تائين. زندگيءَ جو هڪ 'روٽين' (Routine) گهر- ڪلينڪ- مريض- مطالعو- ٻارن سان پيار- آچر جي ڏينهن آرام. جنهن ۾ پنهنجي مختصر ڪٽنب- زال امينه، نوجوان پٽ اڪبر، تيرهن سالن جي ڌيءَ ڪلثوم ۽ ٻن سالن جي ڪڪي ساڻ ڪري ڪنهن تفريحي هنڌ تي ويندو آهي.

صبح جو پنهنجي مثالي ڪٽنب سان گڏ نيرن ڪرڻ ڪان پوءِ ڪلينڪ ويندو آهي. وري هڪ بجي اچي سائن گڏ منجهند جي ماني ڪائيندو آهي، آرام ڪندو آهي. شام جو ڇهين وڳي ڪلينڪ. وري رات جي ماني ڪٽنب سان گڏ. رات جي ماني ڪان پوءِ ڳپل مهل تائين جاءِ جي اڳيان لان ۾ يا ٻاهر خالي روڊ تي پسار ڪندو آهي. پسار ڪان پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ اچي پڙهندو آهي- ڪيسن تي ويچاريندو آهي ۽ ڪتابن کي 'ريفر' (Refer) ڪندو آهي. سندس ڪمرو: سادگيءَ سان هر شي رکيل. بڪ شيلف جي مٿين تختي تي ڪنهن دوائن جي ڪمپنيءَ طرفان ڇپيل ڪيلينڊر؛ ڪجهه دوائن جون شيشيون ۽ ڪجهه رسالا رکيل. ۽ هيٺين خانن ۾ سندس پيشي سان لاڳاپو رکندڙ ڪتابن ڪان سواءِ ادب، فلسفي، نفسيات ۽ سائنس جي مختلف برانچن جا ڪتاب نظر ايندڙ. سڄي ڪمري ۾، در جي سامهون، پٽ جي پوري وچ تي هڪ تصوير ٽنگيل: ڪنهن قطري نظاري جي. ڪمري جي سادي سجاوٽ ۽ ڪتابن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر قمر ڪيڏو سادو، گهرو ۽ پنهنجي پيشي ڪان سواءِ، ٻين علمن جو مطالعو ڪندڙ آهي، ۽ سندس ڪٽنب هڪ مثالي ڪٽنب آهي.

رات جي ماني ڪائڻ ڪان پوءِ، ڊاڪٽر پيوءُ ڪي ،هنج ۾ ڪنيو؛ ڳل تي چمي ڏنائين. ٻن وڏن ٻارن کي به پنيان اچڻ لاءِ چيائين. اندر ڪمري

گپندو هوس. پر جيڪڏهن چاڻ اچا نه پئي هوندس. ته ڪنهن وقت پڇجي سگهيس ٿي. بلڪل. پنهنجي زال کي پڇيو هونداءِ. ضرور. ايندو رهندو هو يا نه. ڇپل ڏينهن کان مان نه ويو آهيان. وچڻ ڪپندو هوم.....هنن گهرايو به نه ناهي! ان جي معنيٰ انهيءَ عرصي ۾ شهزادي نارمل رهي آهي(؟) يا....

'اوهو ليو اِٽ (Oh, Leave it)

جڏهن ڊاڪٽر جي گاڏي رئيس جي بنگلي جي مين گيٽ مان اندر لنگهي ته ڏٺائين رئيس، بنگلي جي ٻاهرين پاسي واري ٿلهي تي آرام ڪرسيءَ تي ويٺل. سندس پر ۾ منجيءَ تي ويٺل ڪمدار. ۽ سامهون ڪرسيءَ تي ڪو ملاقاتي.

سندس پراڻو نوڪر ٺورو پريرو بيٺل. ڊاڪٽر ڪار جو دروازو بند ڪري ٿلهي ڏانهن وڌڻ لڳو. اندر جي هُرکر وچان. رئيس ڪيس ڏسي اڳيئي اٿيو هو ۽ ڏانهس وڌڻ لڳو هو. اڳتي وڌي، وڌي اُڪير ۽ قرب مان ڀاڪر پاتائينس.

"ڊاڪٽر صاحب ڪهڙا حال اٿو؟" هن گرمجوشيءَ مان هٿ ملائيندي چيو.

سائين، مهرباني- دعا آهي. خيرن سان موٽي آيو"" زوريءَ آندل مرڪ چپن تي. ذهن ۾ مونجهه، تجسس، ڪجهه ڄاڻڻ لاءِ.

۽ پوءِ اهڙي رسمي گفتگو-

سموري گفتگوءَ دوران ڊاڪٽر اشاري طور به اهڙو اندازو لڳائي نه سگهيو، ته رئيس کي ڪا اهڙي ڄاڻ آهي. هو ٻئي شڪي ذهن سان سوچيندو رهيو. سواءِ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي.

ڪجهه وقت اٿين رسمي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ، رئيس ڊاڪٽر کي اندر هلڻ لاءِ چيو. هونئن عام طور، رئيس ڊاڪٽر کي اندر تڏهن وٺي ويندو آهي، جڏهن شهزادي، سندس زال يا وري سندس طبعيت خراب هوندي آهي.

ڊاڪٽر جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي. مار- قتل؟- اوچتو خيال آيس. رئيس ڏانهن سوال ڀرين نظرن سان ڏسڻ لڳو. ۽ رئيس جڻ سندس اڻ پڇيل سوال کي سمجهندي، اڳيان ٿيندي چيو. 'اچو سائين، اچو. اوهان نه پنهنجا ئي آهيو. اوهان کان ڪهڙو پردو.'

ڊاڪٽر سندس پٺيان هلڻ لڳو.

اندر گهر ۾: رئيس جي زال ۽ ڌيئس، شهزادي هڪ ئي کٽ تي

لطيف روپ ۾. پوءِ اسين انهن دلي تمنائن کي منطقي شڪل ۾ پيش ڪري سچ جو نالو ڏيندا آهيون....

؟.... اهو ڪنهن فيلسوف؟ اوهه. 'نتشي' (Nietsche) ته ان جي معنيٰ..

'ايبسوليوٽلي ناٽ' (Absolutely not)

چا مان پاڻ کي ٺڳي سگهان ٿو؟

'پئراڊاڪس' (Paradox)

'نيور- نيور' (Never, Never)

'ايني هائو' (Any How). بهتر آهي ته مان رئيس کي هن حقيقت کان آگاهه ڪريان. ۽ اهو هن جي دماغ ۾ وهاريان ته اهو اڻ ٿر هو. ۽ انهيءَ ۾ منهنجي ڪابه اهڙي نيت ڪانه هئي، جنهن کي جنسي لذت، جنسي لذت جو مقصد يا اهڙي قسم جي بدنيتي چئجي. پر........ ممڪن اهي ائين چوڻ سان وڌيڪ 'اينٽيگنائيز' (Antagonise) ٿئي. بهتر آهي، ڪنهن ريت رڳو ڪيس شهزاديءَ جي شاديءَ ڪرائڻ لاءِ آماده ڪيان. جيترو ممڪن ٿي سگهي جلد. ها، اٻارشن ڪانپوءِ. ايندڙ پهرين ٿي ملاقات ۾ سائس ڳالهائيندس. سواءِ ڪنهن گهبراهٽ جي. مون ته ڪو گناهه ڪيو ناهي، جو اجايو ذهني عذاب پوڳيان.

ڊاڪٽر اهو سوچي، قطعي اندر ۾ فيصلو ڪيو. ان هوندي به هڪ مبهم ڪنڪندڙ غير تسلي بخش احساس ڪٺي گهر آيو.

۽ پوءِ ڊاڪٽر جي رئيس سان ملاقات ٿيندي رهي. رسمي ۽ دستوري ڳالهيون. ملڻ وقت هر دفعي هن اهڙو ذڪر ڇوڙڻ لاءِ سوچيو. پر هر دفعي سوچڻ ۽ سوچي ذهني ڪرب ۽ تنتي پيڙا پوڳڻ ڪانسواءِ ڪجهه ڪري نه سگهيو. هر دفعي جڏهن اٽل ارادو ڪندي به، چئي نه سگهندو هو ته پوءِ پنهنجو پاڻ تي ڏاڍ جڪ ايندا هوس ۽ پنهنجو من ڇيد ڪندي سوچيندو هو: اخلاقي جرئت جي ڪمي؟ نه- رئيس جي شخصيت؟ نه- رئيس جا نارمل ورتاءُ؟ نه- باقي ڇا؟ ڪجهه به نه. هن دفعي مان ڪيس ضرور چوندس. ائين چئي ڇڪتاڻ پيدا ڪندڙ سوچ ڌارا کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو. ۽ پوءِ وري- ملڻ کان اڳ شروعات ڪرڻ لاءِ انداز اختيار ڪرڻ، لفظن جي چونڊ ۽ رئيس طرفان ايندڙ خيالي نقطن جو خيالي جواب سوچيندو هو.

پر هو وري به ذڪر ڪري نه سگهيو. ۽ نه رئيس ئي ڪا اهڙي

ڳالھ ڪئي.

اٺين مهينو گذري ويو.

هڪ ڏينهن جڏهن، ڊاڪٽر ڪلينڪ ۾ ڪنهن مريض کي چڪاسي رهيو هو تہ رئيس جو فون آيس. جنهن ۾ هن کيس رات جي ماني سائس گڏ کائڻ لاءِ دعوت ڏني. ظاهر آهي، ڊاڪٽر انڪار ڪري نہ سگهيو. ۽ گهر ڇئي ڇڏيائين تہ هو رات جي ماني رئيس وٽ کائيندو.

رات جو ماني تي. جڏهن ماني کائي رهيا هئا، تڏهن بہ رئيس جو ورتاءُ ساڳيو نارمل هو.مهذب گهراڻي وارو. هر بناوت کان خالي ياٺجندڙ. البت ڪنهن ڪنهن وقت پاڻ، ڇڻڪ ڪنهن گهري سوچ جي ٽبيءَ ۾ پٽجي تي ويو. تہ وري ڪنهن ڪنهن مهل سندس ڪل اجائي. سواءِ ڪنهن ڪارڻ جي ٿي لڳي. جڏهن تہ ڊاڪٽر منجهيل. ڪنهن مهل تہ موڳو ٿي موڳو. ان هوندي بہ هن پنهنجي ليکي ڪوشش ڪري رئيس کي اهو محسوس ٿيڻ نہ ٿي ڏنو تہ ڪو پاڻ غائب دماغ آهي، ۽ سندس سوچ ڪنهن ٻئي هنڌ آهي.

مانيءَ کانپوءِ جڏهن نوڪر سندن آڏو چانهہ رکي تہ رئيس کيس چيو، "بس، چانهہ جا ٿانو پوءِ کڻجانءِ" تون وڃ ۽ هيءُ در بيڪڙيو وڃ."

هو هليو ويو.

"ڊاڪٽر صاحب، اوهان سان هڪ اهم مسئلي تي ڳالهائڻو هو"، رئيس چڻ اوچتو ڊاڪٽر ڏانهن نهاريندي چيو، "انهيءَ ڪري اوهان کي...." "ها ها، چو نہ-" ڊاڪٽر پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ تي ٺاهيندي چيو. ڪوڪلي. بناوٽي مرڪ. اندر ۾ هرکر، بيقراري ساڻ.

"اوهان تہ پنهنجا ٿي آهيو. بنهہ گهر جا ڀاتي. اوهان کان ڪي ڳجهو-" هو خاموش ٿي ويو. لڳي پيو مناسب لفظن ۾ مقصد بيان ڪرڻ لاءِ پتوڙي رهيو آهي. ڊاڪٽر قمر سندس منهن ۾ تجسس وچان نهاري، سندس لفظن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو.

"مون سوچيو هو"، رئيس چوڻ لڳو، "شهزاديءَ جي شاديءَ جي باري ۾ اوهان سان صلاح ڪريان."

"هون-" ڊاڪٽر اجا اڳتي ٻڌڻ لاءِ پوري ڌيان سان ڏانهس تڪڻ لڳو."

"اوهان جو ڇا خيال آهي؟" ڪجهہ وقفي جي ماٺ کانپوءِ رئيس پڇيو.

"ها سائين، مون بہ اوهان کي اڳ ۾ بہ ڪيترا ڀيرا اهوئي مشورو

بند هجو. ۽ اهڙو شڪ تہ ڇا پر يقين شهزاديءَ کي بہ هجي. تہ اوهان ڇا ٿا سمجهو؟

هوءَ ڪنواري، ڪنهن وقت ڪان ساماپل ڇا سوچيندي هوندي؟ اڇا بہ صحيح ڇنجي تہ ڇا تصور ڪندي هوندي. ۽ اهڙي قسم جا تصور ظاهر آهي تہ سندس.... بهرحال اوهان يقين ڄاڻو جيڪڏهن سندس فطري ضرورت، فطري انداز ۾ پوري نہ ٿئي ها، تہ (يا ٿي)، سندس 'ريپريسڊ ڪامپليڪسز' (Repressed Complexes) انتهائي پيچيده شڪل اختيار ڪن ها. (۽ ڪندا.)

ڪيس پوندڙ دورا شدت اختيار ڪري،سندس نارمل شخصيت جا ياڳا ڪري ڇڏيندا ۽ سندس لاءِ جسماني عيب؛ انڌائپ، ٻوڙاڻ، مستقل چريائپ يا ٻئي ڪنهن جسماني عيب يا اڌ رنگ جو ڪارڻ بنجندا. مان اوهان کي وري بہ يقين ٿو ڏياريان تہ منهنجي نڪتو سندس صحت ۽ حياتيءَ جو هو. نڪي جنسيت يا شيطاني خواهش جو."

هو چپ ٿي ويو.

"رئيس"، هن وري چوڻ شروع ڪيو. "بهرحال مان اوهان جي انهيءَ راءِ سان متفق آهيان تہ اوهان سندس شادي ڪرايو. پر... منهنجي خيال ۾، انهيءَ ڪان اڳ ۾ ضروري آهي تہ پار ڪيرايو وڃي. مان اها جوابداري ڪڻان ٿو. جيتوڻيڪ اها ڪا ڏکي ڳالهہ ناهي. مون کي اهو احساس آهي تہ، اوهان کي روحاني اذيت پهتي هوندي، انهيءَ لاءِ مون کي ار......"

"پر ڊاڪٽر صاحب"، رئيس، ڊاڪٽر جي ڳالهہ ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏيندي ٻي وسيءَ مان چيو، "هوءَ پار ڪيرائڻ لاءِ تيار ناهي. مان پاڻ انهيءَ خيال جو هوس تہ سندس پار ڪيرايو وڃي. پر هوءَ سخت ضد ڪري بيني آهي. هن جي ڳالهائڻ مان مون کي يقين آهي تہ، جيڪڏهن هن جو پار ڪيرايو ويو تہ هوءَ صدمي هيٺ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويهندي. ها ڊاڪٽر صاحب"، هن ساهہ پرينديءَ چيو، "ان ڪانسواءِ سيني نوڪريائين کي خبر پئجي چڪي آهي. ظاهر آهي تہ ڳالهہ لڪي ڊاڪٽر صاحب، انهن سيني ڳالهين کي ذهن ۾ رکي اوهان پنهنجي راءِ ڪان...." هو چپ ٿي ويو.

"رئيس"، ڊاڪٽر هن جي خاموشيءَ کي ڏسندي چيو، "هن سلسلي ۾ مان اوهان جي هر ممڪن مدد ڪندس. اوهان ٻي ڏڙڪ ڇٽي ڏيو. جو ڪجهہ اوهان هن باري ۾ سوچيو ٿا."

"ڊاڪٽر صاحب....، دراصل مون کي چوندي بہ شرم پيو ٿئي،

پر- ڇا ڪجي حالتون ئي اهڙيون آهن. ۽.... ڇوڪريءَ جو پيءُ هوندي.... پر....دراصل منهنجو......" هو چپ ٿي ويو.

"نہ نہ- اوهان بي حجاب چئي ڏيو." ڊاڪٽر تجسس ڀريل سوالي نگاهن سان ڏانهس ڏسڻ لڳو.

"ڊاڪٽر صاحب، منهنجي خيال ۾ اوهان شهزاديءَ سان شادي ڪريو." هن اوچتو ٽڪرو چئي ڏنو.

"مان!!؟-" ڊاڪٽر حيرت مان ذري گهٽ رڙ ڪئي، "يعني مان!؟" پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيائين، "رئيس، مان اڳيئي شادي شده آهيان، ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ. مان پنهنجي زال سان محبت ڪريان ٿو. اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي!.اوهان ڪٿي ٻئي- منهنجو مطلب آهي تہ......"

"ڊاڪٽر صاحب ٻئي هنڌ...... اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا تہ ...... ڪير ٻہ....."

"نہ نہ- هن ۾ مان ٻہ اوهانجي....."

"پر اوهان انڪار ڇو ٿا ڪريو؟ اهو ضروري ناهي تہ ٻي شادي ڪرڻ سان ڪو پهرين زال جي محبت ۾ گهٽتائي اچي. ۽ جڏهن تہ شريعت محمد موجب هڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪري سگهو ٿا."

"پر- پر مان پنهنجي زال سان پيار ڪيان ٿو ۽ هن سان گڏ زندگيءَ ۾ مطمئن آهيان........ رئيس"، هن لفظن تي زور ڏيندي چيو. "مان هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ زالون رکڻ جي اصول کي ننديان ٿو. اهو عورت سان نسورو ظلم آهي عورت جي سخت توهين. انسان جو مذاق." هن پاسو بدلايو. "ان ڪانسواءِ رئيس، مان اهڙن اصولن، احڪامن يا قدرن کي نندينڌو آهيان، جنهن مان انسان کي غلام رکڻ يا هن جي ڪنهن طرح سان توهين ڪرڻ جي اجازت هجي. پوءِ اهي اصول شريعت جي نالي ۾ هجن. اخلاقي قدرن جي نالي ۾ هجن يا سماجي ضرورتن جي نالي ۾ هجن....."

"پر شهزاديءَ جي پيٽ ۾ ٻچو اوهان جو آهي. اوهانجو تخم"، رئيس غصي گاڏڙ هلڪي جارحانہ انداز ۾ چيو.

ڊاڪٽر خاموش. منهن ڳاڙهو ٿيل.

منهن جو تخم؟ تخم؟؟...... بليڪ ميل ڪرڻ ٿو چاهي. ذليل. ڪريل ذهنيت. ڊاڪٽر ٽڪرا ٽڪرا خيال اُيا هن پاڻ کي نروس ٿيندو محسوس ڪيو.

آيو هو. احمق آهيان. بزدل." پڇتاءُ.

اڪيون شهزاديءَ جون، چڪ، ڀاڪر، بي خوديءَ وچان، چمي، چميون، ترپ، خود سپردگي مون چمي چو ڏني؟

'ڪنٽراسيپٽو' (Contraceptive).

هون، جلدي بازي.....

چهرو شهزاديءَ جو، چڪ، ترپ.

لاشعوري طور؟- پوءِ مون 'رليٽو مارلٽي (Relative Morali-ty) جو جواز ڳوليو، شعوري سطح تي...... پنهنجي اندرين غير واضح خواهش کي 'جسٽيفاءِ" (Justify) ڪرڻ لاءِ......... (نونو) (No, No) قطعي نه 'ائبسوليوٽلي نات" (Absolutely not) مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. ڪڏهن به نه. مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. مون سندس زندگيءَ ۾ ضرورت کي ٿي آڏو رکي. جيڪڏهن منهنجي آڏو محض خواهش جي تسڪين هجي ها ته مان ٻين ڪيترن هندن.

.اوهه، ڊيم اٽ.' (Oh, damm it)

۾ ڊاڪٽر خالي ذهن سان گاڏيءَ جي اسپيڊ تيز ڪري ڇڏي، گهر ڏانهن وڃڻ لاءِ.

ڊرتي 1974ع

بيماري ۾ ائين ٿيندو آهي. سو به ڪنهن مدي کان گهڻ ورتل ماڻهو، نيچرل آهي، دوا ته هن پياري هونديس. گوريون- سي به هن زوريءَ ڪارايون هوندس. ڪجهه وقت اوسيئڙو ضرور ڪيو هوندائين. اهو چئي هڪ نيم بنجي ويو آهي ته ان مهل جون گوريون ۽ صبح جو آفيس ۾ وڃڻ کان اڳ ۽ رات جو دوا مان ڏيانس. منجهند جي دوا سڪينا پيارينس.

جيتوڻيڪ اهو نيڪ ناهي، اوير سوير ته آهي ئي سهي ۽ اسان جهڙا ملازم ماڻهو، ٻين جي وس، پنهنجي وس جو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿي، محتاجي جا ٿئي، زنده رهڻ لاءِ. پر سندس عورتاڻو ضد؛ شام جون گوريون منهنجي هٿن سان وٺندي، اها چوڻي سچ آهي ته بيمار جو ضد ٻار جو ضد سمان ٿئي. پر اهو ڪو ايڏو اهم مسئلو ڪونهي جنهن تي مان پنهنجو مٿو پيو کپايان، اصل ڳالهه آهي ته مون کي هر حال ۾ سندس خوشيءَ جو خيال رکڻ گهرجي، اجايو پيو ڳڻتي ڪيان. سڪينه اهڙي آهي جو- زوريءَ ڏيون هوندائينس. هوءَ ته مونکان به وڌيڪ ٿي سندس خيال رکي. ها، جيڪڏهن هيءَ ويچاري هٿ نه وندائي ها ته-

کهڙي ته سباجهي ۽ لڄاري آهي. ويچاري ساهڙپ توڙي مائٽيءَ جو حق صحيح معنيٰ ۾ ادا ڪيو آهي. سواءِ ڪنهن غرض جي. شابس هجيس، نه ته هيڏو سارو ويڙهو آهي، ڪي ڏاريان ڪونه آهن، ڪنهن جي به ڪن تي جونءِ ڪانه چري! سندس هوندي، هن جي بيماريءَ جي تڪليف جو ته چڻ مونکي احساس ئي نه رهيو آهي، هھڙيون نينگريون ڪٿي؟ باقي جنهن گهر ۾ ويندي-

اڙي ها، سچي، تنهن ڏينهن مائس ٻڌايو ته ايندڙ مهيني مڱڻو ڪرائي ڇڏينداسين، ۽ پوءِ مهيني اندر شادي.

'بس ابا، مڙئي ٿيو ٻار لاهڻو، نيائي آ- نيٺ ڪيترو وهاريس، هڪ ڏينهن ته شينهن ڪلهي چڙهڻي آهي. پنهنجا پاڻ ۾ آهيون انو.....'

منهنجي خيال ۾ انو سندس لاءِ نيڪ ور ٿيندو. سٺو سڌريل آهي. روزگار سان. شڪل شبيهه ۾ به ويل ڪونه آهي، پر شڪل کي ڇا ڪبو؟ وڏي ڳالهه ته سڌريل آهي.

چُڱو، سندس لاءِ گوريون وٺڻيون هيون. ويچارن ئي ويچارن ۾- موتان اسٽور واري جو قرض به چڱو چڙهي ويو آهي. سمجهان ٿو ته ٽي- چار سئو ته ٿي ويا هوندس، ڪٿي پنجن سون کي نه ڏڪ لڳو هجي! گذريل پڻ مهيني کان پائي به ڪانه ڏني اٿمانس. دوائون به ڏينهون ڏينهن وڃن

چڙهنديون. نہ آهي حد نہ حساب. قرض- بہ هزار کن ٿي ويو هوندو: آفيس مان ايڊوانس، دڪاندار جا، ڇا ٿيندو....؟؟

(ڳڻتيءَ جو وجود کي وڪوڙجڻ)

لهي ويندو. حياتي آهي تہ پيو لاهبو. رڳو سندس جان بچي، پيسن جو ڪهڙو ملهہ! اصل ڳالهہ زندگيءَ جي آهي. اهي لاها چاڙها تہ مڙسن تي ايندا ئي آهن.

ڪيڏو نہ شريف آهي. هيترا دوائن جا پيسا ٿي ويا اٿس، پر محسوس ئي ٿيڻ نہ ڏنو اٿائين. فائدو-؟

مان سمجهان ٿو تہ- پر ڊاڪٽر تہ چوي ٿو، ٺيڪ ٿيندي پئي وڃي. مونکي تہ ڪو خاص فرق نظر نٿو اچي. باقي بچيو ڇا اٿس. هڏا ۽ چم. ممڪن آهي ڊاڪٽر رسمي طور آٿت ڏيندو هجي، سندن پيشو ئي اهڙو آهي. مريض کي، سندن مائٽن کي پر اميد رکڻ ضروري ٿيو پوي. هڪ قسم جو نفسياتي اثر. هونئن بہ اُميد وڏي شيءَ آهي. اميد جي آسري تي سجي دنيا پئي هلي. مونکي پُر اميد هئڻ گهرجي. ڪڏهن بہ ائين- خدا نہ ڪري، سوچڻ نہ گهرجي. ڏٺي چاهي تہ ڇا نٿو ٿي سگهي.اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪجهہ بہ ناممڪن نہ آهي. رڳو پيسو هجي، هوءَ تہ اڃايو.........

'بس مهيني ڪان وڌيڪ جيئري رهي نہ سگهنديس. تو منهنجي لاءِ'

نہ نہ- چري. ائين نہ چو.'

هون: هڏا ۽ چم. مشڪل چڙهي!

نہ- روڳي انسان اهڙيون نااميديءَ جون ڳالهيون سوچيندو آهي. فطري بيماريءَ جي حالت ۾ زندگيءَ سان دلچسپي رهي ئي ڪانہ ٿي. پر- مونکي ائين سوچڻ نہ گهرجي. مان تہ تندرست آهيان، پر سندس ناچاڪائيءَ مونکي بہ ڪنهن حد تائين- نہ. گهرجيم تہ ڪيس آٿت ڏيندو رهان. زال جي حيثيت سان سٺو نڀايو اٿس. مونتي ٻلهار ويندي هئي.اهو احساس ٿيڻ نہ ڏنائين تہ ڪو منهنجو الڳ وجود آهي. هر خواهش پوري ڪيائين. هر طرح جو خيال. نہ تہ اڄ زالون آهن جو مڙسن کي ٿيون دوڙا ڏيکارين. مجال آ ڪو مرد- پر هن تہ مون سان-

بيماري: اها تہ قدرت جي وس جي ڳالهہ آهي. اڙي ها. سندس لاءِ فروٽ بہ وٺڻو آهي. متان ڪلهہ وانگر وسري وڃيم. هيءَ ويسر تہ- سندس ئي بيماريءَ ڪري؟ الڪو تہ رهي ئي ٿو. سڄو گهر ڊانوان ڊول ٿي ويو آهي.

گهر ڇا، سڄي زندگي ڊانوان ڊول ٿي وئي آهي، ڪهڙا نه خوش هوندا هئاسين. پنهنجي حال ۾ مست. گهر جي ننڍڙي دنيا. جائي به تندرستيءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪانه آهي، هاڻي گهر ڪهڙو نه ويران ويران ٿو لڳي. جڻ ته ڪو راڪاس گهمي ويو هجي. ها، عورت جو وجود ڪنهن گهر لاءِ ڪيڏو نه لازمي آهي، گهر ۾ عورت آهي ته زندگي آهي. نه نه- شايد. عورتون وري ائين سوچينديون هجن: گهر ۾ مرد جو وجود لازمي آهي، گهر لاءِ دراصل ٻنهي جو وجود لازمي آهي.

ها، ڏاڍو مزيدار ٽوٽڪو هو: زال ۽ مڙس پاڻ ۾ نه ٺهندا هئا. زال ٿلهي ته مڙس سيپڪڙو، پاڙيسري سندس جهيڙي کان تنگ ٿي پيو، سو هڪ ڏينهن وٽن اچي سمجهائڻ لڳو. ’زال ۽ مڙس هڪ ئي زندگيءَ جا به ڦيٿا آهن، جيڪڏهن هڪ ڦيٿو خراب ٿي پيو ته، زندگيءَ جي گاڏي نه هلي سگهندي‘، ان تي ٿلهي زال جي سنهڙي مرد، ڀرين زال ڏانهن پوءِ پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي ورائيس ته: ’ميان، جڏهن هڪ ئي زندگيءَ جو هڪ ڦيٿو ٽريڪٽر جو ۽ ٻيو ڦيٿو رڪشا جو هجي، ته پوءِ ٻڌاءِ ته اها زندگيءَ جي گاڏي ڪئان هلندي؟‘

ويچارو سمجهائيندڙ پاڙيسري پيلڙو منهن ڪري واپس هليو ويو. دراصل جتي ٻنهي جو وجود لازمي آهي، اتي ٻنهي لاءِ ذهني هڪجهڙائي به لازمي آهي. نه ته گهر ٻسو ۽ جهيڙي جو اکاڙو، زندگي نامڪمل ته نهيو، پر مرگهٽي زهر......

جي هيءَ مري وئي.....

(ڳڻتيءَ جو گهرو احساس، هن ڀيانڪ سوال مان، ته پوءِ ڇا ٿيندو.)

نه نه، ڏئي خير ڪندو، مونکي چڱائيءَ جي اميد رکڻ گهرجي.

(پاڻ کي ڏڍ ڏيڻ باوجود به، ذهن اندر زوريءَ گهڙي ايندڙ خطري جو احساس)

هو: "اڄ دير ٿي وئي"، مرڪي. معاني انداز ۾ "دراصل..."

هوءَ: "مڙئي خير آهي"، ٻهڪندڙ چهرو، مرڪ چپن تي.

هو: "دوا پيتئي؟"

هوءَ: "ها."

هو: "گوريون به؟" هلڪي مرڪ.

هوءَ: "ها- اڄ مڙئي فرق پيئي پانيان".

هو: "ها ها. تون هاڻي جلد نوبني ٿي ويندين. ڊاڪٽر چيو ٿي ته تون هاڻي تيزيءَ سان تندرست ٿي رهي آهين.."

هوءَ: "اهي مٺا ڊاڪٽر ته ائين ئي چوندا آهن. نه ته ڪمائي ڪٿان ٿيئي."

هو: "نه نه- پنهنجو ڊاڪٽر مجيد ڏاڏو ايماندار ۽شريف انسان آهي. ڏس نه، توکي ڄامشوري جي وڏي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ هن ويچاري ڪيڏي نه ذاتي ڪوشش ورتي، پر هتي ته آهي انڌي نگري وڏن ماڻهن جي سفارش ۽ پيسو...."

هوءَ: "باهه ڏينس مٺي کي، ان مارئي جي شڪل به ڏٺي نٿي وڃي، سيون هٽي هٽي پرڻ ڪري ڇڏيو اٿائين."

هو: "نه نه- چري. انهيءَ ۾ پنهنجي ته ڇڱائي آهي. نيٺ تندرستيءَ لاءِ اهو ته سهڻو پوندو."

هوءَ: "نهيو. ڇڏ ان مٺي جي پچار." مرڪ سان.

هو: "سڪينا ڪانه ٿي ڏسجي. هلي وئي؟"

هوءَ معنيٰ ڀريل نظرن سان، هلڪا مرڪيل چپ ڦهلائيندي، ڏانهنس غور سان ڏسي ٿي.

هو: "تون اڄ سچ پچ خوش ٿي نظر اچين." خوش ٿيندي.

هوءَ: "چو نه ٿينديس." ماڻي جي هلڪي ادا: ڪنڌ ۽ جسم جي لوڏ. معنيٰ ڀريل نظرن ۽ يڪوڙيل پر ڦهلايل چپن سان. ماڻي ۽ مرڪ جي انداز مان خوشي ٽمندڙ.

هو: "اڄ جائي ڀائي ڀهڪين پيئي-"

هوءَ هلڪو شرمائي ٿي.

هو خوشيءَ، عجب ۽ پيار ڀريل نظرن سان ڏانهنس ڏسي ٿو.

ٻئي چپ. ڪي ڪن رکي-

هو: "ها- سڪينا وئي هلي؟"

هوءَ: "سڪينا-؟" معنيٰ ڀريل سوال. ساڳي ادا سان هلڪو ماڻو.

هو: "ها"

هوءَ: "پر سڪينا ته اڄ صبح کان پوءِ آئي ئي ڪانهي." ساڳيون معنيٰ ڀريل نظرون.

هو: "ڇا چيئهِ! آئي ئي ڪانهي!" اچرج.

هوءَ: "نه-" ساڳيو معنيٰ ڀريل انداز.

# پلاند

جتي هن ڪان ڪي گهڙيون اڳ گهوٽين طرفان ڪنواريتن ڏانهن وڃڻ ڪري، جڳمڳ ڪندڙ روشنيءَ ۾ عــورتن جي ڇڏيل سڳنڌ هوندي بہ، سانت، ويراني ۽ هڪ قسم جي اڻٽڪائي ڇانيل هئي اتي اينڊڙ ڄڄ جي گوڙ، شرنائن ۽ دهلن جي سريلن ۽ عورتن جي رس ڀريل آوازن زندگيءَ جي ڀرپور وير آڻي ڇڏي:

چڙهي گهوٽ، گهوڙي آيو-
ڪٿي آيو،
ڪٿي آيو،

گهر ۾ گهڙڻ شرط پينرن، سوٽن، ماساتن ۽ ٻين جيڏين سرتن دهل سنيالي، ٿالهہ ڪنيو. منو سريلو گهري، ڀرپور ۽ سچي جذبي ۾ وهنتل آواز، جنهن ۾ خود انهن ڪنوارين نينگرين جي آس اميدن، خوابن ۽ ارمانن جو اولڙو هو، رات جي سيني کي چيرڻ لڳو:

رڪ صندليءَ تي پير،
منهنجا مور لاڏا!
گهورون گهوڙئي پيڻ،
منهنجا مور لاڏا!
منهنجا مور لاڏا.....

ڪنوار ڀهريون ڀيرو پنهنجي ساهري گهر پير رکيو. باڇاهہ پير جا پلاند هيٺان، جيڪو گهوٽ -ماءُ پنهنجي رئي مان ڏاهيو هو. ٻئي- گهوٽ گلڻ ۽ سندس ڪنوار- وڪ وڪ ۾ وجهندا، سيج ڏانهن وڌڻ لڳا. هلندي هلندي گلڻ کي هلڪو ڌابو آيو جو موڙن ۾ سجو منهن ڍڪيل هيس. ماڻس جي واتان نڪتو بسملهايون، ابو منهنجو! ضرب تہ ڪانہ آيئي؟"

"نہ اما." گلڻ موڙن هيٺان، اندران ئي وراڻيو.

پوءِ گهوٽ ماءُ سائڻ گڏوگڏ ۽ اڳيان اڳيان هلندڙ نينگرين ۽ زالئائن کي ڇهڙ ڏيندي چيو: "ميـون، دڳ تہ ڇڏيو، ويهڻ تہ ڏيون، پوءِ پيون ڏسجو." سندس آواز ۾ تيزيءَ سان گڏ دٻيل غرور جو اهو پاڇولو بہ هو، جيڪو هر سوڀ حاصل ڪندڙ وجود مان بڪندو آهي. ۽ پوءِ، ڪنوار کي سيج تي وهاري رڙ ڪيائين: "وڃٽا!" ۽ ان سان گڏ، دهل جي چوٽاري ويٺل

هيٺ روحاني اذيت پهتي هئي. سوچيو هئائين، هوند زمين ڦاٽي ۽ ان ۾ دٻجي وڃان. ۽ ان گانپوءِ پهتل جسماني ايذاءُ، سندس روح کي فنا ڪري ڇڏيو هو.

هن وقت، ذهن تي تري ايندڙ ياد ۾، اهو احساس ۽ شادي جي پهرينءَ رات پهتل جسماني ۽ روحاني پيڙا واريءَ حقيقت جو ڪٿو ٻه ڪونه هو. رڳو لاشعوري وهڪ ۾ تري ايندڙ ياد جي حد تائين نلهي ياد سواءِ ڪنهن احساس جي. اهو سوچيندي: سندس چپن تي هلڪي مرڪ ڦهلجي ويئي ۽ ان سان گڏ ذهن جي پردي تي، اندر، گلڻ سان گڏ پوريل ڪنوار جو جسم تري آيو- ائين، جيئن شاديءَ جي پهرينءَ رات سندس هو- بيوس ڦاٿل، روحاني ۽ جسماني اذيت ۾ ورتل. پر ڪنوار جي اذيت ۽ بي وسيءَ جو تصور ڪيس مزو ۽ تسڪين ڏيڻ لڳو- عجيب قسم جي تسڪين! گلڻ جو تصور جيڪو هوبهو ڪيس پنهنجي مڙس جي پهرينءَ رات وانگر سگهارو، مضبوط ۽ جارح نظر آيو، ان جي هر جارحيت ۾ ڪيس پنهنجي وجود جو پاڇو نظر آيو ۽ سندس دٻيل انا. غرور جي شڪل وٺي اسرڻ لڳي ۽ چوٽيءَ تي چڙهڻ لڳي.

سجاڳ ۽ چوٽيءَ تي چڙهيل انا هيٺ، غرور، تڪبر ۽ سوڀ جو احساس سندس سڄي وجود ۾ تيزيءَ سان ڊوڙي ويو. ۽ ڏنائين ڪنوار کي جيڪا گلڻ اڳيان بيوس هئي، ۽ ڏنائين گلڻ کي، ۽ پوءِ گلڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي......

گهري اطمينان، تسڪين ۽ سوڀ واريءَ برتريءَ جو احساس سندس رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳو.

صبح جو جڏهن هوءَ ڪم ڪار ڪاڻ هيڏانهن هوڏانهن هلي رهي هئي، ته سندس هلڻ جي لوڏ ۽ انداز مان ماٺيل سوڀ جو چٽو احساس بکي رهيو هو.

نئين زندگي 1975ع

# ڪاري

انجام پاڙڻ لاءِ: وقت ۾ واجهه وڌل. وقت چميل. رڙهي ٿيو. ڳجها ٿڌا ساهه. اتاولو من. اُماڙيون اندر ۾. پڇي راس ٿيندڙ آس. آسائتيون اکيون. ڊانوان ڊول ڪندڙ مانڊاڻ. اڻ- پورا جواب. ڳنڍل ورائيون. منڊيل وقت رڙهي ٿي ٿيو.

جهومر تارا. اُپ ۾ اکيون. اندر ۾ مانڊاڻ. چوڦير اونده جون چوليون. لڏندڙ لمندڙ آسائتو من. ٻک ۾ پاهه. پوءِ به اجهل وکن کي هونش جا پيڙا وڌل. متان: ٻوريل آس جهوٽي تي ڇٽي پوي.

اونده جون چوليون. ٻڌل لوڪ. ٻر ٻر تڏڪار جي ورڪا ۾ دفن ٿيل. آسائتيون اکيون اُپ ۾ ڪتل. اجهل وکون پيڙا ڇڏائيندڙ. اٿل آيل: چوڦير نگاهه. ساهه مٺ ۾. پوءِ به جوکو پيرن هيٺان لتاڙيندڙ وقت تي لانگ ورايل. اٽڪيل ساهه. اجهل وکون. يار ڏانهن. رٿي جو پنڌ ڪو. مڙداني همٿ. وک وک ۾. اندر جي آدمي جي ڇير تي اجهل وکون. پير. پير ۾.

اونده جو اٿاهه سمنڊ جهاڳيندڙ. من جي اک سان هرگس چلڪندڙ. ڪنڊن پيرا لتاڙيل. تنهن ڪري ڇاتل سڃاتل. اجهل وکون ديري ۾. آس مروٽيل. اپاٽڪو من. جو. ڪاريءَ وارا ڪک. اچا به يار نه آيو!

اوسيٽڙي ۾ اکيون پنل. منڊل من. هٽي. هن هنڌ ڪنڊن پيرا ماٺيل- وڃايل. وڃائي ماٺيل. ماٺي- وڃايل گهڙين جي سڳنڌ ۾ ٽٻيون. آڏڪو:

اچا نه آيو!

هورا- ڪورا ساهه جي.

اوس ايندو.

آٽت من کي.

مڃاڻ.

ڪٽڪو. ڀر شڪ جو ڳس نه. انڌو ويساهه. انڌي من وانگر.

اجهوڪي ٻوياڙيءَ جو پهر-

اونده جي پاتال ۾ اوسيڙي پنل نيڻ آسائتا. اُڻ-تڻ. هورا ڪورا.

ڪڙ- ڪڙ. سڪل ڀن لتڙ آيل. اٿاهه سرهائيءَ هيٺ. اوسيڙي جو عذاب گهٽيل.

انگل، ڪوڙو روسامو:
دير ڪيئي؟
اڪ لڳي وئي هئي.
منهنجي اڪ نہ لڳي. سومهڻيءَ ڪان وٺي پئي واجهايم.
پرچاءَ. ايلاز. مٺيون ايلازن جون. ميڙن منٿن ساڻ.
ٽونڪر: شابس ٿئي.
وري نہ ٿيندو،
انجام
ڏاڙهي
رهاڻ. اڻ- ڪٿ ڳالهيون.
پوربل آس ڇٽي پئي، مـٽل، مـانداڻ ۾ اٿل. وير چنڊ کي ڇهڻ لاءِ
تڙپڻ لڳي. ڌرتيءَ کي پوانتي آئي.
ڄين جو اٽڪاءَ:
اڄ نہ پڇايون
اڄ
ساهي ڪار ناهي
اٽڪيل، ڄيون، جهاڪا ڪائيندڙ ساهہ. ڪِين جي پگهر جي بوءِ ۽
بيڙين پيتل ساهہ ۾ بولاٽيون.
بس!
ساهي وٺان
وٽ نہ ڏيندي سياڻ،
ادمبر وچان ايام
وري ساڳي ڪار. هر لوچ سپڻ جي بولاٽي. هر بولاٽي سپڻ جو
ڏنگ. هر ڏنگ اُبيڙيندڙ ساهہ. بولاٽيءَ جي لوڏ حياتيءَ جي جوٽ جلائيندڙ.
تارن جي اڪ- پوٽ. جهر- مر تارا. اوندهہ جي ساگر ۾ ڇوليون. ڇوليون
ڀهندڙ- نـهندڙ. اڻ- ڪٽ سلسلو ڇولين جو. ڪَپ ڪي رسڻ لاءِ آتيـون.
لانگ، لانگ تي. وقت تي لانگ ورايل. وقت بيٺل. ڌرتي بيٺل. ديرو بيٺل.
سڀ ڪجهہ وڃايل. اوجهل. پاڻ بہ.
اُبڙيل ساهہ پولار ۾ تيز ڪائيندڙ. وير چنڊ کي ڇهي واپس ورندڙ ۽
پوءِ ناپر. ڇوڦير سانت. ساٺي ڌرتي. ساٺو ديرو. هلڪي ٿڌڙي هير. ساٺن
لڱن کي ڪتڪتائي ڪندڙ. اُبڙيل ساهن کي سنواريندڙ.

ڪا مهل اٿين-
موڪلايون
وري انجام
سيان هن ويل؟
نہ-.
پرهين،
روز روز نہ ڪڙڪ نہ پوي
هتي؟
پلي
نہ- ڪينچيءِ واري پل تي
پر
چنچلتا:
چرءِ اک نہ لڳي وڃئي
ديپل تهدً ياڪر. ساٿيون منيون تنداڪڙيون.
موڪلائي:
وک، وک ۾، دهڪو دل جو. جوڪو پيرن هيٺان لتاڙيل، پر وقت جي لانگ ورايل. اڊڪي ساھ: ڪا مهل نہ. ڪنهن جهڙي. هوشائيون وڪون، تن ۾ بيڙا وڌل. سجاڳ من جا سانتيڪا چوڪس حواس. وک، وک ۾ نہ وچڙي.
سپ سک.
پوءِ: مائيل گهڙين جي اولڙن تي اڏيل، سامائيل سپنا.
ٻور جهلينڌڙ. جهوٽن لاءِ آسائتا ڇٽڇڻ لاءِ.
وقت ۾ واجهہ وڌل. وقت ڇميل. رڙهي نٿو. ڳجها تڏا ساھ. اُتاولو من، اُمازيون اندر ۾. پڇي راس ٿيندڙ آس. آساڻيون اڪيون، ٻانوان ٻول ڪندڙ ماندائي.....
منديل مٺو وقت رڙهي ٿي نٿو!
جهرمر تارا. اپ ۾ اڪيون. اندر ۾ ماندائي، چوڦير اوندھ جون چوليون. لڏندڙ لمندڙ آسائتو من. بک ۾ پاھ. پوءِ بہ اجهل وکن ڪي هوش جا بيڙا وڌل. متان: آس جهوٽي تي ڇٽي پوي.
اوندھ جون چوليون، پڏل لوڪ. ٻرٻر تڏڪار جي ورڪا ۾، دفن ٿيل. آسائتيون اکيون اپ ۾ ڪتل. اجهل وکون بيڙا ڇڏائيندڙ. اٽل آيل: چوڦير

نگاهہ ﻣﭡ ۾ ساهہ. پوءِ بہ جوڳو پيرن هيٺان لتاڙجندڙ. وقت تي لانگ ورايل. وقت پيرن هيٺان اٽڪيل ساهہ. اجهل وڪون، يار ڏانهن. رٿي جو پنڌڪو. مڙداني همٿ. وک، وک ۾. اندر جي آدمي جي چير تي اجهل وڪون. پير، پير ۾.

اوندهہ جو اٿاهہ سمنڊ جهاڳيندڙ. من جي اک سان هرگس چاڳندڙ. ڪيئن پيرا لتاڙيل، تنهن ڪري چاتل سڃاتل.......

يار اڳ، اوسيڙو ڪندڙ.

اوتجي آيل پوڳ جو خيال من ۾:

مڙدانو آواز ٺاهي:

'متان ويو آهين.'

سراپيل همراهہ. ٽپيءَ ۾ پيل. پوءِ، امالڪ ياچ.

دهيل ٺهڪڙن جي ڦوهار ٻانهن ڪان جهلي، ڀاڪر ۾ پڪڙ.

'گيدي آهين.'

'ٻلي. تون هئين.'

'ڪيڏانهن پئي ڀڄين؟'

'مون سمجهيو-'

'تو سمجهيو اجهو ڏٺي اچي پڳا.'

'نہ، تڏهن بہ هوشيار تہ رهجي.'

ڏاهپ جا ٻول!

'ڏڄين ٿو؟'

'نہ جاني، تڏهن بہ ڪنڪو تہ-'

ٽپيءَ ۾ پيل!

'جي اهڙي مهل اچي-'

اونهي کوهہ مان جهيڻو آواز.

'سر لڳي.'

'پڪو انجام.'

'مڙسائي ڏاڙهي.'

'پٺي نہ ڏيندين؟'

'اهو لعنتي ٿئي.'

وربل ويساهہ. اڄ- مٺي خوشيءَ ۾ اوتيل. ٻاهوهہ جا گل پڪڙيل ڳلن تي. ڳچيءَ ۾ ٻانهن جو هار. چمين جي ورڪا.

ٿيل.

هڪ ٻاجو ڀڄندڙ.

يار جي ٻاچ جي وڪ. گهوٻاٽو. هنياءَ تي ٺهڪو ٿي لڳندڙ.

ڪوماٽيل ذهن. ڪوماٽيل حواس. سر تي آئي، منهن ڏٻو.

ڪوماٽيل ذهن ۾ سوچ جو ترورو. پاڻ سنڀاليل؛

’حيف ٿس.‘

’نه وٺي آهين رن.‘

پولار ۾ ٻولاٽيون ڪاٽيندڙ آواز ڪي سڃاڻڻ لاءِ؛

ادو؟

امالڪ چوٽيءَ ۾ هٿ. ستُ ڪريل رن. ڪٿي، ڪيڏانهن ڀڳئي يار؟

اوسان خطا. ڪجي جهڙي ڀت.

يار جو لفظ ٻت ٻٽيل لڳن ٿي چنبو ٿي لڳل. ٿتل. ٻڙڪا ڏيندڙ پاٽيءَ جو چنبو؛ روح ۾ ڦلڪڻو ٿيل.

’آ- اڇي ٿو-‘

چمڪاٽ. وڃ ڪريل. ڪنڌ لڙيل. ڏڪ متان ڏڪ. ٻت ڌرتيءَ تي زيڪو ڪري ڪريل. ڳڙڪايل ڪيڪرات. رات جي اونداهين سانتيڪي سمنڊ جي پيٽ اندر.

۽ پوءِ ساڳي سانت.

ٻئي ڏينهن، سج ايرئي راڄ ڏٺل؛ واهه ۾ لڙندڙ لاش سڃاڻپ وڃايل. چيائون ’ڪاري.‘

۽ پوءِ سڀ پنهنجي پنهنجي ڪرت سان لڳل.

- مهراڻ 1977ع

# ڦرين انام کھاڻي

اڄوڪي صبح واري اخبار جي اهم خبرن منجهان هڪ خبر: پنهنجي ڌيءُ کي مارينڊڙ، شهر جو برک ۽ جهونو وڪيل گل محمد، جنهن تي پرهين، ڪورٽ ۾ پنهنجي ڌيءُ کي مارڻ جي ڏوهه هيٺ ڪيس هلنو هو، سو رات پوليس جي ڦري هيٺ وارڊ ۾ مئل لڌو ويو!"

هن ڪيس جي اهم خاصيت هيءَ هئي ته: نه رڳو وڪيل صاحب جي ڊاڪٽر، سندس زال، جيڪا به هڪ پڙهيل ڳڙهيل عورت آهي ۽ سندس وڏي پٽ، جيڪو به چڱي خاصي عهدي تي آهي، جي بيانن منجهان، پر مرحوم جي همٿ واري ميجتا منجهان پڌرو هو ته شهر جي ڏاهي وڪيل پنهنجي ڌيءُ کي جاڻي واڻي ۽ سٽيل رٽا پٽاندر ماريو هو.

مرحوم جي زال ٻڌايو:

"منهنجي هڪ ئي نينگري، جنهن کي منهنجي مڙس سعيو ڪري ماريو، سا ننڍپڻ کان وٺي ئي چري هئي. اسان سندس علاج ڪرائڻ ۾ وسان ڪين گھٽايو. ٺيڪ ٿي ويندي هئي، وري ساڳي حالت. ملڪ جي وڏين وڏين اسپتالن ۾ ۽ ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ کان پوءِ به، جڏهن سندس صحت مڪمل طور نه سڌري ته پوءِ اسان ڪيس آمريڪا نيئي وياسين. اتي سندس علاج تي هزارين روپيا خرچ آيو. پر، خير سندس حالت ڪافي سڌري. اتي ٻن- ٽن مهينن دوران چريائپ جو مٿس ڪو به شديد دورو ڪونه پيو. جيئن ته رڙيون ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، پنهنجي سر منهن ڪري لوهه پائي پڄڻ، يا وڙهڻ وغيره. البت چپ چپ ۽ موڳي موڳي رهندي هئي. ماهر ڊاڪٽرن ٻڌايو ته آهستي آهستي نارمل ٿي ويندي. اسين ڪيس واپس وٺي آياسين ۽ دوائن جو ڪورس ڪيس باقائدي ڪارائيندا رهياسين. هتي به مهيني ڏيڍ تائين ساڳي حالت ۾ رهي. چپ چپ ۽ موڳي موڳي. ڳالهائيندي هئي ته موڳائپ سان ۽ ڄڻ سوچيندي سوچيندي ياد ڪندي ڪندي.......

"خير، اسان کي ويساهه هو ته اسان جي اڪيلي ۽ پياري نينگري ٿوري ئي وقت ۾ نارمل ٿي ويندي. وڪيل صاحب وٽ به جونيئر وڪيل ها، جي وٽس سکندا ها. انهن منجهان هڪ سلڇڻو ۽ شڪل شبيهه جو ناهوڪو جوان هو. وڪيل صاحب جو مٿس ڏاڍو راز هو. غريب هو، پر ڏاڍو مخلص ۽ ايماندار هو. وڪيل صاحب خيال ڪيو ته ڇوڪري به هاڻي ٺيڪ

ٿيندي پٺي وڃي، سو سندس شادي انهيءَ نوجوان، پنهنجي جونيئر وڪيل سان ڪرڻ لاءِ سوچيائين. مون سان صلاح ڪيائين. جو مرحوم سدائين منهنجي ڳالهه کي رکندو هو. سندس نظريو هو تہ زال زندگيءَ جي ساٿڻ آهي، دوست آهي، دوستن جا باهمي لاڳاپا سدائين هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي هوندا آهن، نہ عام رواجي زال- مڙس جي لاڳاپن وانگر، جن ۾ زالن مٿان مردن کي برتري هوندي آهي. هو انهن مذهبي تصورن تي ننڍوليون ڪندو هو، جن ۾ مردن کي مجازي خدا ڪوٺي، عورت تي لازم ٺهرايو ويو آهي تہ انهن جو هر طريقي سان خيال رکن ۽ نالي ماتر عورتن جي حقن جو ذڪر ڪري، عورتن لاءِ مردن جي خدمت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ فرض ٺهرايو ويو آهي. الا ڪيڏو نہ عظيم انسان هو پاڻ!

"خير، مون کي بہ سندس اهو خيال وڻيو. ڇوڪرو مون کي پسند هو. ڇوڪري ۽ سندس ماڻٽن بہ ها ڪئي. سچ پچ اسان کي هڪ نئين حياتي ملي. وڏي ڳالهہ تہ اسان، پنهنجي منڙيءَ لاڏليءَ سان بہ ذڪر ڪيو، هن بہ انڪار نہ ڪيو. بس! مان چا ٻڌايان..... خوشيون ئي خوشيون هيون.

۽ پوءِ اوچتو، هڪ رات........

"مان سمجهان ٿي تہ ان ويل رات جا ڏيڍ ٻہ ٿيا هوندا تہ اوچتو منهنجي راڻي (مان کيس پيار مان سڏيندي هيس) دانهن ڪري اٿي. ۽ پوءِ، انهيءَ وقت کان پوءِ وري ساڳي حالت! هتي ڊاڪٽرن کي ڊيڪاريوسين- پر وقتي آرام، پوءِ ساڳي حالت. وڪيل صاحب بنهہ نااميد ٿي پيو. بس، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ ڇوٿين- پنجين ڏينهن کيس ڪورٽ ۾ ڪيس هلائيندي دل جو دورو پيو. خدا خدا ڪري پاڻ بچيو.

"منهنجو خيال هو تہ، نوجوان جونيئر وڪيل سان جنهن سان ڳالهہ ٻول هئي، راڻيءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيون. من شاديءَ کان پوءِ چڱي ٿئي. پر انهيءَ جي ابتڙ وڪيل صاحب جو خيال هو تہ، اهو وڏو انساني ڏوهہ ٿيندو. ڇوڪريءَ جي حياتي تباهہ ٿيندي. ۽ اسانکي اهڙو ظلم ۽ ناانصافي ڪرڻ نہ گهرجي، جو پنهنجي زندگيءَ جو عذاب، جيڪو اسان کي هڪ جٺيندڙن جي حيثيت سان مليو آهي، اهو هڪ معصوم ۽ اڻ لاڳاپيل انسان جي مٿان مڙهي ڇڏيون. اها سراسر بي انصافي ۽ مهاپاپ ٿيندو. مون کي سندس هن دليل، راڻيءَ جي شاديءَ ڪرائڻ کان باز رکيو تہ: ماءُ ۽ پيءُ جي حيثيت سان ۽ هڪ ٿي ڏيءُ هجڻ جي ڪري پاڳلپڻي جي ڪارڻ پيدا ٿيندڙ

ڏکن ڏاڪڙن واري بار کي رضا خوشيءَ سان کڻڻ ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي ڏک ۽ شڪايت ظاهر نه ڪرڻ جو اسان اڻ لکيل ناهه ڪيو هجي. پر ڪنهن ڪنهن مهل بار کڻڻ جو سَت نه ساري، پنهنجي هن ڪمزوريءَ جو اظهار خاموشيءَ سان ڪندا هجون. جو ناهه موجب اسانکي ڪجهڙو ڪونه هو. گهڻ ۾ گهڻ مونکي ائين لڳندو هو. ۽ هيءَ خاموشي به مونکي ائين پئي لڳي. خاموشي: بار هيٺ ڪنجهڻ ڪرڪڻ سان پريل.

اوچتو چيائين:

’اڳاٽي يونان جي تاريخ ۾ اسپارٽين جي باري ۾ پڙهيو اٿئي؟‘

وراڻيم: ها. هن جي حياتيءَ جو متو هوندو هو: ’وڙهو ۽ سوڀ حاصل ڪيو‘ جن جي ڪارڻ اڄ ’اسپارٽين‘. جرئت ۽ بهادريءَ، سگهه ۽ سورهيائيءَ، سادگيءَ ۽ سڌي سنواٽي هجڻ، فوجي ۽ سَتت ٺي فيصلي ڪرڻ واري خاصيت کي علامت طور ورتو وڃي ٿو. ۽ هنن، ڪنهن پيري پوري يونان تي شان ۽ دٻدٻي سان حڪومت به ڪئي هئي....‘

چيائين: ’نه- منهنجي خيال جو مقصد تاريخ جي نصابي ڄاڻ حاصل ڪرڻ نه آهي.‘

پوءِ نوڪريائيءَ هٿان سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ ماچيس گهرايائين. مون کيس سخت منع ڪئي هئي. منهنجي جهلڻ تي کلي وراڻيائين. ’زنده رهجي ته ڪنهن به پيڙا پوڳڻ کان سواءِ، سڪون ۽ اطمينان سان. چاڪاڻ ته زندگيءَ جو جو هر سڪون ۽ اطمينان ۾ آهي. پوءِ پل اها ڪيتري ٿي مختصر زندگي چونه هجي. هينئر منهنجي ذهني سڪون لاءِ سگريٽ تمام ضروري آهي. انهيءَ ڪري هن وقت سگريٽن کان جهل معنيٰ ته سڪون کان جهل آهي.‘

اهو سڀ ڪجهه انتهائي ۽ سنجيدگيءَ سان چيائين جيڪو مونکي سندس طبعتي ۽ ڳالهائڻ جي عام رواجي ڍنگ کان نرالو ۽ ابتڙ لڳو. خير، مون سوچيو ته ممڪن آهي ته بيماريءَ جي ڪري ائين هجي، سياويڪ آهي. سو مون ڪلندي چيومانس، دل جي بيماريءَ توکي وڪيل مان فلاسفر ناهي ڇڏيو آهي.‘

ساڳي سنجيدگيءَ (جيڪا پڻ مون کي غير رواجي لڳي) سان چيائين: ’هر لوچ، سوچ کي جنم ڏيندي آهي. مان انتهائي سنجيدگيءَ سان هڪ سنجيدي مسئلي جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان. توکي هيءَ ته ڄاڻ هوندي ته اسپارٽين پنهنجن ڪمزور، نبل ۽ روڳي ٻارن کي جيلن ۾ ڦٽو

ڪري ڇڏيندا هئا. تنهنجو ڇا خيال آهي؟'

ورائيم: 'اهو سراسر ظلم هو. ڪيس هو.'

چيائين 'ٿي سگهي ٿو. پر انهيءَ ۾ هن لڪل سچائيءَ کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي تہ اهي نبل ۽ روڳي انسان، جيڪي اڳتي هلي، وڏا ٿي، زندگيءَ تي بار بڻجن، يا زندگي مٿن عذاب بڻجي، تنهن کان بهتر آهي ۽ سندن بہ انهيءَ ۾ ڀلائي آهي تہ انهن کي اسرڻ کان اڳ ئي ناس ڪيو وڃي. تون هن ڪـان انڪـار ڪري نٿي سگهين تہ: زنده رهڻ، بذات خود ڪنهن معنيٰ کان خالي ٿي نٿو سگهي. هر زنده وجود جون سرگرميون ۽ موجودگي ڪو ڪارج، ڪو مفهوم ۽ ڪا معنيٰ رکن ٿيون. خاص ڪري انسان جي لاڳاپي سان ھيءَ چئي سگهجي ٿو تہ انسان جو وجود، ٺلهو خالي ٺلهو جيئڻ تائين محدود ناهي، پر مفهوم ۽ ڪا معنيٰ رکي ٿو.........

"۽ چيائين: 'Struggle for existence' ۾ سرتو وجود ئي جيئرو رهي سگهي ٿو. منهن ڏيئي سگهي ٿو. زندگيءَ کي پنهنجن مقصدن پٽاندر بدلائي سگهي ٿو. جيڪو جيو. هن چٽاڀيٽيءَ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي صلاحيت تہ نهيو، پرپنهنجي وجود کي برقرار رکڻ جي صلاحيت بہ نٿو رکي ۽ پنهنجي نبل ۽ روڳي وجود ڪارڻ ٻين تي ۽ پاڻ تي بار بڻيل آهي. انهيءَ کي ختم ٿيڻ ئي گهرجي. ها ختم ٿيڻ ئي گهرجي.....'

"جيتوڻيڪ مونکي اوچتو ئي اوچتو هلڪو احساس ٿيو تہ پاڻ کهڙي ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي اها اپٽار ڪري رهيو آهي ۽ سچ پچ مون کي سندس ويچار انتهائي ڀوائتا ۽ خوفائتا لڳا. خير، ان هوندي بہ مون ڪائنس پڇيو تہ: 'هن سموري ذڪر منجهان نيٺ اوهان جو مقصد ڪهڙو آهي؟'

"مرڪيائين. ۽ منهنجي منهن ۾ گهوري ڏنائين: زوريءَ مڙهيل، ڦڪي ۽ معنيٰ ڀريل مرڪ. 'مان جيڪو چوڻ چاهيان ٿو، ڇا تون واقعي نہ سمجهي سگهي آهين؟ يا سمجهندي بہ، اهو سڀ ڪجهہ تون منهنجي زبان مان اڪلائڻ چاهين ٿي؟'

"ورائيم: 'مونکي ٿوري اندازي تي ڪـڙڪ پئي آهي. ممڪن هجي تہ منهنجو اندازو غلط هجي. تہ بهتر آهي تہ تون صاف لفظن ۾ مقصد بيان ڪري ڇڏين.'

"چيائين: 'منهنجو سڌو سنئون مقصد ماهتاب (منهنجي ڌيءَ جو اصل نالو) ڏانهن آهي........'

"مان سواءِ ڪجهہ جي سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳس.'

.......... ڪيس مارڻ کان پوءِ، منهنجو ضمير هينئر بہ مطمئن آهي.نيڻ هن چريءَ جو هن دنيا ۾ هجڻ يا نہ هجڻ مان ڪيس ڀاڻ ڪي يا سماج کي ڪهڙو فائدو؟ سندس موت جو انتظار ڪرڻ کان اڳ (جيڪو ڪيس اوس اچڻو هو) ڪيس مارڻ ۾ سندس ئي ڀلائي هئي. هيءَ حقيقت پنهنجي جاءِ تي هڪ پنهنجي پاڻ شاهدي ڏيندڙ (Self-evidence) سچائي آهي......

.........جڏهن مان اسپارٽين جو ذڪر ڪيان ٿو، تڏهن منهنجو مطلب اهو ناهي تہ ڪمزور ۽ نبل ٻار کي جمندي ئي جبلن ۾ ڦٽو ڪيو وڃي. اهو دور ٻيو هو، اڄ سائنسي دور آهي، ممڪن آهي (۽ اڪثر ڪري) اهي نبل ٻار اڳتي هلي سگهارا ٿين. پر مان جيڪا ڳالهہ ڪرڻ چاهيان ٿو، انهيءَ جو بنياد هيءَ آهي تہ: اهي انسان جيڪي زندگيءَ جي تبديليءَ جي جدوجهد ۾ شريڪ نٿا ٿين، يا نٿا ٿي سگهن، جو منجهن اهڙو ست ناهي، تہ پوءِ اهي رڪاوٽ بڻجن يا ٻين انسانن مٿان بار بڻجڻ بجاءِ، بهتر آهي تہ پنهنجو انت آڻين. ڇاڪاڻ تہ هونئن بہ حياتي مٿن بار آهي، سواءِ ڪارج جي زندگيءَ جو بار ڍوئڻ ڇا حماقت ناهي"

نيڻ ماهتاب کي زنده رکڻ مان ڇا هڙ حاصل؟ محض مائٽن جي جذباتي تسڪين جي پورائيءَ لاءِ! جڏهن تہ مائٽ خود محسوس ڪن ٿا تہ هوءَ، مٿن بار بڻيل آهي- منهنجي آڏو بہ رستا هئا؛ يا تہ هن کي ماري ڇڏيان (جيڪو رستو مون اختيار ڪيو) يا تہ ڪيس ڪنهن تجربيگاه ۾ موڪليان، تہ جيئن باقي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ تجربا ڪيا وڃن.

جيتوڻيڪ ڪيس مارڻ ڪري مونکي سخت صدمون رسيو آهي ۽ افسوس ٿيو آهي، پر منهنجو ضمير ۽ شعور بلڪل مطمئن آهي.......

........ مان هينئر اطمينان سان مرندس.

ڪورٽ طرفان مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي ٽيم گڏيل راءِ ڏني تہ، سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، جوابدار فوتي گل محمد وڪيل، جنهن پنهنجي چريءَ ڌيءَ کي ماري، انهيءَ جو اقرار ڪندي، پاڻکي قانون آڏو پيش ڪيو هو ۽ دل جي مريض هئڻ سبب ڪيس سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، پوليس جي نگرانيءَ هيٺ رکيو ويو هو رات جي اڍائي بجي ڌاري دل ڇتڻ سبب مئو آهي.

ڊاڪٽرن هيءَ بہ راءِ ڏني تہ، جيڪڏهن وڪيل صاحب کي بروقت طبي امداد ڏني وڃي ها تہ، سندس جيئري رهڻ جا امڪان وڌيڪ هئا.

(بيشڪ جيڪڏهن وڪيل صاحب نہ مري تہ ها تہ هيءَ ڪيس انساني لاڳاپن ۽ سماج جي اهم مسئلي بابت هڪ انوکو ۽ دلچسپ ڪيس ثابت ٿئي ها).

# بي انام ڪهاڻي

لڳاتار ٽن سالن کانپوءِ-

يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس جي ورانڊي مان لنگهندي؛ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڏانهن ويندڙ دروازي وٽ اوچتو مٿس نظر پئي! هڪ اتفاقي حادثو. جنهن حادثي لاءِ جيڪڏهن ملي پوي ته پوءِ...... بابت ڪيترا ڀيرا سوچيو هئائين. اها آهي، ساڳي؛ ٿوري ڦير سان. ساڳيو اداس، گهمير، وياڪل چهرو. سانورو هن تبديلي سان ته سندس ڇهڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ سانورائپ، جيڪا ڇڪ جا باعث بڻي هئي. سان ڪارائيل ۽ ڪشش کان وانجهيل.

هن جي نهارڻيءَ مان پڪ ٿيس ته. هن کيس ڏٺو آهي. سندس دل ڌڙڪي، اندرين تبديلين ڪارڻ پنهنجي منهن جو رنگ بدلجندو ۽ نرڙ تي پگهر محسوس ڪيائين.

ايتري عرصي کانپوءِ ائين اوچتو؛ ملڻ تي جنهن جو في الحال وهم ۽ گمان به ڪونه هوس، نه رڳو- سندس وجود ڏڏي ويو، پر جڻ ڳچ عرصو اڳ وڏي جاکوڙ کانپوءِ مروٽيل ۽ چيپاٽيل ڏوهه جو احساس ڪر کڻي بيٺس. اهو سياويڪ هو. ائين جڻ ورتل قرض کي وسارڻ کانپوءِ، اوچتو سندس اڳاڙيندڙ ملي وڃي.

اندرين اٿل کي دٻائڻ لاءِ؛حيرت ۽ خوشي پاڻ تي مڙهيندي، مرڪندي ڏانهنس ڏٺائين. سندس ابتڙ، هن جي منهن تي هن اوچتي گڏجاڻيءَ ڪري، ڪابه تبديلي ڪانه. ساڳي گهميرتا، خاموشي ڇهري تي. منهن لڳاتار خشڪ، جڻ وينشنگ ڪريم لڳل ۽ چڱيءَ طرح مهٽيل. (پر کيس ڄاڻ هئي ته هوءَ وينشنگ ڪريم استعمال نه ڪندي آهي)، هر عام رواجي ملاقات وانگر- ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا. ڪي گهڙيون.

'تون هتي ڪيئن.........؟'

'ايم. ايڊ جي داخلا لاءِ انٽرويو ڏيڻ آئي هيس.'

'ٿي ويو؟'

'ها.'

'داخلا ملي ويندي؟'

'گورنمنٽ موڪليو آهي انهيءَ ڪري ملڻ ٿي گهرجي.'

ٽي سال اڳ:

سيڪنڊري اسڪولن جي ماسترن لاءِ ٽريننگ جي ڪورس، بي.ايڊ ۾ گڏيا. ڏٺائون، ڏسندا رهيا. نوٽس، ليسن جي تياري جي سلسلي ۾ ملندا رهيا. گهرا ٿيندا رهيا. سواءِ ڪنهن شعوري ڪوشش جي هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا رهيا. هڪ ٻئي کي سمجهندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن فلم جو پروگرام. لڳ ڀڳ روز، انٽرويل جي دوران علي بابا ريسٽورينٽ ۾ چانهه. گفتگو. ڳالهين جو نه ٽٽندڙ سلسلو.

هڪ ڀيري هن ڪيس پنهنجن گهريلو حالتن بابت ٻڌايو: پاڻ گهر ۾ ٽي ڀاتي آهن. پاڻ، سندس ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ، جيڪو هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو آهي. سندس پيءُ تپيدار هو. ماڻس پڻ پرائمري اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي. ٻنهي جي پيار جو نتيجو هئي. ڇهن سالن ڪانپوءِ، جڏهن هو پاڻ اجا ننڍڙي هئي. پڻس تپيدار، ماڻس کي بلڪل ڇڏي ڏنو. ان وقت سندس ننڍو ڀاءُ، ماڻس جي پيٽ ۾ هو. ڪيس پيءُ جو چهرو، جيڪو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هئائين، اجا تائين ذهن ۾ ڪُتل: ڀنگ پيئڻ ڪري ڳاڙهيون اکيون، ڪاراٽيل چپ ۽ منهن تي ماتا جا داغ. گاريل.

۽ پوءِ ماڻس کي سلهه ٿي پيئي. يا ڪيس اڳيئي سلهه جا اثر هئا، جيڪي پوءِ ظاهر ٿيا. چاڪاڻ ته سندس ماءُ، يعني هن جي ناني به، سلهه وگهي مئي هئي.

۽ هينئر هو پاڻ گهر سنڀاليندڙ هئي. ڪمائيندڙ، سلهه ورتل ماءُ جي پرگهور ڪندڙ ۽ ننڍي ڀاءُ جو مستقبل سنواريندڙ. خاموشي، ڳنڀيرتا ۽ سنجيدگي سندس شخصيت جو جز بڻيل. ڳالهائڻ ۾ نهٺائي، بردباري، خدمت ۽ شفقت جو اظهار، سندس گڻ بڻيل.

ملندا رهيا، هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا رهيا. جيتوڻيڪ ٻنهي مان ڪنهن به هڪ سان مستقبل جي ڳانڍاپي جو ڇٽو ۽ گهرو احساس ٻنهي کي هو. لاشعوري طور پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ٻنهي کي لڳندو هو ته، پاڻ اڳتي هلي هڪ ٻئي جا ٿي ويندا: ذڪر نه ڪيل، اڻ لکيل. ڪڏهن اظهار نه ڪيل. محض گڏيل سمجهه، مستقبل ٻيڻي جي گڏيل احساس هيٺ. ڳانڍاپي جو انجام ۽ ان ۾ لڳندڙ اهڙو ويساهه جو، ڪڏهن به ٻنهي مان ڪنهن کي اظهار جي ضرورت محسوس نه ٿي.

پاڻ چاهيندو هو ڪيس، شدت ۽ ڀرپور تڙف وچان پيار ڪرڻ: جو سندس طبعيت ۾ بيچيني. اندروني امنگ کي پوري شدت، گرمي ۽ اڳرائي

مهل هن مامري جي ڳنڀيرتا تي ٿي ويچاريو تہ ان ويل، ڏوهي احساس جي تيز چهڪ جي پيڙا، سندس وجود کي ايڏوتہ ٿي نپوڙيو، جو پنهنجو پاڻ کي بنھہ سن ٿي ڀانيائين ۽ پوءِ ان ڏوهي احساس جي بار هيٺ يا دل ۾ لڪل چوريءَ واري نيت جي لاءِ واٽ ناهڻ لاءِ، لاشعوري خيال هيٺ، ڪيس اهو خط پڙهڻ لاءِ ڏنائين.

هوءِ خط پڙهڻ لڳي. پاڻ سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳو. سندس منهن تي ايندڙ ڀاون کي پڙهڻ لاءِ. ۽ ڏٺائين سندس ڪاراٽيل منهن ۽ خشڪ چپ. هن پنهنجي دل بہ تيز ڌڙڪندي محسوس ڪئي. خط واپس ڏنائين. خط واپس وٺي، پڇيائينس: "تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

هن سندس منهن ۾ ڏٺو. ڪيس لڳو تہ، سندس اهو سوال هن کي نہ وڻيو آهي. چيائين: 'جيڪو تنهنجو خيال.' پوءِ مرڪيائين. روئڻهارڪي مرڪ. جنهن مرڪ هيٺان ارمانن جو ڍير پوريل.

ٻئي ڏينهن سندس خط مليس:

--"..... تون شادي ڪري ڇڏ. مون کي ڪوبہ افسوس نہ ٿيندو. هن معاملي ۾ جذباتي ٿي نہ سوچ. زندگيءَ جون ٺوس حقيقتون، اسانجن جذباتي خواهش جي تابع نہ آهن. منهنجي حياتي هڪ ويران بريٽ آهي. مان بہ اهو نٿي چاهيان تہ، تون مون سان ڳنڍجي ٿي، بريٽ ۾ ڀٽڪين ۽ ڪجھہ نہ ماڻين، زندگي ماڻڻ لاءِ آهي، اها ڪتان جي ڏاهپ آهي تہ: هڪ صحتمند زندگي کي، مڙندڙ، ناڪاري ۽ هاڃيڪار وجود سان ڳنڍڻ ان صحتمند زندگيءَ کي وقت کان مرجهائڻ، ۾ ڪجھہ ماڻڻ کانسواءِ موت ڏانهن ڌڪڻ جا ڪارڻ پيدا ڪيا وڃن؟ ڇا اها بي انصافي ناهي؟

منهنجي امڙ سلھہ جي مريض آهي. منهنجي ناني بہ سلھہ ۾ مئي هئي، انهيءَ ڪري اهو قياس ڪان پري ناهي تہ مان بہ.....هجان. جيتوڻيڪ مان ڄاڻان ٿي تہ اڄ جي دؤر ۾ هن مريض کان ڇوٽڪارو بنھہ ممڪن آهي، ان هوندي، خبر ناهي ڇو، (جيڪو سياويڪ آهي.) منهنجي دل ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو آهي تہ منهنجي زندگي بہ منهنجي امڙ جي زندگي وانگر اونداهين ۽ روڳي آهي، مون پنهنجو پاڻ کي انهيءَ لاءِ ذهني طور تيار ڪري ڇڏيو آهي، تہ جيئن ڪڏهن بہ شڪايت جي عادت جو موقعو نہ پيدا ٿئي. ڇاڪاڻ تہ شڪايت جي عادت پيڙا کي وڌيڪ ڀيانڪ ۽ ڪربناڪ بنائي ڇڏي ٿي.

مان هيءَ سڀ جذباتي ٿيجي، لکي نہ رهي آهيان. پر اڳ پٺ ڄاچي

ڪي يونيورسٽي مان پنهنجا سرٽيفڪيٽ وٺڻا اهن، جو ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسرن جي چونڊ ۾ مون کي پيش ڪرڻا آهن. انهيءَ ڪري دير......'

بل هن زوري ڏنو. ڪيس، مرڪ سان هيءَ چوندي ته: 'تون بچڙيوال آهين، توکي هن ريت هوٽلن ۾ پيسا وڃائڻ نه گهرجن.' ۽ هو پيسا ڏيڻ چاهيندي به ڏئي سگهڻ جي همٿ ساري نه سگهيو! دراصل هو: خبر ناهي چو، پنهنجو پاڻ کي هن آڏو، گهٽ، خسيس ۽ ڊپريسڊ ۽ هڪ قسم جو ڏوهاري محسوس ڪري رهيو هو.

۽ پورن پنجن سالن ڪانپوءِ:

جڏهن پاڻ گورنمنٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ هيڊماستر جي حيثيت سان بدلي ٿي آيو، تڏهن هوءَ گرلس هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊمسٽريس هئي.

ضلعي جي تعليمي آفيسرن ۽ ماهرن جي ماهياني ميٽنگ ۾ پهريون ڀيرو ڪيس ڏٺائين. جڻ خواب ڏسندو هجي: هڏن جو پيڙو، ڪارائيل ڏيرو منهن، اندر ويٺل ڪوين ۾ چمڪندڙ مٽڪيون، ڳل اندر ڀيهيل، ڪيا. تڪليف سان ڪڄندڙ ساهه ڪري، ٿهلجندڙ– سسندڙ ناسون، سمورا وار اڇا، هن هڏائين پڃري تي اڇي ڪير جهڙي ساڙهي، نيري ۽ سائي بارڊر سان. ڪئين ڀيرا ڏٺل خواب، پر اڄ چٽو ۽ مبهم! پهرين ڄاڻ هوندي به نه سڃاڻي سگهيس، پوءِ مهٽيل خواب لڳندي به. سڃاڻي ورتائينس. هن به ڪيس ڏٺو، ڳالهايو، پر ڪيس اهڙي لڪا ڪانه ڏٺائين، ته ڪو ڪيس ڄاڻي سڃاڻي.

۽ پوءِ ڪهڙن موقعن تي، انهن ٿي رسمي ملاقاتون: هڪ ٻئي جا ڄاتل سڃاتل، ۽ پوءِ به اڻ– ڄاتل، جنمن جا فاصلا!

هڪ ڏينهن:

پهرين پيرڊ هلندي ڪيس فون آيو: گرلس هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊمسٽريس فجر مهل گذاري وئي.

سندس مٿان جڻ وڄ ڪري، سندس جسم، اتي ٿي ڪرسي تي هڪ هنڌ ڄمي، پٿر ٿي ويو هجي.

اوچتي موڪل سببان، ٻاهر شاگرد گوڙ ڪندا ۽ خوش ٿيندا گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. ٽيچنگ اسٽاف سندس ڪمري ۾ گڏ ٿي چڪو هو ۽ جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گڏجي هلڻ واسطي سندس انتظار ڪري رهيو هو.

جو آواز. گهرن ۾ بند انسانن جون دليون هيسيل ۽ اکيون ڪجهه چائڻ لاءِ آتيون، پر جرئت نه ۽ ٻاهر. واقعي واري جاءِ تي ها لاش، ٽڙيل پکڙيل، اونڌا پاسيرا. لاش، جي ڳاٽائي کان ٻاهر هئا. لاش، جن مان ڪن جون اکيون بند هيون ته ڪن جون کليل ۽ آسمان ڏانهن واجهائيندڙ. ڪن جا وات ڦاٽل هيا ته ڪن جا بند. پگهل عــضــوا، چچريل جسم ۽ رت ۾ ٻڏل لاش، اڄ جي سهارن ۽ سڀان جي اميدن جا لاش- لاش، مائرن جي اکين جي تارن، پينرن جي آسن اميدن ۽ سهاڳڻين جي سهاڳن جا لاش، انهن انسانن جا، جي مٿا هئــا، پنهنجو پاڻ لاءِ نه، پنهنجن ٻچن لاءِ نه ســائيــهه لاءِ نــه، زندگيءَ جي خوشحاليءَ ۽ پيار جي بقا لاءِ نه.

۽ هيــا، مــوت ۽ زندگيءَ جي ٻه واٽي جي وچ تي بيــٺل، ڦــٿيل، چچريل، زخمن جي درد کـــان ليڇندڙ ۽ ڪنجهندڙ زخمي- ڪنهن ڪنهن وقت، درد جي شدت وچان انهن جي دانهن ٿي ايري، نه ته سناٽو ڇانيل هو ۽ ان سناٽي ۾ لڪ جو گهوگهٽ ۽ ڪنهن مهل ڪنهن ڦٿيل جي دانهن ڪجهه پوائتي ۽ دهشتناڪ ٿي لڳي. سج آسمان جي وچ تي پهتو. سج جا سڌا ۽ تيز ڪرڻا ڌرتيءَ کي تئي وانگر تپائي رهيا هئا. رت جي ٻُپ، هوا ۾ رت جي ٻُپ گاڏڙ عجيب بوءِ، تيز ۽ دل ڪچي ڪندڙ. مٿان آسمان جي وسيع خلائن مان ڳجهن ۽ سرڻين جا لامارا.

ٻئي ڏينهن خبر آئي: ٻن پيرن جي مريدن جي وچ ۾ جهيڙو، ٻه ٽي مئا ۽ ڳچ ڦٽيا.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ خبر آئي: سنڌ جي ٻن گبر پيرن جي وچ ۾ ناهه، چونڊن لاءِ ٽڪ ورهايا ويا. اختلاف ختم.

۽ پوءِ ساڳئي شهر جي ساڳين روڊن تان ٻنهي پيرن جون جيپون چيچاٽ ڪنديون، امن ۽ صلح سان لنگهنديون آهن، انهن مئلن مريدن جي روحن کي ڪچلنديون، جيئرن مريدن جي ساڃهه، سمجهه ۽ عقل کي چيپاٽينديون.

مان جيل جي سپريڊنٽ جي هدايت- نہ، ڇاڪاڻ تہ جيل جو حاڪم هدايت نہ ڏيندو آهي، حڪم ڪندو آهي، هو جيل جي حاڪم جي حڪم موجب آزاديءَ جي جشن جو لطف ماڻي رهيو آهيان-

"اڄوڪي ڏينهن تي اسان کي آزادي ملي هئي،
اڄوڪو ڏينهن آزاديءَ جهڙي بي بها نعمت
جو تحفو ڏيندڙ ڏينهن آهي. ۽ اسين
هڪ باوقار قوم جي حيثيت سان دنيا جي
نقشي تي ابريا هئاسين.... هيءَ اسان جي
تاريخ جو عظيم تر ۽ قابل فخر ڏينهن آهي....
جو هن ئي ڏينهن تي هيءَ ڌرتي، ڌرتيءَ جا
کيت، ڪارخانا، ملڪيتون پاڻ کي مليون هيون."
- (۽ مون کي؟)-

هون؛ اهو ننڍو جيلر جو، جنهن ڳالهين وچان جو اشارو ڪيو هو.

"اوهين ڇاڻو تا ۽ اوهان هتي انهيءَ جو شدت سان احساس محسوس بہ ڪيو هوندو تہ، آزاديءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪابہ ڪانہ آهي."

"سچ" رمضان پٽڪيو هو.

(اوڏيءَ مهل ننڍي جيلر جون ڪرڙيون اکيون مٿس پيون هيون)

"اڄو تہ هن تاريخي ڏينهن تي نئين سر عهد ڪيون؛ اسان هر قيمت تي پنهنجي پياري ۽ جان کان وڌيڪ عزيز آزاديءَ جو تحفظ ڪنداسين." تاڙيون.

سو اڄ هن مبارڪ موقعيي تي اوهان کي عام موڪل ڏني وئي آهي، جيئن اوهان آزاديءَ جو لطف ماڻي سگهو."

۽ مان هتي، نم جي وڻ هيٺان، جيل جي ڊگهين، ويڳاڻين ڀتين جي اوٽ ۾ آزاديءَ جي ڏينهن جي ٻڇاڻيءَ وارين گهڙين جو لطف ماڻي رهيو آهيان.

آسمان صاف آهي. نيرو ۽ گهرو. سامهون برج تي بيٺل سپاهي تڪل پيو پائنجي. خير. منهنجو ڇا وڃيس. آسمان جي ڇتي، نيري وسعت هيٺان اڏامندڙ سرڻيون ڪيتري بلنديءَ تي هونديون؟

الاءِ. آسمان جي نيراڻ نہ رڱو گهري آهي، پر ڇتي. هيٺئر جيڪر جهڙ تي پوي. ڪارا ڪڪر ڇانئجي وڃن. وڏ-ڦڙو وسي پوي.

تي چيائين:

"مهيني ڪانپوءِ تون آزاد ٿيندين."

مان اڳ ئي، پنهنجو پاڻ مان بيزار ويٺو هوس.

"پوءِ--"

"ٻاهر تون آزادي ماڻيندين."

"ماڻيندس؟ آزادي. هتي ۽ پهريدارن جي حدن ڪان پوءِ چرڻ، پرڻ آزادي آهي؟" جواب پائڻ لاءِ، اڳتي سوچڻ جو ارادو اجايو سمجهي، لاهي ڇڏيم.

"هون." هن کي ورائيم.

"ڪمال آهي!"، هن کي منهنجي ٿڌي ۽ بي پرواهي واري موٽ تي حيرت لڳي.

سندس حيرت واري ڪيفيت تي، مان منجهيو هوس. ششدر وچان، پوءِ هڪدم سوچ جو ڪاٽو حياتيءَ ۾ ملندڙ مختلف ڪيفيتن تي بيهندو، رڙهندو ويو:

- جستجو ۽ جاکوڙ: اتساهه ۽ جوش وچان.

(جا پوءِ خفقان لڳندڙ)

- اميد ۽ آس: ويساهه جي روشنيءَ ۾ جرڪندڙ.

(جا پوءِ سوچ جو سراب لڳندڙ)

- نراسائي ۽ نا اميدي: اداسيءَ ۽ غم ۾ ويڙهيل.

(جا پوءِ اجائي لڳندڙ)

اڪثر پنهنجي وجود ڪان اڻ- چاڻ: اهو ته مان آهيان ڪونه. جو ڏينهن جي روٽين ۾ گم ٿيل.

۽ پوءِ انهيءَ وَهَڪَ سان چرندڙ ڪيفيت پٽاندڙ هستيءَ جو هر رخ بي معنيٰ لڳندڙ. بس حياتي گذارڻ جو لفظ. ايڏو وزني آهي جو-

يا ڪا معنيٰ زنده رهڻ لاءِ جواز بنجي سگهي ٿي؟ جي ڪا معنيٰ ڏٺل ناهي ته پوءِ- مون وانگر هيءَ به هتي يا هتي

"چو! جواب ته ڏين." هن سجاڳ ڪيو هو.

"هان!....هون."

هو ڪليو هو، پاپوهه منجهان؛ مون ڏانهن معنيٰ خيز نظرن سان

نهاريندي، هن جي ڪل ۾ منهنجي لاءِ پيار هو، ان پيار ۾ سادو ۽ پاڪ خلوص هو. (۽ رحم جو جذبو به؟) ان پيار ۾ مون پاڻ کي هيچ ۽ هن کي وڏو محسوس ڪيو هو.

"ڪتاب پڙهي پڙهي، تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي!"

هن جي چوڻ جي انداز ۾، مون لاءِ پيار (همدردي؟) هو ۽ ان انداز ۾ پورو اعتماد پئي بڪيو. مون کي پنهنجي ٿڪائيءَ جو احساس پاڻ ٿيو هو.

هو وري ڪليو هو. منهنجي جواب تي وڏو ٽهڪ ڏئي. اوهيو ڪولين ۾ بند ٽيڻ جو گهگهو وڳو آهي. هاڻ ته اٺان–

# وقتائتو موت

- مري ويو!

خبر ناهي ڪيس مرڻ گهربو هو يا نہ. بهرحال مري ويو. اوچتو. صبح جو مثل ڏنائونس. جيتوڻيڪ اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ ڪونہ هو، تہ ڪو اٿين، انهيءَ عمر ۾، اوچتو مري ويندو. رات تائين بنهہ چاق چڱو ڀلو هو. ڪلهہ شام، ستين ڏاري، پڇس پڇيس:

'ڪراچي انٽرويو ڏيڻ ڪونہ وئين؟'

"ڇو؟"

"ياڙو ڪونہ هو."

"پوءِ مون کي ٻڌائين ها، يا ماڻهين کان گهرين ها."

چپ.

"وات ۾ لڦون اٿئي؟"

چپ.

"ٻاڦي ڪاٺ مهل پئي گوڏا ٻيجي اچي وهندين، نواب جو پٽ."

"پيسا گهرندي شرم پئي آيو."

"ڪائيندي شرم نٿو اچئي."

چپ.

پوڙهي جي بڙ- بڙ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ......

چپ. جهڙي پٽ. بي جان بوتو.

انهيءَ کان اڳ:

"رئيس وٽ درخواست ڪٽي ويو هئين؟"

"ها."

"پوءِ ڇا چيو هٿائين؟"

"چيائين، مان ڪوشش ڪندس."

"ٻيو ڪجهہ بہ نہ چيائين؟"

"نہ."

ڪنهن دفعي:

"رئيس وٽ ويو هئين؟"

"نہ بابا."

"ڇو؟"

"هن ڪـان اڳ ڪيـترا ڀيـرا ويو آهيانس. ٿاري ڇڏيو اٿائين. مان سمجهان ٿو: ڏنا ٿو ڏٺي....."

"تون سـمجهين ٿـو..... نوڪري توکي گـهـر ويٺي ملندي. ڪيڏانهن ويندي ڪونه باقي.... حرام ڪاٿو. ڇٺه ته حرام هڏين پنجي ويو اٿم. ٻيا ڇوڪرا جڻ ڪوششون ڪونه پيا ڪن. هن رئيس کي اصل ٿالهي ۾ رکي ڏجي....."

چپ.

اها سندس خاصيت هئي گهٽو ڪري چپ. گهٽ- ڳالهائو. ڇٽڪ بلڪل نارمل، ٺڏو مزاج. ڪڏهن به ڪاوڙ: چڙ: يا ڪنهن به قسم جي تاثر جا ٻَوَ سندس چهري تي نه ايريا!

ماسس چيس:

"ابا. هيترو پڙهيو آهيان، ته به توکي نوڪري نٿي ملي؟"

"بس ماسي، ڇا ڪيان!"

"ڪهڙو امتحان پاس ڪيو اٿئي؟"

"ايم- اي."

"پٽي صاحب جي حڪومت ۾ ته ديگ ڇڙهي پئي آهي ابا، ڪجهه ڪوشش ڪر."

"ماسي، ڪيان ته پيو."

ماٺس چيو:

"جن هن ڪـان اڳ پاس ڪيـو، تن کي به نوڪري ملي وئي، جيڪي هن ڪان به گهٽ پڙهيل تن کي به نوڪريون ملن پيون، باقي هن جو الاءِ ڪهڙو ڀاڳ ڦٽل آهي.."

"امان، ڪوشش ڪندو آهيان، جيڪا منهنجي وس ۾ آهي."

"پوءِ به نٿي ملئي نه، اصل نياڳو آهين."

"هيڏي ٻڌ."

"جيءُ، بابا."

"ڪٿي هئين هن مهل تائين؟"

"اتيڻي."

"رلڻ پنڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪم نه اٿئي."

چپ.

"پڌ ڪو وزير ٿو اچي، عام ڪچهري ڪندو. تون درخواست ڪٽي وڃينس، ۽ سچي حقيقت ٻڌائينس: غريب ڪلارڪ جو پٽ آهين. بابو هڪ ڪمائڻ وارو آهي. ۽ ست ٻار...."

"انهي لاءِ ويو هوس."

"ڪيڏانهن؟"

"ڊي- سيءَ وٽ."

"ڊي- سيءَ وٽ ڇو؟"

"اجازت نامي لاءِ."

"ته اجازت نامي ڪانسواءِ عام ڪچهري ۾ نٿو وڃي سگهجي؟"

"نه، بابا."

"ڊي- سي ڇا چيئي."

چيائين: "نوڪري لاءِ درخواست پيش ڪري نٿي سگهجي. اهو عام مسئلو آهي."

پٽس چپ.

پاڻ به چپ.

ٻاهران آيو. رات ڳپل گذري ويل. پٽس در کوليندي پڇيس: "ڪٿي هئين هن مهل تائين؟"

"اتيئي.....بس دير ٿي وئي....."

ماڻس جاڳي. پڇيائين: "ڪير آ؟"

"تنهن جو ڪاٺو پٽ. ڪمائي آيو آهي."

چپ.

"ماني نه کائيندين! رئيس."

"نه، بابا- بک ناهي."

جيتوڻيڪ کيس سخت بک لڳي هئي!

"انٽرويو ڏئي آئين؟"

"ها بابا."

"پوءِ؟"

"انٽرويو ۾ ڪجهه به نه پڇيائون. رڳو نالو، پيءُ جو نالو ۽ تعليمي لياقتون پڇي ڇڏي ڏنائون."

"پوءِ آهي ڪو آسرو؟"

"الاءِ بابا.... پر سيني پئي چيو ته اپائنٽمينٽ اڳ ۾ ٿي چڪي آهي. هيءَ رڳو فارملٽيءَ جي پورائي لاءِ آهي."

"هون-"

نروس نيس. سوچڻ، حساب ڪرڻ چڏي، هڪ ڊگهو ساهه کڻي، ڪرسي تي ٽيڪ ڏئي، سگريٽ ڪڍي ٿو ۽ ڪش هڻي وري سوچڻ شروع ڪري ٿو.

سيڏي واري کي هن ڀيري رڳو سؤ رپيا ڏيانس، باقي رکايانس، کير واري کي اڌ ڏيان ("کير پيئڻ ڇڏي ڏيڻ گهرجي، اجايو....)، ٻين کي به اڌ، اڌ ڏيان باقي مسواڙ ايندڙ مهيني ڪري گڏي ڏيان، ۽ ورتل قرض به گول...."

سيڏي وارو ("هٿندو ته جهڳي پر خير") 100-00 رپيا
کير وارو 30-00 رپيا
نلڪي واري کي 10-00 رپيا
بجلي 13-00 رپيا
هودي ٽيڪس 9-00 رپيا
دوائن جو بل (نه ڏيان؟ ويهه ٿو ڏيانس) 20-00 رپيا
فيون وغيره 50-00 رپيا

ٽوٽل 232-00 رپيا

هاڻي: 345-62 رپيا
232-00 رپيا وڃن

باقي 113-62 رپيا

تن ۾ سڄي مهيني جو خرچ، يونيفارم، انهيءَ جي سبائي، ٻاڄيون پتيون، مٺيون خرچ....

ٻاڄيون وغيره ("جيڪڏهن روزانو ٻن ريٽين جي ٻاڄي اچي، ته") 60-00 رپيا
سگريٽ ماچس چانهه وغيره 15-00 رپيا
فيملي پلاننگ جون گوريون ("آپريشن ڪرائي ڇڏيان 3-00 رپيا پيسا به ملندا ۽ هن مصيبت کان به--"
انوءَ جو يونيفارم ڪپڙو ۽ سبائي 50-00 رپيا
جاميٽري باڪس، 5-00 رپيا
روزمره جو مٺيون خرچ 15-00 رپيا

"هتي ئي سؤ انيتاليهہ ٿي ويا!"

ڪجهہ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ، ذهن ڳورو، ڄڻ تہ مٽين بار اندر ڳتيل.

"ڇٽون، ٻارن جا رانديڪا، سنڌس (جوٽس جي) چمپل بہ ٻنهہ بيڪار ٿي وئي آهي، نہ ٿي ڪجي، صابرين آهي...'.

اوچتو هن مهيني شمشاد جي شادي بہ آهي. ڀائيجي آهي، مون تي حق اٿس. گهٽ ۾ گهٽ جوڙو تہ لهڻي، نيائي آهي.... پنجاهين ۾ تي ويندو تنهن ڪانسواءِ هن موقعي تي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيٽو بہ پوندو...قرض- ڪنهن ڪان؟ خدا بخش جا اڳئي آهن، هن مهيني بہ جڏهن هن ڪي نتو ڏيان تہ پوءِ گهرڻ جو سوال ئي پيدا نتو ٿئي، اڳ بہ بي عزتي ڪئي اٿائين. ستار ڪان گهري ڏسان، نہ تہ پوءِ......

اوچتو ڪنهن پوساتيل، گهٽيل ۽ اونداهين ڪڏ ۾ ڪريل، گهيريل ۽ ڦاٿل هجڻ جو شديد احساس ٿئيس ٿو: "هيءَ بہ ڪا زندگي آهي! سچو ڏينهن ڏڳي وانگر وهہ، تڏهن بہ هيءَ حالت!" بي خيالي ۾ سنڌس ڪاٻو هٿ مٿي تي گهمي ٿو وڃي، جنهن تان وار ڪسي وڃي نالي ماتر بچيا آهن.

ڪمزوري محسوس ڪري ٿو، ڄڻ سموررو رت ڪنهن چوسي ورتو هجيس يا ڏگهي بيماري مان اٿيو هجي. "گذري ويندو، جيئن هن وقت تائين گذريو آهي. هيءَ تہ مقدر ۾ لکيل آئي." سڀ پنا ٿاڙي رديءَ جي ٽوڪري ۾ ڦٽا ڪري ٿو. ٻئي ٻانهون مٿي ڪري آرس ڀڃي ٿو. پوري بدن مان ٽڪاءُ نڪرنس ٿا.

"هلون." آواز ٻڌي ٿو.

"ٽائيم ٿي ويو؟" جهڪي لهجي ۾ سنڌس آواز- اٿي ٻاهر نڪري ٿو.

"........ ڇٽون، ٻارن جا رانديڪا. قرض ڏيندڙن جو ڪينو، منحوس منهن....." ڳڻتيون هڪ پيرو وري سنڌس وجود کي مکين وانگر وڪوڙي وڃن ٿيون.

# اتساهہ جو موت

[تنل، اڻپورين ڪهاڻين جي هڪ ڪهاڻي]

سياري جي ڊگهي رات. رات جا ٻارنهن. اڇو ڪاڳر. هٿ ۾ قلم. لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهہ:

"1960ع جنگ لڳل. شام جي مهل، سج لٿي ڪانپوءِ، هلڪي اوندهہ بليڪ آئوٽ ڪارڻ. روشني نہ. روڊ رستا ٻسا. گهٽيل لڳندڙ. گهٽيءَ مان هڪ هندو لنگهي ٿو. ڏر ٿي ويٺل ڪتيءَ وانگر چار- پنج مسلمان وڪوڙي وجنس ٿا!"

- پنهنجي بابي هندستان جي جهازن کي ٽارچ ٿو ڏيکاري.
- جاسوس آهي، جهنم رسيد ڪيوس.
- (نہ نہ. مولا جو قسم اهو غلط آهي.....)
- اڙي ڀاڇوت تنهن جو وري مولا ڪهڙو؟
- ڪافر! مولا جو نالو ٿو وٺين، پنهنجي پليد زبان سان.

اوچتو: ڊي. ٻي. آر.

اتساهہ مرونيل، هٿ ۾ قلم، اڇو، اڇو ڪاڳر.

رات ڳچل گذري ويل. لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهہ. ٻرندڙ سگريٽن جو دونهون ڦهليل. هٿ ۾ قلم. اڇو ڪاڳر:

استاد جمعو مستري صبح جو جڏهن ڪارخاني ڏانهن وڃڻ لڳو تہ، معمول جي ابتڙ زال ڏانهن ڏسي،پنهنجي گنيير منهن تي، زوريءَ مرڪ مڙهيندي چيائين: 'سياڳي، اڄ متان، پنهنجي آخري گڏجاڻي هجي.'

'جو؟ ڏٺي خير ڪندو. ماريا اهڙي وائي تہ نہ ڪڍ.'

'اڄ اسان جي هڙتال آهي. شايد گولي هلي.'

سوال ۽ ڳوڙهن ڀنل اکيون! گونگي زبان. ٻت هڪ هنڌ بوتو بڻيل.

'جائين تي، هتي لاش بہ نہ ليندا آهن.'

اوچتو: طبقاتي ڏقير هلائڻ، قلم....، سزا....

اتساهہ مرونيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر خالي خالي!

رات. چوڏاري سناٽو. واچ بيٺل. هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ ڀرپور

اتساهہ. ڪهاڻي- جيڪا بلوچستان جي هڪ تازي واقعي بابت:
"اها بلوچ عورت، جنهن جي....."
اوچتو: ڊي. بي. آر.
اتساهہ مروٽيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر، خالي خالي!
'اهو پريو ماڻس اسان کي، موئن جي دڙي کان موٽندي ڏوڪري اسٽيشن تي، گاڏيءَ جو انتظار ڪندي، پليٽ فارم تي مليو. ترڪي ٽوپي، بادامي زرين جو ڪوٽ. هلڪي اڇي ڏاڙهي، ڪٽر ڪيل مڇون ۽ ناسون، ناس سان، ناسي ٽيل. هٿ ۾ اڇو رومال، جنهن سان ذري ذري، نڪ ۽ چپ جو مٿيون حصو صفا پئي ڪيائين.
- سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد آهيو؟
- ها سائين!
ڳالهائڻ شروع ڪيائين: سنڌ کي نئين سر جيارڻ جي هلچل.......ها، سنڌي هڪ قوم. سادي سٻاجهي. سادگي ۽ سٻاجهائي ڪمزوري بنيل. اوهان نئين دور جا نوجوان آهيو. ڇا اوهان ڄاڻو ٿا: تاريخ جي هر دور ۾، ڪمزوري يا هيٺائي وڏو ڏوهہ آهي.......
'اوهان منهنجا ٻچا آهيو. اوهان کي ٻڌايان: جڏهن هن ڌرتيءَ تي عربن، ايرانين، ارغونن، ترخانن، مغلن، مغلن جي ناجائز پونئرن ها: حرامي ٻارن ۽ انگريزن ۽ ٻين ڦورو ۽ لٽيرن جا پير اڇا هن ڌرتيءَ تي نہ پيا تڏهن، ها، تڏهن....
(هلندڙ قلم هڪ هنڌ بيٺل)

اوچتو: سنڌي ڪا قوم ناهي، پاڪستان ۾ هڪ ئي قوم رهي ٿي، پاڪستاني. غداري- سزا.....
اتساهہ مروٽيل، هٿ ۾ قلم، هٿ هڪ بيٺل. ذهن خالي.
رات جو هڪ. اڇو ڪاڳر، هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ پربور اتساهہ.
"هيءَ ان ماءُ جي لال جو ذڪر آهي، جيڪو، پوليءَ وارن ڪرايل فسادن ۾ گوليءَ جو شڪار ٿيو. ڳڀرو جوان، هائي پريل منهن تي هلڪي مڇن جي ريهہ.........."
سيڪشن...
اتساهہ مروٽيل، هٿ ۾ قلم، هڪ هنڌ بيٺل.
"- سائين، هن مان جيڪڏهن 'سنڌ' جو لفظ ڪڍيو تہ بهتر.."

# مئل زندگي

ڪراچي. ڊسمبر جي اداس شام. ڇدا ڇدا ڪڪر آسمان تي نڪرندڙ، اڳ پڃائيندڙ-

– خاموش آهين؟

–دراصل سياري ۾ شام جو سمهڻ ڪري سستي اهڙي ته وڪوڙيو وجي جو......

– تنهنجي مدم؟

– حيدرآباد وئي آهي

خاموشي-

– ڪٿي غلط وقت تي ته نه آيو آهيان؟

– نه نه. اهڙي ڪا ڳالهه ناهي.

– ڳالهائين نٿو؟ اجا تنب-؟

– تنهنجي سياست جا ڪهڙا حال آهن؟

– پيارا، سياست منهنجي بابي جي ناهي؛ تنهنجي به آهي.

– ٺڪاٺپ جو ٺهڪ.

خاموشي.

– تنهنجي سروس جو ڪهڙو حال آهي؟

– مڙئي گاڏو گهلجي پيو.

– مطمئن آهين؟

– رهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيان.

– منهنجو مطلب آهي؛ تنهن جو ضمير مطمئن آهي؟

– مون کي تون، منهنجي ضمير کان ڌار نه ڪري نٿو سگهين.

– تنهن جي معنيٰ ته تون پاڻ کي بي ضمير بنائڻ ۾ رڌل آهين......

– مان تنهنجي نتيجي کي رد نٿو ڪيان.

– ايڏي جرئت واري بي شرمي!

– نه، حقيقت جو اعتراف.

خاموشي.

– پيا ڪهڙا حال آهن- وقت ڪيئن پيو گذري؟

– تو اهو سوال مون ڏانهن لکيل خط ۾ به ڪيو آهي. ڄاڻان ٿو،

تون اهو سوال، هر ملندڙ کان رڳو هن ڪري ڪندو آهيان تہ: جيئن پنهنجي مقصد جي بيان لاءِ ميدان تيار ڪري سگهين.

– مطلب؟

– مطلب تہ: جواب ڏيندڙ اڳلو، فطري طور پنهنجن حـــالتن جي غيريقيني ۽ عدم سلامتي جو رُڳو پِٽيندو ظلم، بي انصافي ۽ زيادتين جو بيان ڪندو، پيانڪ ۽ غيرسلامت مستقبل وغيره وغيره پوءِ تون مڪينيڪل انداز ۾ لائين فٽ ڪرڻ شروع ڪندين: پيارا! اسان جي ملڪ ۾ سماج جون اهي ڪڙيون حقيقتون آهن. جنهن جو احساس نہ رڳو تون، پر هر مظلوم انسان ڪري ٿو. پر بنيادي سوال آهي تہ، اهي ڏاڍايون ۽ بي انصافيون ختم ڪيئن ٿين. رڳو رئڻ ۽ شڪايتن سان تہ ڪجهہ نہ ورندو. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ سڀ مظلوم طبقا گڏجي جدوجهد ڪن. تحريڪ هلائين، حال ۽ مستقبل جي سلامتيءَ لاءِ. تحريڪ هلائڻ لاءِ تنظيم جي ضرورت آهي، قربانين جي ضرورت آهي، چاڪاڻ تہ....

وڏو ٽهڪ.

– وڏو حرامي آهين.

– تنهنجي انهيءَ فتويٰ سان اتفاق نٿو ڪيان.

– خير، هلون ٻاهر.

– هلون ٿا. مان هٿ- منهن ڌوئي وٺان.

– دير لڳندي؟

– خاص نہ. تون تيسيتائين هتان ڪو ڪتاب ڪڍي ڏس.

– منهنجي خط جو جواب؟

– هن نوٽبڪ ۾ اندر رکيل لفافي ۾.

– هي نوٽبڪ پڙهي سگهان ٿو.

– خوشيءَ سان. بڪواس لکيل اٿس، پڙهي وقت زيان ڪندين.

– چڱبو تہ بڪواس بہ لکين ٿو.

– مان خود هن ڌرتيءَ تي بڪواس آهيان.

چڱو، جلدي ڪپڙا مٽي وٺ.

**خط:**

تو مونکي ليڪچر پيارڻ سان گڏ، جيڪو هدايت نامو ڏنو آهي؛ انهيءَ بابت مان ڪجهہ چوڻ نٿو چاهيان.

تو پڇيو آهي: وقت ڪيئن پيو گذري؟ سمجهان ٿو تنهن جو هيءَ

سجاڳ آهيان ته تبديلي جي هن جاکوڙ ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان ۾ پاڻ وڃائي ڇڏڻ، نه رڳو اڄ جي حالتن ۾ منهنجو بنيادي فرض آهي، پر منهنجي ذاتي بي اطمينانيءَ ۽ ذهني ڇڪتاڻ جو علاج به. ڏوهاري هجڻ جو اهو تکو احساس آهي، جنهن جا ڪاپاري ڏک، مون کي ڪڏهن ڪڏهن سائو ۽ بي ستو ڪيو ڇڏين، ۽ مان......

اوچتو احساس ٿيم ٿو ته. ڪٿي روايتي ليڪچر بازي ته نه ڪري رهيو آهيان. چپ ٿي وڃان ٿو! خاموشي ٽوڙيندي، سواءِ ڪنهن اڳواٽ جي ويچار جي؛ فلم جو پروگرام پيش ڪيان ٿو: ’هل، ته فلم تي هلون.‘

ڇئي ٿيو سگهان، هيءَ بناوٽي ۽ وقتي فرار جا طريقا پناه ڏيڻ ۾ ڪيستائين سات ڏيندا؟

•

سنڌي شاگردن جو هڪ وفد آيو. ڪتابن تي پيل بندش خلاف احتجاجي جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نيند ڏيڻ واسطي. ڳالهين ڪندي ٻڌايائون ته جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اڪثر ليکڪن ۽ شاعرن مختلف عذر پيش ڪري انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جن ۾ قومي، عوامي وغيره لقبن سان نوازيل به شامل آهن. ڪن چيو: هيءَ وقت ڪان اڳي، جوکي وارو ۽ اجايو مارائيندڙ قدم ٿيندو. ڪنهن چيو. مان ٻچڙيوال آهيان، جي مون کي ڪجهه ٿيو ته منهنجن ٻچن کي قوم ته ڪانه سنڀاليندي! ڪنهن نوڪريءَ جي مجبوري ڏيکاري! ڪنهن چيو: بابا! اها سياست آهي، اسان فنڪارن جو ڇا وڃي! ڪنهن چيو: صبر ڪيو، پنهنجن جي حڪومت آهي گهٽو ڪجهه ٿيندو. ڪن ٿلهو همدرديءَ جو جذبو ڏيکاريندي، پنهنجي شريڪ نه ٿيڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ ڪو وزني عذر پيش ڪندي جلوس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڍير صلاحون ڏنيون! ۽ جڏهن کين اسان ٻڌايو ته فلاڻا فلاڻا نالي چڙهيا انڪار ڪري چڪا آهن ۽ اسان کي جلوس ڪڍڻ کان جهليو اٿن. ته ورنديءَ ۾ انهن صاحبن، کين گاريون ۽ لعنتن جا ڏوڙيا لائي ڏنا ۽ کين ڪائر، بزدل، وڪائل، جي لفظن سان نوازيو. خير مان سوچي رهيو هوس ته ڪهڙو عذر پيش ڪيان. نيٺ ڪوبه عذر نه سمجهيو، يا اهڙي اخلاقي جرئت ساري نه سگهيس، شريڪ ٿيڻ جي هام ڀريم. همدردي ڏيکاريم ۽ چندو ڏنم.

چائان ٿو: مان جلوس ۾ ڪونه ويندس. مڃان ٿو. حالتن سان مقابلي جي جرئت ڪانه اٿم. سوچيان ٿو: مون جو شاگردن کي چيو ته منهنجيون همدرديون اوهان سان آهن، سو همدرديءَ جي ضرورت جرئتمند

شاگردن کي آهي، يا مون کي، پنهنجو پاڻ کي!

•

اڄ آفيس ۾، ڪنهن حادثي سبب اوچتو، نوڪريءَ جي غير يقيني هجڻ جو شديد احساس ٿيو، هھڙي قسم جي غير يقيني حالت جي نتيجي ۾، غير سلامتيءَ واري اذيت ناڪ پوڳنا ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، سمجھ ۾ نٿو اچيم تہ هيءَ سسيفس واري زندگي پنهنجو پاڻ تي ڇو مڙهي اٿم، ايتري قدر جو، هيءَ زندگي منهنجي ڪمزوري بڻجي وئي آهي!؟

•

(ٿيون ڏينهن جي واقعي جنهن ريٽ مون ک ذليل ڪيو ۽ نيچپٽي جو شديد-)

•

نوٽبڪ هٿن مان ڦريندي، ڦٽو ڪندي؛ ’اڙي يار، ڇا پڙهي ڪندين. اٿ تہ هلون.‘

‘Damn it, Come on.’

ٻاهر، رستي تي؛

- ڪامريڊ ڇا پيو سوچين؟

- تنهنجي خط تي ۽ نوٽبڪ ۾ لکيل-

- بکواس آهي. وقتي طور اپريل جذبن جو جذباتي اظهار. هن تي سوچي پنهنجي انرجي زيان نہ ڪر.

- پر مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ سواءِ ڪنهن نصب العين جي، نيٺ تنهنجي زنده رهڻ جو مقصد؟

- پنهنجي جبلي گهرجن جي پورائيءَ لاءِ متا- ڪٽ ڪرڻ.

- تہ ڇا تون پنهنجي انهيءَ زندگيءَ مان مطمئن آهين؟

- ڪير بہ پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن نہ آهي.

اهو Defence mechansim آهي.

-تون هن کي ‘Defence reaction’ بہ چئي سگهين ٿو. پر ائين ڪرڻ يا ان انداز سان ائين سوچڻ، ضرورت بڻجيو پوي.

- پر پيارا، جبلي گهرجن کي تہ جانور بہ پورو ڪن پيا. تون انسان آهين، هڪ سلجهيل ۽.....

- سمجھ تہ مان تنهنجي مفهوم وارو ا نسان نہ آهيان.

- توسان پوءِ ڳالهائڻ اجايو آهي.

– بڪواس بند ڪر، بند: تون پاڻ کي گهڻو وقت دوکي ۾ نٿو رکي سگهين. تحريڪ کان جدا ٿيڻ کان پوءِ، تنهنجي لاءِ هن وقت بنيادي سوال آهي، پاڻ کي ڪنهن ريت مطمئن رکڻ. تو پاڻ کي مطمئن رکڻ لاءِ، پين ڊوهه ڪندڙ ليڪڪن جي ابتڙ، جنهن سوچ جو انداز اختيار ڪيو آهي، انهيءَ ۾ پنهنجي ڏوهي هجڻ جي اعتراف جو شديد احساس آهي. جڏهن ته همراهن ذاتي فائدن کي، قومي فائدن سان ملائي، انتهائي بي شرميءَ سان ذهني سڪون حاصل ڪيو آهي. غداريءَ ۾ محب وطنيءَ جا ڪارڻ ڳوليا آهن. پنهنجين بدمعاشن، ڪيمٽائين ۽ ذلالتن ۾ مقصد جي خدمت جا پهلو ڳٺايا آهن. ڪونٽرائيپ بزدليءَ ۽ موقعي پرستيءَ کي موقعي شناسيءَ جو ليبل لڳايو آهي، هو انهيءَ ۾ خوش ۽ مطمئن آهن. تو جيڪو انداز اختيار ڪيو آهي، انهيءَ سان تون پاڻ کي ڪڏهن به مطمئن ڪري نٿو سگهين. چاڪاڻ ته.....

– خير، مان آئينده ڪوشش ڪندس ته اهڙن ايماندار جذبن جي اظهار جو شڪار نه ٿيان.

– اها خودڪشي ٿيندي.

– ڄاڻان ٿو، پر چاهيان ٿو

– پر تون ائين ڪري نه سگهندين.

– اها تنهنجي پنهنجي Optimism آهي.

– تنهنجي موجوده حالتن ۽ ذهني ڪيفيت کي آڏو رکي، مان توکي هڪ مختصر ڪم سونپڻ چاهيان ٿو، اهو هيءَ ته ڪڏهن ڪڏهن اسان کي مضمون....

– مان اهڙي ڪابه جوابداري کڻي نٿو سگهان.

– تون ذليل آهين.

– مٿل زندگين تي اهڙن لفظن جو اثر ڪونه ٿيندو آهي.

خاموشي، اداس ۽ چيندڙ خاموشي. اوچتو، هوٽل ۾ ٿيندڙ گوڙ جو احساس ۽ بيزاري.

# نوٽبڪ/ ڊائريءَ منجهان

- بي معنيٰ زندگي.......... هڪ چرئي جو خواب. خواب ڏٺو هوم ته....... سيڪجهه بڪواس. بڪواس. بيڪار.

- سمجهه ۾ نٿو اچي ڇا ڪيان؟ منهنجي وس ۾ جو ڪجهه آهي ڪيان ٿو. نه چاهيندي به ڪيان ٿو. انٽرويو. وڏيرن وٽ. آفيس ۾ جتي انتهائي ذليل ٿيڻو پوي ٿو؛ وڃان ٿو. پوءِ به....

- پاڙي ۾ رات هڪ پوڙهو مري ويو. ٻڌندي اوچتو ٻيائڪ خيال آيم: بابا مري و.......

- وڏي پٽ جي حيثيت سان- گهر جو بار- سڄو جسم ڪانڌارجي ويم ۽ پنهنجو وجود (مناسب لفظ ذهن تي نٿا اچن، جيڪي انهيءَ گهري احساس جو اظهار ڪن). دل چيو: جيڪر چريو ٿي وڃان. چرئي ٿيڻ ۾ زبردست ڇوٽڪارو آهي.نجات آهي.

ڪاش! چريو ٿي وڃان.

سمجهه ۾ نٿو اچي مان زنده ڇو آهيان.

ڊاٽ. ليڪا. ۽ نئيا گل ٽهيل. ۽ ڪنڌائتو لڪيل؛

ڪيڏو نه بيچين، بي سڪو آهيان. ڪاش! اها جاءِ ملي جتي اوچنگارون ڏئي روئي سگهان.

بابا گهڻ وڏ ڳالهايو.

سوچيم: اڳي ڪجهه ٿورو چوندو هو ته ورجائيندو هومانس ۽ هاڻ!

---

نوٽبڪ نه هو هڪ پراڻي، وقت گذريل (Out of date) ڊائري هئي؛ جنهن ۾ ضابطي ۽ قاعدي پٽاندر، جيئن روزاني ڊائري لکبي آهي، لکيل نه هئي. بس: ڪڏهن ڪڏهن جا تاثر؛ رد عمل يا ٻيو ڪجهه............ جن مان ڪن تي تاريخون لکيل هيون ۽ ڪن تي ڪجهه به نه.

ائين خاموش، چپ، بي حسو ڇو ٿو رهان! ڇون ڦا نڪ ڪونهيس. واقعي ائين آهي؟ مونکي ڪجهه ڇو نہ ٿو ٿئي!

منهنجو اندر، احساس، زندگي جو جوهر، ۽ وجود جو احساس ۽ "مان"......سڀڪجهه مري ويا آهن. مرونجي ويا آهن.

–سڄو ڏينهن هلي هلي؛ بابا جي لفظن ۾، رلي پني ٿڪجي آيس. سوچيم: جيڪڏهن اڄ باباڪجهه چيو تہ سامهون ٿيندومانس. پر هن ڪجهه بہ نہ چيو. موڊ ۾ هو. ماني ڪانہ کاڌم. سڄو ڏينهن ڪانہ کاڌي هيم. ڪاوڙ يا تيسي جي ڪري نہ. سچ پچ بک ڪانہ لڳي. بک مري وئي آهي. پيار ۽ همدرديءَ منجهان سمجهايائين: "پٽ، وڏيرن جي حڪومت آهي.اسان غريبن کي ذليل ٿيڻو ئي پوي ٿو. نا اميد نہ ٿيءُ...." دل چيو: بابا اهو همدردي ۽ پيار وارو ورتاءُ ڇڏي، دٻائي، گاريون ڏئي، ٺڪون هڻي، ٻجا ڏئي، لتون.......

وڏيري........ وٽ درخواست ڪٺي ويس. هو پيپلز پارٽيءَ جو اهم عهديدار آهي، ويٺو رهيس. لوسي ڪتي وانگر، لوسي ٻٽيو.. پاڻ کي ڪيڏو محتاج، ذليل ڪريل ۽ گندي نالي جو ڪيڙو، بي غيرت، بکاري محسوس ڪيم.

يا خودڪشي ڪرڻ گهرجي يا بغاوت.......... خيال.......خيال هيءَ بہ ڪا زندگي آهي!!!

ڇا نوڪري ڪرڻ ضروري آهي؟

نيٺ ڇو؟

جيئڻ لاءِ–

پر ڌاڙيل بنجي بہ جي سگهجي ٿو، چور، نڱ بنجي بہ جي سگهجي ٿو.

..........

............

گهر ۾ ماتم، روڄ راڙو، پاڙي ۾ افسوس ۽ ڏک.

– ڪيڏو شريف ۽ پيارو هو.

– خاموش نيڪ مطبع سلڇڻو.

– زندگي ۾ ويچاري ڇا ڏٺو، نوجوانيءَ ۾ ئي.

–هڙا سدورا، سڀاڳها وري ڪٿي ڄمن.

–............

# انسان بوءِ- انسان بوءِ

انساني وسندي. وسندي ڌرتيءَ جي ڀاڱي تي آباد. انسان رهندڙ. عام انسان. صدين جي تاريخ جي ڪک مان نسريل، اسريل قومي روپ ڌاري، پنهنجي سڃاڻپ ڪٺي. سندن سڃاڻپ، ڌرتي جي ٻين هنڌن تي وسندڙ عام انسانن وانگر، تاريخ، سڀيتا، ٻوليءَ ۽ پنهنجي سياءَ، جي ناتي پنهنجي ڌرتيءَ سان آهي؛ ڌرتيءَ سان لاڳاپيل، نه ڇڄندڙ، انڪري ڌرتيءَ سان ناتو، ڌرتيءَ سان موهه ۽ ان لاڳاپي سان پنهنجي سڃاڻپ ڪٺي. ان ڍهندڙ سڃاڻپ کي جيئن جو تيئن رکڻ ۽اڳتي وڌائڻ لاءِ هٿوراڙيون ڏيندڙ. وسنديءَ جا انسان. جتي جو ڄاوا نپنا آهن. سندن زندگيءَ ۽ حياتيءَ جي جيئري وجود جون نسون، ڌرتيءَ سان ڳنڍيل، جڙيل آهن. جنهن منجهان وسنديءَ جا انسان، رهواسي. پنهنجي الڳ.تلڳ سڃاڻپ ۽ موجودگيءَ جا پساهه کڻن ٿا. ان ڪري ڌرتيءَ سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان، ٻوليءَ سان موهه سياويڪ. پر هن وسنديءَ ۾ ڌرتيءَ سان موهه. سڃاڻپ جو اتساهه ۽ انجو اظهار ڏوهه ٺهيل.

ڌرتيءَ سان موهه ڏوهه آهي. پنهنجي ڌرتيءَ جي نالي سڃاڻپ جو اظهار ڏوهه آهي. جيڪو موهه ۽ اظهار انسان جو ڳڻ آهي. انسان جي وجود جو اهم ڀاڱو. سياويڪ. وسنديءَ ۾ جڳن ڪان وسندڙ انسان، پنهنجي انساني روپ جي اظهار لاءِ، ڌرتيءَ سان موهه جو اتساهه ڪٺي مٿي ايرندڙ، تہ؛ شڪاري ڪتن جي نوس- نوس؛ انسان بوءِ- انسان- بوءِ.....انسانن مٿان مارو. جتي انسان نظر ايندن، اتي وٺ وٺان. شڪاري ڪتا جي انساني وجود ۽ ڳڻ کي ناس ڪرڻ لاءِ خاص مهارتي سکيا ورتل، ڏندن ۽ ننهن سان وچڙي ويندڙ. انساني سياءَ ۽ گهٽڻ واري چرپر ڪندڙ انسانن کي وچڙي ويندڙ، رتو ڇاڻ ڪري اڌ- مئو ڪري، يا ٻنهه ماري........

شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

آباد انساني وسنديءَ ۾. جتي انسان رهن ٿا. جيئرا جاڳندا انسان. انساني وجود. هستي ۽ انساني سڃاڻپ جي بقاءَ لاءِ هٺ پير هٺندڙ.

شڪاري ڪتا؛ انسان ۽ انساني احيائن ۽ انسانيت جا ويري. خاص سکيا ورتل؛ جيئرن جاڳندڙن، چرندڙ پرندڙ انسانن ۽ انساني احيائن ۽ خصلتن کي ناس ڪرڻ لاءِ، انسان بوءِ، انسان بوءِڪري ڇوڪير گهمندڙ

ڦرندڙ، نوس نوس ڪندڙ جتي انساني بوءِ اچين، وسنديءَ جي تن انسانن کي وچڙي وڃن ۽ بي رحميءَ سان ڇيهون ڇيهون ڪرڻ ۽ انسانيت جي مڙني آثارن ۽ اهڃاڻن کي ناس ڪرڻ لاءِ هوڙهيائي ڪري ڪرٽ ڪرٽ ڪري کائيندڙ.

انسان دشمن شڪاري ڪتن جي، انسان بوءِ سنگهڻ جي حس تکي تيل، انهن کي خاص سکيا سان تکو ڪيو ويو آهي. وسنديءَ ۾، باڇاهه ٻٽيو نوس نوس ڪندڙ. اڪيون سٽت ئي ڇرندڙ پرندڙ انساني اهڃاڻن جو اظهار ڪندڙ انسان تي پوندڙ، نوس نوس ڪري سنگهندڙ، پوءِ گهوريندڙ، پيچيو ڪندڙ ۽ پوءِ مارو-

انسان- بوءِ، انسان بوءِ، ڪري مارو ڪندڙ

انسان- بوءِ، انسان- بوءِ، شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

جتي انسان رهي ٿو. انسان جيڪو ازل کان آزاد رهيو آهي. پنهنجو خالق پاڻ رهيو آهي. پنهنجن قدرن ۽ نعمتن جو خالق. انهن کي ڍاهيندڙ ۽ ٺاهيندڙ. انسان: ذهن رکندڙ؛ سوچ مسرت رکندڙ، احساس امنگ رکندڙ. جاڪوڙ ڪندڙ. فطرت کي مات ڪري، پنهنجو وايو منڊل اڏيندڙ. انسانيت وارو وايو منڊل. مڙهيل اصولن، نيمن، قائدن ۽ نظرين جي ڀيڪڙي ڪندڙ. ناڪاري.

ناڪار: جا انساني اڏاوت ۽ تخليق جي اوسر جو اهم بُڻ رهي آهي ۽ خاص انساني خصلت ۽ گڻ آهي.

هيءَ ويهين صديءَ جي پڇاڙي آهي. هيءَ انساني وسندي ۽ ان ۾ وسندڙ انسان، ان ۾ پساهه کڻندڙ. سَنسِ (Scepsis) جو دور. ڪارڻ جي ڦولها، ناڪار جو دور؛ نظرين کان مڙهيل اصولن، قاعدن قانونن ۽ ورثي ۾ مليل عقيدن کان. انسان جي، انساني سياءَ پٽاندر. پر هن وسنديءَ ۾ اهو ڏوهه آهي. انسان- بوءِ، انسان بوءِ.........

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

جتي ٻه ڪين انسان نظر اچي ٿو، تنهن مٿان لامارو ۽ ناس ڪرڻ لاءِ جهٽ.

انساني وسندي، جتي انسان رهي ٿو. انساني سوچ آهي.

سَنسِ آهي. ناڪار آهي، اڻ- مڃتا آهي، نئين جاڻ لاءِ اتساهه آهي،

جاڪوڙ آهي، مڙهيل نظرين، مڙهيل واٽن، نيمن، قاعدن قانونن.... ڪي للڪار آهي، هوڪار آهي، ناڌ آهي، ساٿيهه ۽ انسان جي ناتي پنهنجي سڃاڻپ لاءِ اظهار لاءِ جاڪوڙ آهي؛

انسان– بوءِ، انسان بوءِ....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن. انسان ۽ انساني گڻن ۽ اهڃاڻن کي ميسارڻ لاءِ، انسانن جي وسندي، جيئرن جاڳندڙ انسانن جي وسندي.

انسان– بوءِ، انسان بوءِ....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

انسان مار شڪاري ڪتا: انساني رت جا هيراڪ انساني ذهن، وجود ۽ هستيءَ جا ويري، انسانن کي مارڻ لاءِ خاص سکيا ورتل، تکا، زهريلا ڏند انسان جي وجود ۾ چڪ هڻي چنبڙڻ، رت چوسڻ لاءِ آتا، پياسا.

انسان– بوءِ، انسان بوءِ......

انساني وسنديءَ ۾ انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن؛

انسان– بوءِ، انسان بوءِ......

# روبوٽ

ڪجهہ گهڙيون اڳ؛ جڏهن گوشت پوشت، رت وهندڙ وهڪ ۽ سائڪيءَ وارو انسان هو، حواس ۽ احساس هئس. سوچ ۽ لوچ هيس. اُمنگن ۽ اتساهن جا پريل آتما، سوچيندي، محسوس ڪندي ته: ڪٽي، ڪافڪا جي مسٽر ڪي واري ميٽامورفاسس واري حالت ۾ ته نه وڃي رهيو آهي. پر سرت سنڀاليندي، ان تي ويچاريندي نتيجو ڪڍيائين ته: هيءَ، ها ڪايا پلٽ ڪانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ مسٽر ڪي، جي هڪ ڪيڙي (însect) ۾ تبديلي، هڪ ساهہ واري جي، ٻئي ساهہ وري روپ ۾ تبديلي هئي، جنهن جي پٺار ۾ انساني، مسٽر ڪي جي اندروني سونجهہ موجود هئي. جسماني روپ جي تبديليءَ جي باوجود! ۽سندس ويچار وهڪ جاري هئي، جو هن ان تبديليءَ کي سمجهيو پئي، ويچاريندي (بي وسيءَ وچان)، محسوس ڪندي پوڄيو پئي، بي وسيءَ وچان-

۽ انهن چند انساني گهڙين جي ويچارو هڪ وري سرت سونجهہ ۽ احساس کان پوءِ، ستت ڪايا پلٽ؛

روبوٽ (Robot)؛

پورو هڏائون پڃرو، رڪ جو نهيل؛ تنهن مٿان پلاسٽڪ/ ربڙ جو ماس چڙهيل، تنتون/ رڳون نيلون جون جڙيل. دماغ جي ميڄالي مان سوچ جي تخليقي صلاحيت، ڳڻ ڳم ٿيل، ان جي جاءِ تي ڄٽڪ ڪمپيوٽرائزڊ، سونپيل، پريل ۽ سرانجام ڏيندڙ ڪمن جو مشيني سرشتو، روٽين جي ڪمن ڪرڻ لاءِ حسابن جي ڪٽ سان. انساني فزيالاجيڪل فنڪشن، مڪينائزڊ فنڪشن جي ڪٽ ٿيل. سواءِ انساني ڳڻن؛ احساسن، امنگن اتساهہ، ڪاوڙ، خوشي، جذبن، سرت، انساني موٽ- جي!

آڱريون، ٻانهون، ٽنگون، ڪرنگهي جي هڏي، مشيني پرزن ۾ تبديل ٿيل، مشيني انداز ۾ سونپيل ڪم ڪندڙ، وقت ۽ وڇوٽيءَ جي ادراڪ ۽ سرت کانسواءِ مقرر ڪيل، سونپيل نيمن پٽاندر، صبح، منجهند شام ۽ رات جي وجود جي احساس کانسواءِ. روٽين ۾، روبوٽ کي سونپيل ڪم؛

صبح: ياجي اٿڻ، شيو ڪرڻ، بس ۾ چڙهڻ، آفيس ۾ آڱريون مشيني انداز ۾ هلڻ، منجهند: موٽ، مڪينڪلي ڪپڙا بدلائڻ، ڪاٽو ڇباڙڻ.

شام: رڪ جون نهيل، آڱريون ٽائيپ جي اکرن تي پوندڙ: ٽڪ-ٽڪ-ٽڪ.......

۽ مشينون گڏ هلندڙ. ٽائيپ رائيٽر ۽ روبوٽ.

صبح لاءِ بيضا آئڻ. اکين جا مٽڪا ٽي- وي ۽ ڪتل هر ڏينهن، هر ڏينهن جهڙو. هر شام جهڙي، وقت ۽ وڇوٽيءَ جي سرت ۽ احساس کان خالي. انساني حياتيءَ جي وجود هجڻ کان بي سرتو، اڻ ڇاڻ، چرندڙ، پرندڙ حرڪت ڪندڙ مشيني انسان!

# گيس چيمبر

واريءَ تي اڏيل پتيون. پتين تي ڪريل مقدس مذهبي لفظ پتين تي، پتين مٿان، پتين جي چوڦير ۽ پتين جي اندر مقدس مذهبي نعرا. بنھ پوريءَ ريت. چوڪسيءَ، چالاڪيءَ ۽ هوشياريءَ سان تن پتين اندر ٺاهيل گيس چيمبر ۾ مقدس مذهبي نعرن سان والاريل، ڦاسايل، ٻوساٽجندڙ خلق.

هيءَ ويھين صديءَ جي پڇاڙي آهي. پڇاڙيءَ واري ويل. جڏهن انسان گهٽو ڪري وهمن کي مات ڪري، ڪائنات ۾ سوڀارو ٿي اڀريو آهي. هر ڏس ۾:

اڳ گهڙيل، جوڙيل مفروضا ۽ گهڙيل گس يا رد ڪري چڪو آهي، يا ڦيرائي چڪو آهي.

پر گيس چيمبر ۾ پوريل، جيئري جاڳندي خلق مٿان مڙهيل نظريا. ڏنڊي جي زور- ارھ زوراڻيءَ سان ٺاڦيل گس، تہ هيءَ حياتي گذاريو.

Regimentaation

گيس چيمبر

واريءَ تي اڏيل پتيون. ڊگهيون پتيون. پتين تي اڪريل مقدس مذهبي لفظ. اڳاٽيءَ ٻوليءَ جا. عام جي سمجھ کان مٿانهان. چوڦير ڏاڍيان، وڏي واڪ گو ڳاءِ، اچار، ورجاءُ تن لفظن جو.

۽ عام خلق جو ساھ مٺ ۾.

ٻوسٽ هراس چوڦير پکڙيل. ذهن منجهيل، ساھ منجهندڙ، تنتي ڇڪتاڻ، لٽل منهن، بي بقائيءَ جي اندرين وهڪ. وسوسا: ڇا ٿيندو؟ ڇا ٿيندو؟ نيٺ ڪيستائين؟ ڪو جياپي جو واءُ لڳندو؟ حياتيءَ جي تصور سان، ڇهبڪن جي زيبٽ جا اولڙا. ۽ سامهون ٻڏل، اگهاڙا انسان.

وڏيون شاهي ڏيک ڏيندڙ پتيون جن تي پهرو ڏيندڙ، ورديون پهريل، چوڪس، چتا ٿيل پهريدار. جن جو هڻ پتين کي سنڀالڻ جو زوريءَ ٺيڪو ڪنيل. ان جائي پائيءَ، خارجي ۽ تاريخي سچائيءَ جي هوندي بہ تہ: پتيون واريءَ تي اڏيل، نظرياتي پوچي سان، مقدس آسماني ڪتاب جي لفظن جو اُڌار ورتل. ۽ انهن لفظن جي ٻاڪار. ذري ذري ٻاڪار. گيس چيمبر ۾ واڙيل خلق جون مٽيون منجهائڻ لاءِ. گيس چيمبر ۾ ڦاٿل انساني وجود رڪندڙ،

حساس حياتيءَ جا پساهه ڪٽيندڙ، وجود جون وايون بتال ڪرڻ، پنهنجي جيابي لاءِ سڪندڙن جي سڪ کي ناس ڪرڻ لاءِ ذهني جبر.

وازيل خلق؛ اندر ٿي اندر، هر جيئري انسان وانگر، سوچ فڪر، چرڻ لاءِ آس ڪنيل.

هڪ هنڌ ڳاهٽ ٿيل، پوءِ به هڪ ٻئي کان ايڏو ڏار، جو هڪ ٻئي جي سڌ نہ، انت جي ڄاڻ نہ.

چتيءَ چوڪسيءَ جو-

لامارا ڏيندڙ ڳجهن، نوس نوس ڪنندڙ ڪتن جا پاڇولا، ڇٽڪ وجود سان ڀٽ ٿيل، لڱل، جي نہ.

نہ به: اهڙو احساس سياويڪ.جو گيس چيمبر ۾ وازيل، ڳاهٽ ٿيل.

دونهـاٽ، پوسٽ جي وايو منڊل ۾ چرپر، اندر ۾ آتت جي آس هيٺ:

- ڪجهه ٿيو آهي؟
- گيس چيمبر جي ٻي ڪنڊ ۾.

چپ؛

- گوڙ پڌين ٿو!
- ڪجهه ٿي رهيو آهي.
- ڪنهن شي کي ساڙيو اٿن.
- چپ ڪر.

هراسيل؛

- منهن تي هراس، سانتيڪا چهرا، پر اندر ۾ اماڙيون.
- ڪتو آهي.
- لعنت.

بي شمار

ءِ وازيل خلق جون نور ڀٽاريون اکيون ڏسندڙ.

ءِ اونڌي منهن ڀڏل انسان، ٻٽن تي زيڪا ڇهڪن جا.

گيس چيمبر ۾ گونجندڙ پرڏيهي اڳاٽي ٻوليءَ جا مقدس لفظ ءِ پوءِ سانت. سانت ۾ منجهندڙ ساهه. ماٺ. دجال گهمي ويو.

مقدس مذهبي لفظن جو ڏاڍيان، وڏي واڪ ورود؛

دجال گهمي رهيو آهي.

# ٽي ناوليٽ

# رڃ ۽ پڙاڏا

هيُ ناولٽ پهرين "ميسوٽي" جي سري هيٺ ١٩٦١ع کان ١٩٦٨ع ڌاري لکيو ويو. وري پيهر ١٩٧٣ع کان ١٩٧٥ع جي وچ ۾ "رڃ ۽ پڙاڏا" جي سري هيٺ لکيل.
١-٥-١٩٧٦ع

● ڏهاڙيءَ وانگر آفيس مان نڪري؛
نپوڙيل ذهن سان، ساٿي جسم سان گهليندي گهليندي گهر جي در تي پهچڻ تائين، احساس نيستا، وڃايل، اڻ-ڄاڻ پنهنجو پاڻ کان.
ڪلف کولي اندر گهڙڻ سان: ڪلهه وانگر اڄ به . تپيل هوا جي اوچتي جهوٽي وانگر خالي خالي گهر جي عجيب سانت . بسي زندگي، موت جهڙي ويرانيءَ جو احساس چپاٽيندڙ. گهر. لڳندڙ: چٽڪ. زندگي. زندگيءَ جي چرير ۽ تازگي کي گهڙيون اڳ موڪلائي ويل. مروٽيل روح ۾ رانيوٽا هٽندڙ پيانڪ سپني مان سانت.
ان کي سرءَ واري اداسي وڌيڪ چٽو ڪندڙ. چاپوڙا لٽل پتين تان مٽجندڙ اس جا ٽڙڪا. ان پاسائيَ کي وڌيڪ پيانڪ بنائيندڙ.
جهوليَ ڪٽ تي پاڻ سٽيندي، نپوڙيل ذهن ۽ نستي احساسن ڪارڻ هيٺائيءَ جو ڳهر سنڌ سنڌ. جي سور مان ملندڙ، منڙو، هلڪڙو سرور پريو مزو.
پاڻ تڳندڙ ويساه سان ته:ٽڪ پڃندڙ!
مروٽيل احساس، ساٿا سنڌ. ڪا مهل. ڳپل تائين ائين ئي چڪنا چور، اڌ-مٺا-پيل. ڳپيل جهوليءَ ڪٽ اندر. جيئن جو تيئن. ڪيتريءَ مهل تائين بي سرتو.

‘نہ يار.’

‘جو ،ڏڇين ٿو.’ بگو.
‘حسدس چو.’
‘پوءِ مڙسي ڪانہ ٿئي جاڙي؟’ گلو جي ٽونڪر
‘وڄ ڙي.’
‘اڙي شبن، توکي خبر آهي تہ هيءَ استاد ـ گهر آهي، جوءِ سان سمهڻ کان اڳ هن تي آزمائش ضروري آهي.ڇا ٻُڌءِ ٻچُو.’

گڏيل ٿهڪ

‘اڙي جانو يار جلدي ڪر اسان کي بہ وارو ڏي.’
جانو پگهر ۾ شل، گوڏ سنڀاليندڙ، ڳند ڏيندڙ، يارو پنهنجو وارو وٺندڙ، گوڏ هيٺ پيل ـ
‘يار اڄ هٽنندي’ سادگي وچان.
‘اسان جي هيرايل آ پٽ.’ يارو سهڪندي
‘شبو، جي محمد ڌوبيءَ کي ٻڌايو اٿئي تہ پوءِ پٽ تنهنجو خير ڪونهي.’ گلو
‘نہ ـ منهنجو ڇا وڃي.’

‘ها، ياد رکجانءِ جي ٻڌايو اٿـئيس تہ هي ڏاڙهي آ: پوءِ توسان ڪنداسين.’ جانو.
‘هل ڙي پڙوا. جڏهن چوان ٿو تہ نہ ٻڌائيندس، پوءِ اها ٽڙ ٽڙ ڇا جي ٿو ڪرين.’ ڪاوڙ.
‘نہ شبو، جانو پوڳ ٿو ڪري.’ بگو سمجهائيندي، ‘اڙي يار، تون ڏڇين ٿو. اسين ڪونہ پيا ڪيون.’ اک پڇندي، ‘وٽ وٺ يار ـ بابا ٻڌو، هن کان پوءِ شبوءَ کي وارو وٺرائينداسين.’
گڏهہ ـ مرڪ چپن تي.
مائيل مڙي جو احساس، ياد جي ٻڙاڏي ۾.
ويچاري، بي وس!
جتي بہ، جنهن جو جيترو وس پڄي ٿو، پاڻ کان بي وس تي، پنهنجو وس نهايت ڪميٽائپ سان هلائي ٿو.
گڏهہ ـ عاشي ـ پاڻ ـ ويچارا.

چنڊن ۾ هٿ. مضبوط پڪڙيل. ڏونڊاڙ، پٽ سان ٽڪر، ٽڪر مٿان ٽڪر. هڪ ڀرپور، خواهش: پٽ سان ٽڪر هڻي هڻي ماري ڇڏڻ جي. سڄو جسم ڪنبندڙ. گف وهندڙ. ميريل.

سوئر جا پٽو، مان نٿو مڃان

مان نٿو مڃان

مسٽر شبير، هي فائيل نهايت ضروري آهي اڄ ئي مان نٿو مڃان. ٻڌءِ ڪونه

هڪ زوردار لپاٽ هيڊ ڪلارڪ جي منهن تي، هليو وڃ هليو وڃ - حڪم

مائهن جو ميڙ: اوهان سڀ حرامي آهيو. سوئر جا پٽ مادرچو.... مان پڇان، تو توکي اهاجرئت ڪيئن ٿي هان؟

پيٽ ۾ لت

هان؟ عاشيءَ کي پڇائڻ جي جرئت ڪيئن ٿيءِ؟

تهنجي نہ.... اها توکي جرئت ڪيئن ٿي؟

منهن ۾ مڪ، نڪرندڙ رت نڪ مان

مڪ مٿان مڪ. لت مٿان لت

سهڪندڙ

اوچتو ذهني ڇرڪ سان. سُرت: ڏڪندڙ آڱرين، ڪنبندڙ پوري جسم جي. وهندڙ پگهر جي تيزابي، تکي بوءِ جي.

نڪ ۾ گهڙي ويندڙ تيزابيت واري پگهر جي تيز بوءِ، دماغ تائين پهچندڙ. نہ چاهيندي بہ پگهر جي تيزابيت کي لڳاتار ساهہ ڪٽي وري وري سنگهڻ جي ڪوشش. ٻچان پنهنجو پاڻ کان. گهٽ ۽ ٻوسات جو احساس وڌندڙ. ڪنبندڙ هستي، ان تيزابيت ۾ ڳرندڙ. قميص ۽ گنجي لاهي ڇڏيان پٽن کي آلي گنجيءَ جي آلاڻ ڇيندڙ. سڄي ڪمري ۾ تيزابيت جي بوءِ پکڙيل. ساهہ ٻوساٽجندڙ. ايندڙ اورٽ. الٽي ايندڙ.

لاٿل قميص ۽ گنجي، اڌ بدن اگهاڙو. گرمي ۽ گُهٽ وڌندڙ. منجهندڙ ساهہ. دل ڪڇي ٿيندڙ. ڪرب، پنهنجي ئي جسم کان. ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ڊگها ڊگها ساهہ کڻڻ جو خيال. ٻتازي هوا جي جهوٽن مان ايندڙ مزي جو تصور نئين حياتي ڏيندڙ. پر ليٽيل ساڳي هنڌ تي.

جيڪڏهن مان هينئر مري وڃان؟ مري وڃڻ جي سوال پٺيان، مري وڃڻ جو رومانٽڪ خيال لڪل. مري وڃڻ جي سڌ ڳاڙ خيال سان. زندگيءَ جي مبهم هجڻ، بي معني هجڻ جو گهرو ءهستيءَ جي تجرباتي سطح تي وڌيڪ درست لڳندڙ خيال. بي وسيءَ جو احساس انکي وڌيڪ هٿي ڏيندڙ.

# پاتال میں بغاوت

(A Revolt in the under world)

# • سسيفس جي ناڪار

البرٽ ڪامُو لکيو: "ڏند ڪٿائن کي پنهنجي حياتي ڪانہ ٿئي. اُهي اسان پاران ڪين وجود ڏيڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ هونديون آهن. جيڪڏهن ڪو سندن انهيءَ اوسيئڙي کي موٽ ڏيندو آهي، تہ پوءِ موٽ ۾ هو؛ ڀرپور انداز ۾ پنهنجي سگهہ بخشينديون آهن."

ڪامُو جي مٿئين بيان کي هوند مان هيئن رکان: هو اسان پاران، ڪين جو وجود 'مڙهڻ' لاءِ اوسيئڙي ۾ هونديون آهن (١)

يوناني ڏند ڪٿائن جا پنهنجا انوکا ڪردار ۽ گڻ آهن. سياءَ کي ويجها ۽ اُونهي معنيٰ مان ٽٻ ٽار. يوناني ڏندڪٿا جا ڪردار اڪارٿا- اريشنل (Irrational) هوندي بہ ريشنل آهن. ان ڪري دائمي حيثيت رکندڙ، عام رواجي ڏند ڪٿائن وانگر- يوناني مها ديوتا "زيوس" خلقيندڙ بہ آهي. محافظ بہ. جيئاريندڙ بہ آهي. عظيم بہ. چئيدائن کي بخشيندڙ بہ آهي. ٻاجهارو بہ. انڌي پوڄواري ڪندڙن کي انعام ڏيندڙ بہ آهي. سڀ کان وڏيڪ سگهارو بہ. سگهہ ۽ فورس سندس ٻانها آهن. هو قهار، جبار، رحيم، ڪريم، مهربان، فنا ڪندڙ، جوڙيندڙ..... سندس ڪو مٽ ڪونہ آهي. پر انهيءَ سان گڏ. عام رواجي ڏند ڪٿائي سورهين (Heroes) جي ابتڙ،سازشي، زاني، ڀڙوڀيو، چتو ڳامي، وير رکندڙ، بغضي، ڪينو سانڊيندڙ، ويسارو، بدماش، لفنگو ۽ ڊڄڻو بہ آهي. جيڪي گڻ- اوگڻ ڪيس انسان جي ويجهو آڻي- ڀرپور فطرت پسنديءَ کي اجاگر ڪن ٿا. جنهن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ يوناني ڏند ڪٿا. جيڪا پوءِ مڙني مذهبن، مافوق الفطري سرشتن جي تشڪيل جو سرچشمو بڻي ۽ جنهن منجهان رومن ڏند ڪٿا ڦٽي نڪتي، سا پوءِ جي ايندڙ مذهبن کان بہ وڌيڪ جاندار هئي. هن جي جاندار، ڀرپور ۽ دائمي حيثيت رکندڙ ڪردارن کي هومر ۽ ورجل کان وٺي، فرائڊ، سارتر ۽ ڪامُو تائين، چونڊي پنهنجا دل گهريا وجود ڏنا. ميٿيو- آرنولڊ، رابرٽ برچن، ملٽن، وليم موريسس، شيلي، ورڊس ورٿ. شيڪسپيئر، ايليٽ، آندري گائيڊ، جيمس جوائس، اونيل. فارسٽر ۽ ٻين الائي ڪيترن يوناني ڏند

---

(١) جهڙي ريت انسان جو پنهنجو، پنهنجو وجود ڪونہ ٿئي. پر هو مڙهيل هٿ ٺوڪي سولائيزيشن، سوشلائيزيشن- سبلائيميشن جي وجود کي ڍوئيندو رهي ٿو)

ڪٿائي املھ خزاني من پنھنجي پنھنجي مراد آھر ڪردار چونڊي، مٿن پنھنجو اتساھي وجود مڙھيو. سندن اوسيئڙي کي موٽ ڏني.

ھن مڙني ۾ ڪامو جو گڻ ھن خيال ڪان آڳرواھي تہ، ھن؛ يوناني ڏند ڪٿائي خزاني جي ڍير مان ھڪ اھڙي وساريل، پاتال ۾ پوريل ڪردار کي ڳولي ڦولھي، ڇڪي مٿي اڀاريو. جيڪو ديوتائن جو دائمي ڌتڪاريل ۽ ننديل ھو. جنھن جي ڇرپر ۽ مشغولي (جيڪا ديوتائن پاران ئي مڙھيل) عام رواجي رڌل وھيٹن (Subjects) انسانن جي حياتيءَ ۽ انھيءَ ۾ مشغوليءَ سان بنھہ نھڪندڙ آھي.

اھو ننديل، پٽيل، ڌتڪاريل ڪردار آھي: سسيفس

۽ اھا مشغولي آھي: سسيفين- ٽاسڪ

ھيءَ ديوس ڪردار ۽ سندس ائبسرڊٽي ٻين ليکڪن وٽ ورلي، يا نہ جي حد تائين اڻ- ڇھيل. سسيفس؛ جنھن جي مشغولي، حياتيءَ جي رڌل ھجڻ کي ڇرڪ ڀرائيندڙ چئلينج ڪري ٿي. (١)

فڪري جڳ ۾ مارڪس، جنھن انتھائي سک درسيءَ (Optimism) جي آڌر تي انسان جي مستبل جو عمارتي ڍانچو ڪڙو ڪيو، ڪامو جي ڇرڪ ڀرائيندڙ ائبسرڊ پرولتاري خدا، سسيفس، انھيءَ کي ھوڪاريو.

ڪنھن مفھوم واري سرگرمي ۽ ان جي ڪارج جي ميچنا: جنھن منجھان ڪجھہ پراپرت ٿئي. ڪو؛ جبل تي چڙھي، چوٽيءَ تي رسي، وري لھي. چڙھي ۽ لھي.... پگھر ۾ شل، سھڪو ورتل، پر انھيءَ پورھئي- مشغوليءَ مان مجيل ريشنل قدرن پٽاندر ڪجھہ نہ وري تہ اھا مشغولي ڪارج جي مفھوم ۾ اجائي ۽ ائبنارمل، ڪلڻ ھاب ۽ چٽر لائق ليکي ويندي.

نيٺ زندگيءَ جي جبل تي چڙھڻ- لھڻ منجھہ رڌل ھجڻ منجھان ڇا پراپرت؟

جڏھن تہ موت اٽل آھي.

---

(1) < The fundemental subject of the myth of Sisyphus is: it is legitimte and necessry to wonder weathere life has meaning.>
(camus: Myth of Sisphus)

# پاتال ہِ بغاوت

(A Revolt in the under world)

ڪرتوتن کي وائکو ڪيو. سندن ڏوهاري اصليت کي پڌرو ڪيو. مان ئي آهيان، جو موت جي واديءَ جي والي هيڊز سان سامهون ٿيس. مان: سسيفس، جنهن ديوتائن جي پروهت ورت جي پچڪڙي ڪئي.سندن منشا جي ابتڙ ڌرتيءَ سان موهه رکيو.

"مان ديوتائن جي دستورن کان انڪاري آهيان

"انڪار: منهنجو منڊ

"مونکي پنهنجي منڊ ڏانهن موٽڻ گهرجي."

"مونکي پنهنجي منڊ ڏانهن موٽڻ گهرجي.

"منهنجو منڊ: انڪار-"

سسيفس: ڏنو: مهاديوتا زيوس جو پيغمبر هرمز. هيڊز سان گڏ بيٺو هو. پنهنجي روايتي تکائيءَ، چالاڪيءَ ۽ ابهرائيءَ وچان، هو حرفتي چال سان سسيفس کي گهوري ڏسي چوڻ لڳو:

"ابو زيوس، جيڪو ساري وس جو ڌڻي آهي. جيڪو مينهن ۽ ڪڪرن جو رب آهي، جيڪو پوري سرشتي جو اپائيندڙ ۽ پالڻهار آهي. سسيفس! تون ان جي امرن کان وري ڦري رهيو آهين؟"

سسيفس جي سڪل سرير ۾ تازي ساهه پري جنبش آئي:

"ها-"

"ڇا تون نٿون ڄاڻين ته زيوس جي سگهه ڪائنات جي مڙني سگهن کان اتم آهي. زيوس، جيڪو وڄ کان وڌيڪ تيز آهي........"

"ڄاڻان ٿو." سسيفس، تهنائيءَ پر وشواس سان ورائيو.

"۽ ابو زيوس، انهن کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو آهي، جيڪي سندس پروهت ورت ڀڃندا آهن. سندس، پروهت ورت اٽل هوندا آهن."

"پر مون اهي ڀڳا آهن." سسيفس ارڏائي مان ورائيو. "هرمز، مون اهي ڀڳا آهن."

هو گوڙهي ويچار ۾ پئجي ويو.

۽ پوءِ سندس گنڀير پڙلاءُ پاتال جي پيٽين سان ٽڪرائڻ لڳو:

"هرمز، ٻڌ: جڏهن مان ڌرتيءَ تي ويس. ڌرتيءَ جي اڻ- ڪٿ لوچ مونکي سوچ ڏني. هرمز، سوچ مرڻن جي هستيءَ جو نه- ڇڄندڙ ڀاڱو آهي. اتي مون ڏٺو:

"موت، هستيءَ جي منزل آهي. اٽل."

"پوءِ سوچ اتي: نيٺ جيئون ڇو ٿا؟

"هن سوال جي جواب کي اتي هر ڄڻي، هر ڌر پنهنجي پنهنجي

سندس هر امر پوتر آهي. جو اهو سگهاري جي اڇا جو آواز آهي.
"منهنجي مٿان هن مڙهيل......"
هو چپ ٿي ويو.
هرمز جو آواز اڀريو:
"تون هيٺو آهين. ڪجهه نٿو ڪري سگهين. ديوتا سگهارا آهن. سسيفس! پٽر ۽ جبل تنهنجي اوسيڙي ۾ آهن."
"نه-" سسيفس رڙ ڪئي.
"مان انڪار ڪيان ٿو." ميربل هوڏي ۽ جو پڙلاءُ-
"مان انڪار ڪيان ٿو.
"هيٺو آهيان: ڄاڻان ٿو. پر بغاوت هيٺن جي سياءَ جو ٿي انگ آهي: ڇاڪاڻ ته هو هيٺا آهن. انهي ۽ ڪري بي وس. بي وسي ۽ جو ويندڙ اپو هيٺن ڪي بغاوت لاءِ اڀاريندو آهي. اهو سياويڪ آهي، جو هو انهي ۽ انحراف، انڪار ۽ بغاوت جي هير مان موج ماڻيندا آهن...."
هو سجو ڳاڙهو ٿي ويو. منهن ٽامڻي هٽي ويس.
ٿڙڪڻ لڳو:
"نه-"

هرمز، لفظن تي زور ڏئي چيو: "ديوتائن جو ديوتا. پوري ڪائنات جو ڏڻي ابو زيوس، انڪارين کي ڪڏهن نه بخشيندو آهي، سسيفس."
"اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه آهي." سسيفس بي پرواهي ۽ مان ورائيو.
**۽ پوءِ پراڏي ۾ گونج اٿي:**

ديوتائن جو ديوتا: زيوس
تيجوان
سڀ کان وڏو
سڀ گڻ ڪيس جڳائن
جيڪو سڀ کان سگهو
۽ سهرو آهي.
هو مها آهي.
گاج گجگوڙ، وڄليون
سندس ادويتي روپ آهن
سگهه، سهرائي
سندس ڇنيدان ٻانها آهن

هن-
هوڏين ۽ نئرن
ڪپاترن ۽ پاڪين لاءِ
هيٺ پاتال ۾
جهنم جوڙيو
اسانجو زيوس
خلقڻهار- پالڻهار
جنهن اسانکي هر سوکڙي ڏني
جيڪو:
پوري جڳ جو سنڀاليندڙ آهي
مکتي ڏيارينڌڙ
جنهن کان سواءِ
هوند جڳ ۾ اوندهہ انڌوڪار هجي
هُوئي آهي
سنڀاليندڙ- پاليندڙ
هن کان سواءِ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟
جو هن سرشٽي کي هلائي.

ابو زيوس
هوڏين- نئرن
ڪپاترن ۽ پاڪين کي
ڪڏهن نہ بخشيندو آهي
ڪڏهن نہ-
هو مهمان آهي.
سسيفس جي سُڪل ڇپن تي مرڪ ٻهڪي وئي. ۽ سندس پوري هستيءَ ۾ سرت-ڀري ڏڪار، مرڪ ۽ ڏڪار جي هن سنگم سندس ڏبري، پر هيٺلي وجود کي ڏيا ڏني ۽ وڏائيءَ ۾ ڀري ڇڏيو. ڏيا ۽ وڏائي، سند سرير تي نهڪندڙ هستيءَ جو انگ ٻڌيل.
اوچتو وڄ جو چمڪات ٿيو. ترٽلو متو. پوري ڪائنات ڏُڏي وئي.

سسيفس کي ديوتائن جي دربار ڏانهن نيو پئي ويو.
۽ جڏهن، سسيفس کي ديوتائن جي اولمپئن محل ۾. جيڪو جبل جي انتهائي چوٽيءَ تي اڏيل، آڪاش سان سينو ساهيندڙ هو، آندو ويو،

"ڇا تون پروميٿيس جي سزا کان اڻ- ڄاڻ آهين؟"
۽ پوءِ پڙاڏي ۾ گونج ٿي:

اِي زيوس جا چيدان ٻانها فورس ۽ وائلنس پروميٿيس کي ڇوڪنيو ڪوڪلڪس جبل تي نيئي ويا. جتي هن کيس تکي ڇيندڙ ٽڪريءَ سان، مٿي پر ڇڪي ٻڌو، سخت الماسي زنجيرن سان، جن کي ڪير ٻه ٽٽي نٿي سگهيو.

۽ هن کيس ٻڌايو:
تون سدائين اتي ڇٽيو رهندين
توکي انهيءَ اڻ- سهي سور کان ڇڏائڻ وارو ڄائو ئي ڪونه آهي.
ديوتائن منجهان هڪ هوندي
توکي مهاديوتا جي ڏمر جو پڻ نه ٿيو
جو تو مرڻن کي اهو ماڻ ڏنو
جن جا هو لائق نه ها-
۽ هاڻ:
تون هن سراڻ تي پيو گهرڙج
تنهنجي لاءِ نه ننڊ آهي نه آرام
۽ نکوٽي تنهنجي چرير ۾ گهڙين جي ڪا مهلت
ڪُٺڪ ڪنجهڪار تنهنجي ٻولي آهي
رودن، دانهون تنهنجا لفظ آهن.

۽ پوءِ رت ۾ وهنتل عقاب آيو
ٻکيو، ڇتو، اڻ- سڏيو مهمان ٻڌجي
پروميٿيس جي سرير تي ٽٽي پيو
اتکي ڇيري ڦاڙي
ڇيهاڙيون ڇيهاڙيون ڪري ڇڏيائين
۽- سندس ڪاري جيري کي
ڇتو ٿي زم ساڻ پڻ- چنڻ لڳو.

پوءِ هرمز کيس ٻڌايو:
مهاديوتا زيوس جي امر سان
تنهنجي انهيءَ پيڙا يري سڪرات جو
ڪو انت ڪونه آهي

# لڑھندڑ نسل

(ناولیٹ)

– ميرثيبي جي نالي

جي اوسر)...... ڪڏهن ڪڏهن ان وقت. ممڪن آهي، ماضي ۽ حال ڪي آڏو رکي سوچي: تجربي ۽ ڪارڻ سيڪاريو آهي. يا بي حس بنايو آهي؟ بي حس بنايو آهي. يا حقيقت پسند بنايو آهي. زندگيءَ ڏانهن رويي رکڻ لاءِ؟- هر رويي جي پرک عقل جي بنياد تي. عقل پرست بنايو آهي. يا شڪست ڏئي، حالتن سان سمجهوتي لاءِ مجبور ڪيو آهي؟ محض زندگيءَ جون مليل گهڙيون، گهارڻ لاءِ ذليل سمجهوتو. انهيءَ ذلت جي احساس کي مٽائڻ لاءِ فارمولا: ڪارڻ سيڪاريو آهي، زنده رهڻ جو ڏانءُ. پر پوءِ بہ ڪڏهن:

جي سيڪاريو آهي تہ ڇا؟- اهوئي، روح ڪي پهتل هر رهندڙ ڪي مرڪي ميساري ڇڏجي. ۽ وڪ اڳتي وڌائجندي رهجي. مستقبل ڏانهن. وڪ؟ ڪيڏانهن؟ هر وڪ موت کي ويجهو آڻڻ لاءِ! هڪ سوال: پوءِ اهڙي وجود جي معني ڪهڙي! هڪ ڏينهن جسم، هڪ ڏينهن موت. ۽ بس. ڇم ۽ موت جي وچ وارو خال: زندگي هي سڀ ڪجهہ ڪيڏو بي معني، مضحڪي خيز ۽ سطحي آهي!!

ڪٽ تي ليٽي ٿو. هڪ اڻ ڇنو مبهم خيال، باقي حياتي گهارڻ جو. اداسيءَ سان گڏ. نراسائي ۽ بي وسيءَ جو احساس ارڙ بلا وانگر وڪوڙيو پيو وڃيس. ۽ ان بي وسيءَ جي احساس جي ساڃهہ. ڪيس پاڻ تي قياس آڻڻ جو ڪارڻ بنجي ٿي. پاڻ تي قياس، ڪيڏو اذيت ناڪ آهي. من ۽ گلو پرجي اچيس ٿو. 'گهر ڇڏيان، مزوري ڪندس.' ويچاري ٿو..... اپريس ٿو ذهن ۾ گذريل واقعو آخري انٽرويوءَ جو. جيڪو گهڻو وقت اڳ ڏنو هئائين:

مرڪي وجي ٿو. وڏي خود اعتماديءَ ۽ پنهنجائپ جي احساس سان آفيسر وٽ. (ممڪن آهي) آفيسر سان پنهنجائپ جو احساس هڪ سنڌي هجڻ جي حيثيت ۾. ان پنهنجائپ جي احساس جي اوساري، اوسر ۽ پختگيءَ پنيان، شاگرديءَ جي زماني ۾، ٻہ دفعا جيل وڃڻ، پوليس لاٺي چارج ۾ زخمي ٿيڻ ۽ انهن قربانين ۾ پنهنجي اهم حصي هجڻ، جنهن جي ڪري هي سنڌي آفيسر آيا آهن- جا لاشعوري جذبا. وڃڻ شرط صاف آواز ۾ چوي ٿو، 'جيئي سنڌ'. موٽ ۾ آفيسر جون اڻ وڻندڙ نظرون. ڪجهہ پنهنجي هلڪڙائپ جو هلڪو احساس. پر پوءِ بہ، اڻ ڇاتل طور سنڌي آفيسر سان پنهنجائپ جو احساس پختو. (سنڌي هجڻ ڪري؟)

آفيسر جون مٿس نظرون.

ويٺو آهي، انتظار ۾ ڪانئس ٿيندڙ سوال لاءِ.

'ڇا پاس آهين؟'

'ايم- اي- پوليٽيڪل سائنس ۾.'

اکيون کولي ٿو. ذهن خالي. ڪي گهڙيون خالي پوءِ، پڇتاءُ من ۾. پيشماني: 'اجايو هنيم.' ڦٽي ٿو ڪري ٽڪ. اڃي اڃي، پڪ ڪان خالي، ٽنڊڙن ٽنڊڙن ٻڙ ٻڙن جي نهيل. اُٿي ٿو لڳ ساڻا. اکيون هڪ هنڌ کُتل. ڄڻ ته ڪجهه سوچي پيو ٿو. پر حقيقت ۾ ذهن ڪورو. سڄو بدن ٽڪل ٽڪل. خيال: 'پاڻيءَ سان وهائي ڇڏيان.' ٻالٽيءَ مان جست جو وٽو ڀري ٿو. هارڻ کان اڳ: ڏسان ته ڪيتري نڪتي آهي.' ڏسي ٿو ڊبو انساني نسل جي ٻج جو. 'ٿوري آ، پنڙي-' کن لاءِ تشويش وري 'کهڙي وپني آ-هنه. ڦر ٿيندا، مون جهڙا.' پاڻيءَ سان وهائي ٿو ڇڏي ناليءَ ۾.

اڄي ڪٽ تي سمهي ٿو. بي چيني ۽ بيقراريءَ واري هُر- ڪر ڍيل. نستو جسم. ساڻا احساس. ذهن ۾ نيم غنودگيءَ جو ڳهر. ۽ اهو ڳهر سڄي جسم ۾، نس نس ۾ پکڙجندڙ. پاسو ورائي ٿو. ۽ انهيءَ غنودگيءَ نما ڳهر جي وڌندڙ دونهاٽ ۾ وڃائبو وڃي ٿو....... وڃائبو وڃي ٿو......... ۽ وڃائجي وڃي ٿو. صبح جو اوسيڙو ڪرڻ کان سواءِ. سياڻي جي نٽين سڄ جو هڪ سوال بڻجي. هڪ جواب بڻجي.

’وچ! ڪيڏيون تبديليون! هينئر پاڪستان؟ - مون ڪيترن ڏينهن کان اخبارون نہ پڙهيون آهن؟!- بنگال هينئر رهندو؟....‘

’بي بي سيءَ ٻڌايو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ لک ماڻهو مُئا آهن. ڍاڪا يونيورسٽيءَ تي بمباري ڪئي اٿن..........‘

جسم ۾ هڪ اينڊڙ حساسي تبديلي.

هو چوڪرا، هينئر ٻن پوڙهن جي سياسي ڪچهريءَ ۾ حصو ونندي، چئي رهيو آهي: چوڪرا ڏانهن ڏسي ٿو. منهن تي مايوسي ۽ افسوس گاڏڙ تاثر. هيسيل. جوش. ٻئي پوڙها ڏانهنس پوري ڌيان سان اکيون ڦوٽاريون ۽ وات ڦاڙيو، ٻڌي رهيا آهن. رٽائرڊ ماستر اچا وڏيڪ حيرت مان اکيون ڦاڙي چوي ٿو:

’هان-! پوءِ ابا نيٺ ڇا ٿيندو؟ پاڪستان جو ڇا ٿيندو؟‘

’سائين ٿيندو وري ڇا. بنگالي وڙهي ڇاڻ، وڙهندا. باقي سنڌ؟ ان تي پنجاب جو قبضو رهيو آهي ۽ رهندو.‘ چوڪرا انتهائي نا اميديءَ مان ورائي ٿو.

سانت.

ڏانهنس ڏسي رهيو آهي. دل چويس ٿي ڳالهيون ٿينديون رهن. سانت ٽوڙيندي جمعدار چوي ٿو. ’بس ابا. ڪُل جو خير. رب ساجهہ ڏيندن......‘

چوڪرا وچ ۾ چوي ٿو: ’ڇا توهانکي خبر آهي تہ، پنجابي- پناهگير، فوج ۽ آفيسر ڪهڙي چال ڪري رهيا آهن. سنڌين کي ختم ڪرڻ لاءِ-‘ ٻئي پوڙها ڏانهنس ڌيان ڏين ٿا. ’هتان جي اصل بنگالين،هندن ۽ مسلمانن تي انسانيت ڪان ڪريل ظلم ڪري، هڪ طرف ڪين هندستان ڏانهن وڃڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهن، ٻئي طرف لکن جي تعداد ۾ بنگالين جي نسل ڪشي ڪري، ڪين گوليون، بمن ۽ بارودن مان ڪڍي رهيا آهن. جيئن هنن جو تعداد گهٽجي. ساڳي ريت سنڌ جي ڳوٺن ۾ پنجاب ڪان آندل پنجابي نوآبادگارن کي سهوليتون ڏئي، هنن کي آباد ڪري رهيا آهن، تہ شهرن ۾ مهاجرن کي. هينئر بنگال ڪان آندل بهاري پناهگيرن جا. جيڪي جهاز ڀرجي آيا آهن تن کي بہ سنڌ ۾ رهايو پيو وڃي. ۽ سنڌ جي سرحدي علائقن ۾ ۽ ٻين شهرن ۾ رهندڙ هندن کي لڏائڻ لاءِ اسلام جي نالي ۾، هندستان ايجنٽيءَ ۽ ٻين مڪروهہ بهاني سان تحريڪون هلائي. سنڌين جي تعداد کي ڏينهون ڏينهن گهٽائڻ لاءِ سنڌ دشمن سازشون ڪري رهيا آهن......‘

’مارا‘ ماستر اکيون ڦاڙي تعجب مان چوي ٿو، ’ابا ٻڌو اٿئون تہ سنڌي پوليس وارن کي بہ بنگال پيا موڪلين ۽ هو نہ ٿا وڃن.....‘

’ها ها. مان ٿو ٻڌايانءِ.‘ جمعدار وچ ۾ اڀرو ٿي چوي ٿو. ’مان آفيس ۾ پنهنجي پينشن جي ڪاڳرن لاءِ ويس ته اتي ٻڌم. سچ آهي. رڳو حيدرآباد مان ٽي اڍائي سو پوليس وارن جي لسٽ ٺاهي اٿن. ۽ سڀ سنڌي! سنڌي ۽ پنجابي پوليس وارن ۾ ان ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو آهي. سنڌي پوليس وارا چون ٿا ته رڳو اسان کي ڇو ٿو موڪليو وڃي- ۽ ها. ڪيترا ته خوشيءَ سان پيا وڃن. جو خاص الائونس به ڏيندن. ابا پيٽ. ۽ ڪيترن ته استعفائون ڏنيون.‘

’هون.‘ نوجوان ڪنڌ سان سندس تعريف ڪري ٿو. ۽ شڪي نگاهن سان ڏانهنس ڏسي ٿو. ڏانهنس ڏسڻ ڪانپوءِ سندس منهن جي رنگ ۾ ڪجهه تبديلي اچي ٿي ۽ هو پوڙهن کان موڪلائي اٿي هليو وڃي ٿو. سمجهي ٿو: هن ڪيس شايد سي. آءِ. ڊيءَ جو سمجهي شڪي نگاهن سان ڏٺو ۽ هليو ويو. ’ها. هن سمي ۾ ڪنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو.‘ ياد ٿو اچيس. ڪٿي ٻڌل: سرڪار هر هنڌ. هوٽلن ۾. لئبررين ۾. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سي. آ. ڊي ڄاڙتا ڇڏيا آهن. ’ڪيڏي ٽريجڊي! ڪيڏو انسان سان مذاق: چوويهه سال! يعني هڪ نوجوان نسل جي ذهن، هراس، ڀوسات، بي يقيني، رڳو نعري بازي ۽ مارشلائن جي اثرن هيٺ پرورش پاتي آهي. ذهن بند. زبان بند. جذبا مروٽيل. احساس ڪچليل، ڄنگهون جڪڙيل! ۽ هينئر ...... نيٺ ڇا ٿيندو؟‘ سوچ ۽ اوچتو سوال:

پوڙهن جي ڪچهري ٻڌي ٿو: ماستر ڳالهائي رهيو آهي. شايد هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جي باري ۾. اهو سندس ڳالهائڻ مان پڌرو آهي: ’........تن ڏينهن ۾ مان ڪراچيءَ جي هڪ سنڌي اسڪول ۾ ماستر هجان. جلوس به جلوسن جهڙو هجي. اڳيان هجن ڪاليجي هندو نينگريون ملوڪ. ’هندستان ڇڏيو.‘ تحريڪ لاءِ هڙتال پئي ڪرايائون. سائين منهنجا. هر دڪان تي وڃي، دڪاندار کي سهڻي نموني سمجهائي، دڪان پئي بند ڪرايائون. ڪيڏي سچائي هئي! ڪيڏو خلوص هو! ابوهه!! ۽ ها- دڪان وري ڪليل ڪنهن جا؟ مسلمانن جا! ميان! انگريزن کي هتان ڪڍيو ته هندن ڪڍيو هي مسلم ليگي؟ انگريزن جا نطفه. ڪو مسلم ليگي، انگريزن کي هتان ڪڍڻ لاءِ- جيل ۾ ويو؟ ’حرام خور پيٽسان.‘ ماٺ ڪري ٿو. جمعدار بدستور ڏانهنس ڏسي رهيو آهي. وري ڳالهائي ٿو: ’شابس هجي پنهنجن سنڌي ڪاليجي ٻچن کي. ڏٺي سوڀ ڏيندن.....

لئبررين، جو ڏانهن ڪنهن مهل کان تڪي رهيو هو، سندن ڀر ۾ اچي ٿو. ’مهربان هيءَ لئبرري آهي، سياسي اکاڙو نه.‘

ٻئي پوڙها چپ.

جو سيني سي. آءِ. ڊيءِ وارن کي سڃاڻين.' نواز چويس ٿو.ان تي باهه اچيس ٿي. 'ذليل ڪميٽو.' پر انجو اظهار نٿو ڪري. ياد اچيس ٿو: ۴ مارچ واري تحريڪ ۾، جيل ۾ رهندو هو. ماءُ ياد ايندي هيس. انتهائي هلڪڙائي نرڙاٽپ جا ڏيکاءُ ڪندو هو. ڪجي ٿو.

'چانهه.' مٿان بيري کي بيڻل ڏسي، احمد چوي ٿو. خاموشي.

'بيا ڪهڙا حال اٿئي؟ تهنجي فرسٽريشن جو ڪهڙو حال آهي؟' شاهه پڇيس ٿو.

'ٺيڪ.' مرڪ سان جواب. 'تون ڏي خبر، ڪهڙا ٻڌا آهن، ڪهڙن جو انديشو آهي؟ يونيورسٽيءَ ۾ ڇا پيو ٿئي؟'

شاهه ۽ پاڻ ڳالهائي رهيا آهن:

'هن وقت تائين. گرفتاريءَ جو رڳو جي. ايم. سيد جو ٻڌو اٿون. باقي افواهه آهن ته، سنڌ ۾ ادائي سون جي لسٽ ٺاهي اٿن. جن ۾ سنڌي دانشورن ۽ ليڪن، شاگردن ۽ سياسي ورڪرن جا نالا آهن. تن کي پڪ گرفتار ڪندا.'

'هون-'

'ماما، تهنجو نالو ته پڪ هوندو. تو جيل ۾ ڪڏهن به معافي لکي نه ڏني آهي نه؟'

'نه.'

'پوءِ ته تون رڪارڊ......' خوش طبعي سان 'پلا نيٽ ڇا ٿيندو؟' پڇيس ٿو.

'اها ته پڪ آهي، بنگال نه رهندو. بنگالي هينئر فيصلو ڪندا. پوءِ پلي هن کي ڪيترين ۽ ڪهڙين ٿي قربانيون ڇو نه ڏيڻيون پون.'

'يونيورسٽيءَ ۾ ري ايڪشن (Re- action)؟' ورجائي ٿو.

'پهرين ڪجهه جوش هو. پر جڏهن کان ڪئمپس جي مين روڊن تي فوجي گاڏيون رائونڊ ڏيڻ لڳيون آهن، هراس مينٽ ٿهلجي ويو آهي. خاص ڪري هن ڪري، جو، ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ جا بمبارٽمينٽ ڪئي وئي آهي، ته هتي به ڊپ آهي ته، اٿين نه ڪيو وڃي. ڪيترا شاگرد هاسٽلون خالي ڪيو ڳوٺن ڏانهن هليا ويا آهن. ۽ جمعيت طلبا وارا ڪجهي نموني فوجين سان گڏجائيون ڪندا رهن ٿا ۽ ڪين سڄي انفارميشن ڏيندا رهن ٿا. ۽ ها- ڪلهه رات ڪجهه پمفليٽ، ڪمرن ۾ ڪنهن جي طرفان ڦٽا ڪيا ويا هئا. بنگالين جي حمايت ۾ ۽ فوجين جي خلاف. ڏاڍا سخت هئا......'

'ڪنهن جي طرفان ڦٽا ڪيل هئا؟'

'چئي نٿو سگهجي! پر منهنجو اندازو آهي ته، پرو- رشين

ڪميونسٽن طرفان ڦٽا ڪيل آهن.'

'هائو، اهي انهن ڪامريڊن جا ڏنل آهن. هڙئي موقعن تي ٻرن ۾ لڪي ويندا آهن. پڇين؛ ته چوندا: انڊر گرائونڊ آهيون. پوءِ پمفليٽن جي ڏم لڳائي ڏيندا آهن. ۽ انهن ٻين کي ٻڌائيندا آهن.' نواز وچ ۾ چوي ٿو. 'الاءِ ڪنهن چيو هوته. جيڪڏهن انهن ڪامريڊن کي جلاب ڏجي ته سندن مقعد شريف مان دست نڪرڻ بجاءِ، پمفليٽ ئي پمفليٽ نڪرندا.' ٺهڪ ٿو ڏئي. سڀ کلن ٿا. 'پيٽان وڏو ٺٺڪ آهين.' پاڻ به کلي ٿو. جيتوڻيڪ هن جي ٽرڙائپ ۽ هلڪڙائيءَ وارو انداز بنهه نٿو وڻيس.

'ايمان سان. آزمائش شرط آهي. پلي اوهان ڪنهن ڪامريڊ کي جلاب ڏئي ڏسو.' نواز وڌيڪ ڪلائڻ لاءِ چوي ٿو.

کل. کل ڪانپوءِ ڪا مهل خاموشي. ان خاموشيءَ ۾، ٽيپ رڪارڊر تي هلندڙ ڪو سنڌي گانو.

'شاهه، ها پوءِ انهن پمفليٽن جو ري ايڪشن ڪهڙو ٿيو؟" خودئي سانت کي ٽوڙي چوي ٿو.

'ري ايڪشن؟ ري ايڪشن ادا هي نڪتو ته، شاگرد انهن پمفليٽن ڪڻندڙن کي گاريون پيا ڏين. چي: اهي مارائيندا. هاسٽلون گهٽيو ڪري خالي تي ويون آهن. جڻ ته راڪاس گهمي ويو آهي. ۽ ان سانت ۾، رڳو فوجي گاڏين جا ٽڙڪاٽ ٻڌندين. اهو آهي ري ايڪشن.'

'ڪيڏو الميو: تعليمي ادارن ۾ فوجي ٽرڪون ۽ ٽينڪون!' چوي ٿو.

'ڪا وڏي ڳالهه ناهي،' شاهه مرڪندي چوي ٿو 'پاڪ آستان ۾. يعني پاڪستان ۾! جتي ٽيويهن سالن کان عوام جي روحن تي فوجي گاڏيون هليون پيون وڃن، جتي ٻارنهن ڪروڙ عوام ٽيويهن سالن کان، مارشل لا ڪورٽن ۾ اندر ٽرائيل رکيو ويو آهي. جتي، دانشور ٽيڻ معنيٰ گوليءَ جي سزا- اتي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ فوجي گاڏيون گهمڻ ڪا وڏي ڳالهه ته ڪانهي، نه؟'

'ها.'

'انهيءَ کي چئبو اٿئي اسلامي طريقو. منهنجا پيارا.' احمد چوي ٿو.

'۽ ها. جيسيتائين هڙو پاڪستان آهي: پنجاب جا سامراجيانه مفاد آهن. پناهگيرن جو اردو ازم آهي، هي فوج آهي، ته هي سڀ ڪجهه رهندو.' شاهه.

'ائين ئي رهندو؟؟ جيئن آهي؟' پاڻ سوال ڪري ٿو.

دشمن آهن. ۽ مدل ڪلاس ۽ دانشورن جا حال تو ٻڌايا؛ برابر سڀ حقيقتون آهن. پر سـدائين تـ اهي نـ رهنديون؟ نيٺ هيءَ حـاڪميءَ ۽ غلاميءَ جي چڪتاڻ سنڌ جي ماڻهن کي صحيح سوچ جو احساس ڏياريندي. شعور ڏيندي. پختگي ڏيندي. تجربو ڏيندي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڏيندي، جيڪو قومي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي......'

'ير خدا جي واسطي سياست بند ڪيو.' نواز هٿ ٻڌي چوي ٿو، 'هوڏانهن لسٽون پيون ٺهن ۽ هتي اوهان هوٽل ۾ ههڙيون خطرناڪ ڳالهيون پيا ٿا ڪيو- ميان ڪجهہ ڪونہ ورندو. ڀيون بہ رڳو هي ڳالهيون اٿو نہ؟ ماڻ ڪري نوڪريءَ ڇوڪريءَ جي ڪا ڳالهہ ڪيو. اجايو پيا ٿا-'

'ٺهيو. هاڻي سياسي ڳالهيون نٿا ڪيون. بس. ڀي ڪا ڳالهہ ڪيو.' احمد مرڪي چوي ٿو.

'ٻي ڳالهہ اها تہ. سگريٽ گهراءِ. ڳالهايو اوهان پئي، مٿي ۾ سور مونکي پيو آهي.' نواز چوي ٿو.

احمد ولس جو پاڪيٽ گهرائي ٿو. سگريٽ چڪين ٿا. ٽيبل جي آس پاس دونهون. ان دوران پاڻ خاموش ويٺل. ڪا گهڙيون خاموشي. پوءِ.

'نواز تنهنجا لو افيئرس ڪٿي پهتا آهن؟ مون ٻڌو آهي تہ هڪ 'پيڻ' ناهي اٿئي؟' شاهہ ڪوٺڻ لاءِ چويس ٿو.

'ڪهڙا يار افيئرس اسان جهڙن غريبن جا. مڙئي دل پشوري. يونيورسٽيءَ جون ڇوڪريون، انهن مردن کي ٽيون چاهين، جنهن وٽ دولت هجي. ڪار بنگلو وغيره. سماجي حيثيت هجيس. ۽ وڌيڪ آئيڊيل ڇوڪرين لاءِ شهريت هجي. مون وٽ اهي ٽئي شيون ناهن. انهيءَ ڪري-' نواز سگريٽ جو ڪش هڻي ٿو.

'يلا اها ڪيتري قدر حقيقت آهي تہ، تون اڄڪلهہ فري سيڪس جو ڏاڍو پرچارڪ ٿي پيو آهين؟' شاهہ وڌيڪ ڇيڙڻ لاءِ چويس ٿو.

'اسان جي نصيب ۾ رڳو آهي ئي پرچار، يعني زباني لست. جنهن کي ذهني عياشي بہ چوندا آهن.' نواز چپٽي وڄائي آگرين جي وچ ۾ جهليل سگريٽ جو قلو ڪيرائي ٿو، 'هتي فري سيڪس لاءِ ڪجهہ بنيادي لوازمات آهن؛ هڪ بہ عدد پيڻ هجي جنهن کي- بارٽر سسٽم هيٺ ايڪسچينج ڪري سگهجي. يا تہ دولت هجي يا ٽيلنٽ ۽ گٽس هجن يا ڪا حيثيت هجي مثلاً ليڊري وغيره. انڪري منهنجو فري سيڪس پنهنجو پاڻ سان آهي.' چاتيءَ تي هٿ هڻي چوي ٿو.

سڀ کلن ٿا. ڪا مهل خاموشي.

'هلون هاڻي.' پاڻ خاموشي ٽوڙيندي چوي ٿو.

پڙهي ٿو: '
'١. موجوده سياسي صورتحال جو جائزو- ٢. رپورٽنگ- ٣. ايندڙ فيصلا.- منهنجو خيال آهي تہ، سياسي صورتحال تي آخر ۾ ڳالهايون. سڀ کان پهرين هر هڪ ساٿي پنهنجي گذريل فيصلن بابت رپورٽ پيش ڪري.'
'ساٿيو، پهرين مان پنهنجي رپورٽ پيش ڪيان ٿو.' دريا خان چوي ٿو، 'مون ويڪلي بليٽن لاءِ اسٽينسل، قلم ۽ ڪاغذ وغيره سڀ هٿ ڪري ڇڏيا آهن. جنهن ڪلارڪ پنهنجي آفيس مان سائيڪلو اسٽائل ڪرڻ جو انجام ڪيو هو، سو هاڻي ڊپ ڪري ڦري ويو آهي. هن معاملي تي پيهر وري غور ڪرڻو پوندو.'
'تہ ڇا ڪٿي ٻئي هنڌ تي ٿي سگهي؟'
'مشڪل آهي. هن دور ۾.'
'نيڪ آهي. مان پنهنجي ليکي ڪوشش ڪندس. تون سڄو سامان مونکي ڏئي ڇڏجانءِ.' ساٿي ڪي گهڙيون خاموش رهندي، ڪجهہ سوچيندي چوي ٿو، 'ساٿي، اوهان ليف ليٽ جو ڊرافٽ تيار ڪيو؟'
'ها سائين، رف لکيو اٿم. پڙهان؟ پر ٿورو ترسو، ٻاهران جائزو وٺي اچان، ڪٿي روشنيءَ جو ڪو ڪرڻو تہ ٻاهر نٿو وڃي-'
ٻاهران ٿي اچي ٿو: 'سڀ نيڪ آهي. پڙهان؟' پڙهي ٿو:

## سنڌيو- سجاڳ ٿيو!

حڪمران فوجي ٽولي هينئر ڇتو ٿي پيو آهي. بنگال جي ڪروڙين انسان- ڪش ڪارواين مان پڌرو آهي تہ، هيءَ قومي حقن، عوامي جمهوري، ترقي پسند تحريڪن ۽ پورهيت عوام جي مڙني جدوجهدن کي مڪمل طور ناس ڪرڻ ٿو چاهي. ۽ سموريون رجعت پسند طاقتون سندس همراهيءَ ۾ آهن. پر بنگال جو عظيم، بهادر ۽ جرئتمند عوام، انهن وحشين جو ڀرپور مقابلو ڪري رهيوآهي.
اسين سنڌ ڌرتيءَ واسين کي چتاءُ ٿا ڏيون تہ اهو خوني ۽ نسل ڪشيءَ جو ڊرامون هتي بہ دهرايو ويندو.
سنڌ ڌرتيءَ جا محب وطنو، جمهوريت پرستو ۽ ترقي پسندو!
تيار رهو-

اندر جيڪي گهر آهن؛ تن جي درين مان. ٻيبو هاستلون آهن، سي تہ بند آهن. انهن جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. بهرحال هن ڪم ۾ چوڪس ذهن، ڦڙتيءَ، حاضر دماغيءَ، ڪامن سينس، جرئت ۽ تخليقي سوچ جي ضرورت آهي. مقصد اجايو اويدوينچر ڪري پاڻ ڦاسائڻو ناهي. پر پاڻ بچائيندي هي آواز گهٽي ڪان گهٽڻ تائين پهچائڻو آهي. ۽ نہ وري اجايو رهي بزدلي ڪرڻي آهي.

’ٺيڪ آهي.. وراڻي ٿو. پنهنجو اهو ورجائڻ رسمي ۽ غير ضروري لڳيس ٿو.

’دير ٿيندي پئي وڃي. منهنجو خيال آهي تہ هاڻي ايجنڊا جي اڳئين پوائنٽ ڪڻون.‘ هوشو پاسو بدلائيندي چوي ٿو.

’ڪامريڊ!‘ لفظ تي زور ڏئي ساٿي چوي ٿو: ’جنهن مقصد لاءِ گڏ ٿيا آهيون، نيٺ انکي مڪمل ڪري ئي تہ اٿنداسين. مونکي خود ٽائيم جو احساس آهي.. پوءِ آهستي پيار منجهان چوي ٿو. ’بس هيءَ جلد ختم ڪري. ايجنڊا جو اڳيون نڪتو ڪڻون ٿا. ها سو- باقي سوال رهيو هن ليف ليٽ جي ڊسٽري بيوشن جو. منهنجو خيال آهي تہ. حيدرآباد لاءِ ڏيڍ هزار ڪافي ٿيندا. ۽ ٻيا سنڌ جي انٽيريئر لاءِ. سنڌ جي اندرين حصن ۾ ورهائڻ جو ذمون مان ڪڻان ٿو.........‘

۽ ميٽنگ هلندي رهي ٿي. پوءِ بحث: بنگال. هندستان. روس. امريڪا. پنجاب. جماعت اسلامي. الشمس البدر. سنڌ جو مستقبل. پٽو. پيپلز پارٽي. يحيٰ فوجي ٽولو. عوامي ليگ. مجيب. مڪتي باهني. سنڌ جي ڪن ترقي پسند ۽ قوم پرست دانشورن طرفان اوڇتو عوامي ليگ تان استعيفيٰ. ۽ ڪن جي فوجي ٽولي جي انهيءَ ايڪشن جي حمايت (!!) پاڪستان جو مستقبل.........(ان وچ ۾ ٻہ دفعا خطري جو ۽ خطري ٽرڻ جو گگهو وڄي ٿو).

ٻڌندو رهي ٿو. ڪٿي ڪٿي، ڪنهن ڪنهن وقت مختصر لفظن ۾ راءِ جو اظهار ڪري ٿو.

رات جا سوا ٻارهن. ٻاٽ اوندهہ.رستي هلندي رضاڪار ڏانهنس شڪي نگاهن سان ڏسندا رهن ٿا.

سندس در ڪڙڪائڻ تي، پاڻس در کولي ٿو. ’هن مهل تائين ڪٿي هئين؟‘

’اتيئي.‘

’سويل ايندو ڪر. وقت تمام خراب آهي.‘

ڪجهہ نٿو وراڻي. ماٺ ڪري پنهنجي کٽ تي اچي ليٽي ٿو.

– چون ٿا V.C خود چيو آهي لکي ڏيڻ لاءِ

– منهنجو تعلق سنڌ سان آهي V.Cسان نہ

ياٿس جي موجودگي ٻار. بوريت. ڀرپور خواهش: هتان هليو وڃي ٻاسو ورائي ٿو. ساڳي اونده. ذهن خالي.

'ذات جو زندگيءَ سان تعلق قائم ڪرڻ؟ امرتا! ڇا سوچ جو هي انداز بہ ذات جي اپار لاءِ ناهي؟ منهنجي پنهنجي ذات چوڌاري ڦٿو ڦري؟ پر نہ. حقيقت ۾ هيءَ خود فراريت آهي. پنهنجي وجود جي احساس کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ. نيٺ هن کان اڳ، شاگرديءَ جي ڏينهن ۾ مون تحريڪ ۾ حصو ڇو ورتو" قومي ڪاز جي احساس هيٺ؟ ۽ هينئر بہ سواءِ اڳ پٺ سوچڻ جي مان ۾ شامل ٿي ويس! نہ- مونکي پاڻ سان ڪوڙو ٿيڻ نہ گهرجي. پاڻ کي ٺڳڻ نہ گهرجي. تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لاءِ بنيادي طور محرڪ ۽ مقصد رڳو اهو آهي: مان پنهنجو پاڻ کان، پنهنجي وجود جي احساس کان، ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو. منهنجو پنهنجو وجود، ۽ ان وجود جو شدت سان احساس، جيڪو حياتيءَ جي ڏيڻ ۾ قاتل آهي.جيڪو اهڙين حالتن ۾ جڪڙيل آهي، جن تي منهنجو وس نٿو هلي. نہ مان ان کي ختم ڪري سگهان ٿو. ۽ نہ ئي وري زنده رهڻ جي خواهش ڪري سگهان ٿو! ۽ جڏهن منهنجي سهپ ۽ برداشت جون حدون ٽپڻ لڳن ٿيون، مان فراريت چاهيان ٿو. پنهنجو پاڻ کان. پنهنجي زنده هجڻ جي احساس کان! مان پناه چاهيان ٿو. ڪنهن اهڙي سرگرميءَ ۾ جتي منهنجو پنهنجو زنده هجڻ جو احساس ختم ٿي وڃي. يا وقتي طور دٻجي وڃي، تہ مان جيئرو آهيان. مان آهيان. ۽ بس!

'مان آهيان. ها: مان آهيان. اها تہ ٺوس حقيقت آهي: مان آهيان. پنهنجو پاڻ کان فرار ٿي، ڪنهن بہ سرگرميءَ ۾ پناه وٺڻ سان اها ٺوس حقيقت فنا ٿي سگهي ٿي؟ ختم ٿي سگهي ٿي؟ شايد وقتي طور. خوشنصيب آهن اهي انسان، جيڪي ڪنهن لڳن ۾ جنوني طور جنبي، پنهنجي سموري زندگي کپائين ٿا. پوءِ ڪنهن مقصدي ڪاز جي نالي ۾. شراب ۾. محبت ۾. عادت ۾. تشدد ۽ بغاوت ۾. اصلاحي ۽ فلاحي ڪمن ۾. دولت ڪمائڻ ۾. ڪيريئر ۾. ۽- مان سمجهان ٿو: زندگيءَ جو، انسان جو بنيادي مسئلو ئي اهوآهي: پنهنجي زنده وجود جي احساش کي مٽائڻ لاءِ فراريت: پناه.

۽ مون جهڙو انسان. جيڪو ڪنهن بہ قسم جي فراريت ۽ پناه حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو: اوه (!!) ڪيڏي نہ ڀوڳنا ڏيندڙ ٻيڙا ۾-'

بيچيني. ڀيانڪ انجام جي ڀيانڪ انديشي، ۽ بي مقصد زندگيءَ جي وڍيندڙ احساس هيٺ ڀوڳيندڙ پنهنجو وجود.

اوهان تہ اهي ڳالهيون خواب ۾ ڪونہ ڏٺيون هونديون.......

'مهربان ٿورو آهستي ڳالهاءِ. تقرير نہ ڪر. هيءَ هوٽل آهي. ۽ اسين ٻاهر ۾ رڳو چار ڄڻا ويٺا آهيون.' احمد، نواز جي ڳالهائڻ جي وچ ۾ آهستي آهستي، طنزيہ انداز ۾ چيو ٿو.

نواز ڪانسواءِ، ٽيئي کلن ٿا.

'نہ، مان اڄ هن سان بحث ڪري صفائي ڪندس.' نواز چوي ٿو.

'تون ڀلي صفائي ڪج. پر خيال سان، هوٽل ۾ ويٺا آهيون هاڻي سلسلو جاري رهي. ها، پوءِ اڳتي.' احمد ساڳي طنزيہ انداز ۾ چوي ٿو.

'بس، مون ڳالهائڻ بس ڪيو.' نواز پاڻيءَ جو گلاس کڻندي پاڻي پيئندي چوي ٿو.

'تون ڏسجانءِ ويٺو، پيپلز پارٽي سنڌ جي مفادن سان غداري ڪندي. سنڌ جي واحد سرڪاري زبان سنڌي نہ ٿيندي. ۽ ٻوليءَ جو هيءَ بل تہ. سرڪاري زبان بنائڻ لاءِ نہ. پر ترقي ۽ واڌاري لاءِ آهي. ۽ سنڌي ٻولي قومي ٻولي بہ نہ ٿيندي. نہ مڪمل صوبائي خودمختياري ملندي. پيپلز پارٽي سنڌين کان وڌيڪ پنجابين ۽ پناهہ گيرن جي مفادن جو خيال رکندي. باقي اوهان جهڙن چوٽين سنڌين کي راضي ڪرڻ لاءِ ايڪڙ ٻيڪڙ مطالبو ڪٿي ڪي اڇايل هڏيءَ وانگر پورو ڪندي ۽ بنيادي مسئلن کان لنوائيندي. ڇا سمجهيہ.' شاهہ لفظن تي زور ڏيندي چوي ٿو. 'باقي جي- ايم- سيد! سو ويچارو پاڪستان اندر پنهنجي زندگيءَ جو منو حصو جيلن ۾ نظربند رهيو آهي. انجي باوجود هن ويچاري جو ڪجهہ ڪيو آهي، انهيءَ جي مهابي تون اڄ سنڌي حقن، سنڌيت جو شعور رکين ٿو. اهو شعور هن ئي جو ڏنل آهي، منهنجا پيارا.'

'اهو تہ ٺيڪ آهي، جي. ايم. سيد نظرياتي ڏس کان سنڌي نيشنلزم جو شعور ڏنو آهي. پر هن تنظيمي طور ۽ تحريڪي طور ۽ طريقہ ڪار ۾ بنيادي غلطيون ڪيون آهن. مثال طور قومي تحريڪ ۾ هارين کان وڌيڪ وڏيرن ۽ پيرن تي ڀروسو رکڻ. ۽ هارين جي مسئلن کي نظر انداز ڪرڻ، يا....' احمد چوي ٿو.

'اهو ٿي سگهي ٿو. پر انهيءَ جو اهو مطلب ناهي تہ جي. ايم. سيد غدار آهي.' شاهہ.

'بلڪل نہ. ڪوبہ سنڌي ائين چئي نٿو سگهي-' احمد.

'بڪواس آهي.' نواز چوي ٿو. 'جي. ايم. سيد تخريب ڪانسواءِ ڪجهہ نہ ڪيو آهي.'

'هان، هي بيو پاڻي پيءُ.' شاهہ ڏانهس گلاس ريڙهيندي چوي ٿو.'

ڏاڍو جوش چڙهي ويو اٿئي.'

'پاڻي نہ، سگريٽ پيار.' نواز چوي ٿو.

احمد سگريٽن لاءِ بيري کي چوي ٿو. ۽ پوءِ نواز کي چيڙائڻ لاءِ، کيس چوي ٿو. ' نواز، اهو سچ آهي تہ، سنڌين جي حڪومت آهي. صدر بہ سنڌي آهي. پوءِ بہ سنڌ ۾ ساڳيا پنجابي آفيسر، چوڌري، سنڌ جون زمينون اڳي وانگر پنجابي فوجين کي مليل. پڊڻ ۾ آيو آهي تہ، بلوچستان مان ٻين صوبن جي آفيسرن کي ڪڍيو ويندو. ۽ هتي پاڻ وٽ اهڙي ڳالهہ ڪانهي. اهو قصو ڪيئن؟'

'يار خدا جي واسطي مٿو نہ کاءُ. بلوچستان ۾ تہ اِهي ساڳيا تنهنجا نعپ وارا اٿئي. جن ٻوليءَ جي مسئلي تي سنڌين سان غداري ڪئي آهي. ۽ پنهنجي منشور کان ڦريا آهن.' نواز ورائي ٿو.

'انهيءَ جي معنيٰ تہ جي- ايم- سيد جو نظريو صحيح ثابت ٿيو آهي: سنڌ جي مخصوص حالتن هيٺ، هر، آل پاڪستان بنيادن تي ٺهيل سياسي پارٽي، سنڌين کي ڪڏهن بہ دوکو ڏئي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ انهن آل پاڪستان بنيادن تي پارٽين جو گهڻو ڪري لاڙو يا تہ پناهگيرن کي يا تہ پنجابين کي ۽ گهڻو ڪري ٻنهي کي خوش رکڻ ڏانهن هوندو آهي. ۽ سنڌ جا مفاد انهن جي ۾ آهن. ۽ ڇاڪاڻ تہ اهي سنڌ جي اقتصاديات، تهذيب تمدن ۽ جاگرافيائي وسيلن جا غاصب ۽ ڦرلٽ ڪندڙ آهن. ۽ سنڌي سنڌ هٿان ڦرجندڙ...... ...... سنڌين جو حافظو ڪيڏو نہ ڪمزور آهي ۽ سوچ ڪيڏي مٺاچري: ڪلهہ سنڌ کي پنجاب سان ڳنڍيندڙ ايوب کهڙو غدار هو. ۽ اڄ پنجاب جي مفادن جي ڪلم ڪلا حفاظت ڪندڙ سنڌين جو هيرو!! نيٺ هن قوم جو حشر....' شاهہ چوندو رهي ٿو.

'ير، خدا کي مڃو.' نواز بيزاريءَ مان هٿ ٻڌي چوي ٿو. هاڻي سياست بند ڪيو. مونکي هي سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي تہ، اسين سنڌي، عملي طور ڪجهہ نہ ڪندا آهيون ۽ رڳو روز سياسي ڪچهرين تي ۽ نڪتہ چينين تي.مون ڪيترا ڀيرا، انهيءَ تي سنجيدگيءَ سان سوچيو آهي ۽ فيصلو ڪيو آهي، تہ اڄ کان پوءِ سياست تي نہ ڳالهائيندس. پر اوهان اهڙا حرامي آهيو، جو ڦيرائي گهيرائي سياسي بحث ۾ اچي ڦاسايو. هاڻي ڪا ٻي ڳالهہ ڪيو. نہ ماما؟ هو جو هن وقت تائين چپ ويٺو هو. ڏانهنس منهن ڪري ٿو.

'هيءُ دور ئي اهڙو آهي، پاڻ ورائي ٿو، هر فرد کي سياست ۾ حصو وٺڻو پوي ٿو. سنڌين جي اها ڪمزوري برابر آهي: ڪچهري گهڻي ۽ عمل گهٽ.'

'ڇاڪاڻ تہ تون پوليٽيڪل سائنس جو شاگرد آهين، انهيءَ ڪري

چوين ٿو تہ، هر فرد کي سياست ۾ حصو وٺڻ ٿي پوندو رڳو ڳالهين سان نہ، پر عمل سان ۽ رتا سان. چاڪاڻ تہ سياست، قومن جي وچ ۾ مفادن جي جنگ آهي. ۽ سياست جي حد علم نعري ۽ نهراءَ کان وٺي رائفل جي گوليءَ تائين آهي.

'تہ سنڌين کي هينئر گوليون کڻڻ گهرجن؟' نواز ڪيس وڏيڪ کولڻ لاءِ حرامپائي ڪري ٿو.

'نہ. منهنجو اهو مطلب ناهي. جيئن تون چوين ٿو.' وراڻي ٿو، 'پر مان جنرل ڳالهہ ڪيان ٿو، قومي حقن جي تحريڪن ۾ اهو مرحلو گهڻو ڪري اچ- ٿو هوندو آهي. باقي وقت، وقت جي ڳالهہ آهي.'

هوٽل ۾ چوبول. هوٽل جا ملازم تڙ تڪڙ ۾ لوهي دروازو لاهڻ لڳن ٿا. هيءُ بہ شيشي جي درن مان ڏسن ٿا؛ اورينٽ هوٽل واري رستي کان ايندڙ هڪ انبوهہ.

'ڇا هي؟' نواز پڇي ٿو.

'صاحب جلوس.' لوهي دروازو لاهيندڙ هوٽل جو ملازم وراڻي ٿو.

'ڪنهن جو جلوس آهي؟' نواز، احمد کان پڇي ٿو.

'اڙي هو- مهاجر ٻوليءَ جي بل جي خلاف مظاهرو ڪندا هوندا.' شاهہ وراڻي ٿو.

'ڇا خيال آ. ڏسون هلي ٻاهر؟' شاهہ پڇي ٿو.

'نہ يار ڇڏين. هتي ويٺا آهيون.' نواز بيزاريءَ مان وراڻي ٿو.

'ڇو پناهگيرن کان ڏجين ٿو ڇا. بنگال کان آيل بهاري بہ انهن ۾ هونديءَ.' احمد چوي ٿو.

'مُئين يار. سنڌين جا جو پرڪار اهڙا هوندا. پوءِ بهاري تہ ڇا، الاءِ ڪهڙي ڪهڙي مخلوق هتي ايندي.' نواز.

'هيءُ مڃي ويندن.' پاڻ، هلندڙ ڳالهہ جو رخ ڦيرائيندي چوي ٿو.

'مطلب؟' شاهہ پڇيس ٿو.

'مطلب تہ هيءُ پناهگير سنڌ ۾ اڙدوءَ کي بہ صوبائي زبان مڃائي. ۽ اهڙي ريت سنڌ کي ٻن زبانن وارو صوبو تسليم ڪرائي ويندا. سنڌ جي خاتمي لاءِ اهو پهريون وار آهي. پوءِ آهستي آهستي، سنڌ کي، اڙدستان ۾ تبديل ڪندا ويندا.'

'اهو ناممڪن آهي. سرڪار حال في الهال تہ سخت اسٽينڊ وٺي بيٺي آهي.' شاهہ چوي ٿو.

'نہ سائين. ڏسجانءِ، هيءُ سرڪار کي جهڪائيندا. سنڌ جا ڏٺا وڏيرا غريب سنڌين لاءِ تہ رئيس ۽ نواب آهن. هنن جي آڏو لوسي ۽

ٻہ ڪونہ سڏرندئي.‘ – ’ابوھہ! ويچارا هندو هوندا هئا. ڪيڏا قربائتا! ملڪ ۾ ايمان هو، امن هو، سک هو، سلامتي هئي. هي الائي ڪٿان جي مخلوق–‘ ’جيڪڏهن جي. ايم. سيد مري ها تہ سنڌ ۾ هينئر اٿل ڏسين ها.– ’ڇڏ يار! ڪتو ٻہ ڪونہ ڀونڪي ها!‘ – ’ٻئو ڪونہ ڇڏيندن. ڏسجانءِ، آهستي آهستي ڪري هنن کي ختم ڪندو.‘ – ’مڪڙ، سائين مڃائي ويا.‘ – سنئون سڌو ٻہ زباني صوبو ٿيو. اڙدوءَ وارن جي اڪثريت مڃيائون.‘ – ’مولا! مڪڙن کي مارين يا مڃائين.‘ – ’سنڌ جا ٻہ پير رڳو مڙسي ڪن تہ– پر پير پاڳاري تہ پٽي جي دشمنيءَ ۾ پناهگيرن جو ساٿ ڏنو آهي. چون ٿا تہ هٿيار ۽ ڏوڪڙ ٻہ ڏنا اٿائين.‘ – .سنڌين ۾ وري اها ڪٿي پٽ! پاڻ ۾ وڙهي مرندا.‘ .......... ڳالهيون ئي ڳالهيون! ڳالهيون ئي ڳالهيون!

شام. سج لهي رهيو آهي. لهندڙ سج جي ڪرڻن جا سون جهڙا ٽڪرا. نڪتو آهي گهران، شام کي ماڻڻ ڪاڻ. گهر جو ٻاهريون در اُڪرندي نظر سامهون پٽ تي: ’اردو گلي.‘ ميونسپل جي نل مٿان: ’صرف مهاجر پاني ڀر سڪتي هين.‘ ۽ ٿورو پريرو راشن جي دڪان تي: سنڌيون ڪا راشن بند.‘ ڏسي ٿو. ذهن ۾ جهٽڪو نٿو. ڏسندو آيو آهي. سمجهندو آيو آهي. محسوس ڪيو هئائين. احساس جي تيز چيندڙ نوڪن هيٺ پوڳيو هئائين. سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويل: ناس ٿي ويل. ڏسي ڏسي، محسوس ڪري ڪري، معمول بڻجي ويل. ڪنهن هڪ ئي عمل جو لڳاتار ورجاءُ، هرِي هرِي زندگيءَ جو جز بنجيو وڃي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ جز بنجي ويو اٿس ڏسندي. نٿو ڏسي! احساس هوندي محسوس نٿو ڪري! سمجهندي، نٿو سمجهي!

ڪيڏي بي حسي (!!)

تلڪ چاڙهي: وڃي رهيو آهي هيٺ. آهستي آهستي. ذهن خالي. احساس نپوڙيل: اُمنگ مئل. مروٽيل. مليل زندگيءَ جي گهڙين کي ڪپائڻ (Consume) لاءِ.

حيدرآباد

(اپريل ١٩٧١ع– سيپٽمبر 1972ع)

”منهنجي لاءِ سڀ کان ويجهي سچائي اها ٿي آهي تہ مان
هڪ اهڙي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند، پٿين سان پنهنجو مٿو ٽڪرايان ٿو.
جن پٿين منجهہ نہ در آهن ۽ نہ دريون.“

[ڪافڪا جي هڪ خط جو ٽڪر]

ساهُمُتمٍ

# • هڪ خط

پيارا دوست نثار،

اميد ته خوش هوندين. ههڙي قسم جا خط اڳ به مان لکي چڪو آهيان. وري هڪ ڀيرو يقين ڪرڻ چاهيان ٿو. ڳالهه دراصل هي آهي ته: هتي مون کان نڪو وڪالت ٿي هلي ۽ نڪو ميڊيڪل اسٽور- تربيت ٿي اهڙي ٿيل آهي، جو پنهنجي ڏندن ۾ نڳي- جيڪا مون کي نٿي اچي. مان اهو چاهڻ ٿو چاهيان ته جا اتي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ ڪا جاءِ خالي آهي. اوهان جي چيئرمين شاه صاحب جو هڪ سٺو دوست هتي آهي. ان چيو آهي ته: جيڪڏهن شاه صاحب وٽ ڪا جاءِ آهي، يا ڪڏهن ڪري ڏئي سگهي ٿو ته مان اهو ڪم ڪرائڻ جي همٿ رکان ٿو. مون وٽ ايم. اي (سوشالاجي) ۽ ايم. ايڊ جون ڊگريون آهن. هن ڏس ۾ پوري تفصيل سان پر سنٽ جواب ڏيندا. اڄ ڪلهه اوهان جا پيا ڪيو. ڪتابي سلسلي ۾ ڪو نئون ڪتاب آيو آهي؟ گهٽ ۾ گهٽ يار هڪ ڪاپي ته موڪليندا.

ذهني تڪ سبب في الحال لکڻ ڇڏي ڏنو اٿم، پر ڪلهه کان ڪجهه نه ڪجهه لکڻ جو ارادو ڪيو اٿم. ليکڪ ۽ سماج- Eastablish-mentجي حوالي سان پڪو ارادو نه ڪيو اٿم رات ضرور هڪ به پئرا گراف ٿي لکندس. پر هر حالت ۾، جيڪڏهن اوهانجو ڪو ڪتاب ڇپيو هجي ته موڪليندا. جواب جو انتظار رهندو.

اوهانجو پنهنجو

**منير**

[مائڪ جو اهو خط جيڪو هن پنهنجن مرتئي کان 12-10 ڏينهن اڳ نثار حسينيءَ کي لکيو هو.]

# • سنڌيت جي اندروني ايڪس ري

پاڪستان هڪ طاقتور ملڪ آهي. پر ان ملڪ کي ايڏي طاقت ڪونهي جو هن ڪتاب جي ڌماڪي جو زور سهي سگهي. ان ڪري هي ڪتاب پاڪستان ۾ ڇپجي نٿو سگهجي ۽ هاڻ هندستان ۾ ڇپيو آهي.

-

–ڄام ساقي 1977ع ۾ چيو: مان ٽيهن سالن کان پاڪستاني آهيان. مان چوڏهن سؤ سالن کان مسلمان آهيان. مگر مان پنجن هزارن سالن کان سنڌي آهيان.

– منير احمد مانڪ لکي ٿو: سنڌي رسالا بند ٿي ويا. هڪڙن کي عهدا مليا، ٻين کي جيل. طارق اشرف– ابراهيم منشي– آرٽسٽ فتاح...... ۽ ان کان اڳ لکي ٿو:..... نالي وارو سنڌي شاعر. ڪيس وهم ٿي ويو ته ڪيس ماريو ويندو. (ان ڪري هن عهدو ورتو.)

-

– وائيس چانسلر جو عهدو وٺڻ بعد پهرين تقرير ۾ شيخ اياز چيو: مان جنم کان مسلمان، شعور کان پاڪستاني ۽ زبان کان سنڌي آهيان!

مانڪ جو هي؛ ناول پاڪستاني آمريت، پرماريت ۽ غدار وڏيرا شاهي، جي پس منظر ۾ سنڌ جي سنڌين جي تباهي، جو مختصر مهايارت آهي. 'ساه مٺ ۾' سنڌي زبان جو پهريون جديد ناول آهي. اُن ۾ وجوديت ۽ بعيدالعلقلي فٽ ڪيل نه آهي. اها پاڻ خود مرادو ماحول مان اُيري ٿي. مکيه ڪردار جي مجبوري بنجڻ شخصي نه آهي؛ مگر ان نظام مان قتيل آهي، جنهن موجب هر شخص کي فقط ٻن ڪاسائن وچ ۾ چونڊ ڪرڻي آهي ته ڪهڙو ڪيس "گهٽ سيه" طريقي سان ماريندو. هن لاءِ اليڪشن فراڊ آهي. اهو فراڊ سنڌ دشمن ۽ وڏيرن ڪيو آهي.

مانڪ پاڪستان ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو ڏسي ٿو. هڪڙا جن کي پنهنجي زمين ۾ الڳ سڃاڻپ آهي. اهي ماڻهو ۽ سندن سڃاڻپ ختم ڪئي ٿي وڃي. ٻيا اُتي آيل فقط ماڻهو آهن، جن کي زمين ڪونهي. هو اڳلن کي هٽائي ان زمين جا والي ٿيڻ چاهين ٿا. جو ته هنن وڏيون قربانيون ڪري، جان جوکي ۾ وجهي پاڪستان هٿ ڪيو آهي. جيئن، مانڪ لکي ٿو. جيئن

ڏاڙيل، جان جوڪي ۽ وجهي ٻين جو مال لٽيندا آهن.

-

جڏهن الف محترمہ ب سان شادي ڪيل آهي. هو ريسرچ جي ڪم ۾ لڳل آهي. ڪوجنا جو موضوع آهي؛ سنڌين جي نسل ڪشي (قومي آپگهات) هو ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ جو ميمبر ڪونهي. تہ ميڙن ۽ جلوسن ۾ وڃي ٿو، مگر ٽي سگهي ٿو تہ هن جي ڪوجنا ماڻهن کي پڌائي تہ:

١- سنڌي ڪافر آهن (هندو خواه مسلمان). سنڌي ڏاهر جو اولاد آهن. سنڌن وفاداري سنڌ ڌرتي ۽ ماڻهن مان آهي.

٢- (برٽش) هندستان (۽ ان ڪري پاڪستان بہ) جي مسلمانن جون بنيادي وفاداريون ڌرتيءَ کان وڏيڪ فاتح ملڪن سان آهن: افغان، مغل، ايراني، عرب.

٣- سنڌين کي مسلمان بنائڻ جي سازش آهي ۽ هر اهو سنڌي مسلمان آهي، جو پهريون پاڪستاني، پوءِ سنڌي آهي! سنڌي وڏيرن اهو اصول مڃي ڇڏيو آهي. ذوالفقار ڀٽو بہ. پر پس پيش جو سنڌي آهي ڦاسي ڪاٺي ٿو- هڪ رٿائتي ڪوشش تہ سنڌين کي غير- سنڌي بڻايو وڃي. (ڊي- سنڌينائزڊ)

۴- ۽ ڪوشش اها تہ هندستان جا سنڌي اتي جذب ٿين ۽ هتي جا سنڌي پنهنجا مفاد گهٽائيءَ جي مفادن ۾ درج ڪن.

جناب الف پنيان ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندڙ پيڇي جو مسلسل احساس نہ هو، پنهنجي رياست مان غداريءَ جي ڏوهہ ۾ جهليو ۽ ماريو ويندو ۽ سندس اهو عقيدو تہ ڌرتيءَ سان وفاداري، اها "غداري" سندس حق آهي. جو هو ڇڏي نٿو سگهي. سندس هر چرپر تي اک آهي، جا بنياد پرستن اهڙن الفن کي جاچڻ لاءِ جتي ڪٿي لڳائي آهي. چوڌطرف جاسوس. هو ڪيڏانهن وڃي؟ ڊڪي؟- ڪيڏانهن وڃي؟- يا ڪيس وهم آهي ۽ ڪيس ٽرئنڪولائيزرس وٺڻ گهرجن جو اسين 'نيو راسز- ايج' جا رهواسي آهيون؟ مگر ڪٿان جاڳيو؟ جو؟.

هراس، خوف، گهبراهٽ! زال جا ڪپڙا لاهڻ ڪانپوءِ، ٺڏو ٿيو وڃي ۽ ننڍ جون گوريون وٺي.

محترمہ "ب" جو خيال آهي تہ شهر ڇڏي ڳوٺ هلون. يا شهر ۾

ڪري اگھاڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ها چيز سهجھ سياويڪ نہ. مگر روايتي ۽ ترقي پسند ادب جي ودروهہ ۾ آئي آهي. اهو ودروهہ "ساهہ مٺ ۾" موجود آهي. ان ۾ اڳتين ضرورت ڪان وڌيڪ ڪنهن چيز جي اُپٽار نہ آهي. ان ۾ ڪوئي ڍڪ. ماڪڙن جي ڦهل ۽ مان- مري- ويندس، تي خوف مان پريل ڪوتائون آهن.

"ساهہ مٺ ۾" هڪ شخص جي پنهنجي سچائپ بچائڻ جي ڪوشش آهي، جنهن ۾ هو باقي ٻين جيان اڪيلو، بيوس ۽ مجبور آهي، مگر انهن ڪان مختلف ڪونهي.

جان پال سارتر "بينگ اينڊ نٿنگنيس" بعد "دمنيريلزم اينڊ ربو وليوشنس" ڪتابچو لکيو؛ جنهن ۾ بہ هڪ منسٽر ٿي قدرن جي بچاءَ لاءِ زندگي ۽ سماج، تاريخ ۽ روايات سان منهان منهن ٿئي ٿو. ماڻڪ ڇا ڪري جڏهن تہ سنڌ جي حالت ۾ ڪوبہ صفاتي ۽ جدلياتي ڦيرو نہ آيو آهي؟ هو چوي ٿو ائڪشن (ڪرم). ان جو مطلب تہ ناول اينڊ- ليس آهي ۽ اها ان جي سونهن ۽ سگهہ آهي. هي ناول هڪ بارود آهي، جنهن جي سنڌ کي ضرورت آهي.

مان پاڻ سان بہ ايماندار نہ ٿيندس اگر مان ماڻڪ مان هڪ اختلاف ظاهر نہ ڪندس. سنڌ ۾ ذهين ماڻهو بہ آهن ۽ بهادر ماڻهو بہ آهن. اتي فقط تنظيم نہ آهي، ان ڪري زور ائڪشن بدران تنظيم تي اچڻ گھرجي. پر پوءِ بہ ماڻڪ ماڻڪ آهي. هو چاهي ٿو؛ سنڌي ڪرم ڪن.

سومر 27 جنوري 1986ع

**موهن ڪلپنا**

# ساه مٺ يم

---

# امن امان

مونکي- هوٽل ۾ ويٺل. انساني مهاندا. جيڪي انسان ٿي آهن. جيڪي انسانن جا مهاندا پنهنجي چمار آهن پنجيهن سالن ڪان ڏسندو رهيو آهيان. عجيب اوپرا. پنهه اوپرا لڳي رهيا آهن. ساڳيا انساني چهرا.

اڪيون

نڪ

وات

ميجون

ڪلين شيو

چپ

ٽهڪ

اُباڻڪا مهاندا

رت نڪتل جسمن مان

انساني چهرا

زو-

زوءَ جي پيچرن ۾ قاتل

ڪيڏا اوپرا

هينئر اُتان. هو همراهه هتي نظر نٿو اچي. معنيٰ ويو هليو. تڏهن اهو هڪ حادثو هو. ڇا تو ڇٽي سگهجي: حادثو؟ خيال جي خطا؟ من جو دوڪو!

ڪٿي نظر نٿو اچي. هليو ويو. يا هوئي نه عجيب مشڪري - پگهر تر- جائي ٻ، هي مون سان لاجواب يوڳ ٿيو آهي.

دردناڪ يوڳ ٿيو آهي دردناڪ يوڳ.

اوچتو: لڪيل، من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ دبيل ڳٽتي:

متان!

احتياط جي نظر چوڦير: ڪجهه نه نظر ايندڙ. سڄي گهٽي خالي. ويران، پوءِ به هيسيل. ڊپ پيهي ويل اندر، اونهون لهندڙ.

ڪٽڪو

اوچتو چرڪ: اجهو!

دل ٻڏندڙ.

پر هي ساڳيو ناهي. ڦڪائپ.

اونو: تي سگهي ٿو ان جو ساٿي هجي. جڏهن مون چانهه پئي پيتي، ان وقت شايد هن پاڻ ۾ صلاح ڪئي پر هينئر جيڪو پئيان اچي پيو سو ته هوٽل ۾ ويٺل هو.

اهو مونکي گهوري رهيو هو.

بلڪل. يليءَ پٽ ياد اٿم.

پورو ويساهه: پڪ ٿي پڪ منهنجو پيڇو ٿي رهيو آهي.

(پڇان)

ماڻهو ڇا چوندا. (پر هتي ته ڪوبه ڪونه آهي، سواءِ هن جڙا ڪان) جيڪڏهن ڪيس سروٽو هٽان.

ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاٿو آهيان. پاٺمرادو. نيٺ ڏڄان ڇو ٿو. هان! ڏڄان ڇو ٿو؟ ڇگو ٿيندو ته همراهه سان ڳالهايان. پڇانس: نيٺ ڇو- ميان منهنجي ڪڍ پيو آهين؟ ساٿس ڳالهائڻ سان سموري ڳالهه پڌري ٿي پوندي. ته نيٺ ڇو؟

ساٿس ڳالهائڻ مناسب ٿيندو؟

نهيو. ڇڏيس. سڌو گهر ٿو وڃان. جو ڪجهه ٿيندو، ڏٺو ويندو، گهر جي خيال اچڻ سان سڄي جسم ۾ ياچ ڪاٿيندڙ سرڙاٽ.

گهڙ: ويران، سمورو سامان اٿليل پٿليل. زال، هراسيل، ڊپيل سڏڪا ڀريندڙ. ٻنهه موڳي.

تڪيون وڪون

وڪون، تڪيون

"دير ڪيئه؟"

"هان!"

واٽڙپ.

"خير ته آهي؟"

"اتي خير آهي؟"

نهار منهن ۾. عجب پريل. ڦاٿل اکين سان

"ڏسين ڇا ٿي؟"

مرڻيگ آواز

"تنهنجي........."

"هتي ڪير آيو ته نه هو؟"

"نڪو."

"جاڳي پئي."

پڪ لاءِ ورجاءُ.

"ڪير ايندو!"

"چڱي طرح بند ڪيئي؟"

"چڱيءَ طرح؟"

"ها. ڪڙو چاڙهيئنس"

"۽ ڪرف!"

"ها ها. ڪرف."

"هوش ۾ ته آهين."

ڊيل ڪل سان حيرت

"تون ئي سمجهي سگهين مهرباني ڪري ڪرف."

ايلاز

"حيرت آهي. تيئ..."

"پڌايانءِ ٿو اندر ته هل."

واٽڙي.

"ڪير به ڪونه آيو هو؟"

"نه. هتي ته ڪير به ڪونه آيو هو!"

ڏگهو ساهه.

"منهنجو پيڇو ٿي رهيو آهي."

"پيڇو!"

"ها."

"ڪير ٿو ڪري؟"

"تون سمجهي ٿي سگهين."

"تون سمجهو آهين."

ٿول واري ڪل

"تون مشڪري ٿي سمجهين."

چڙ ڪاوڙ مان.

"نـ نـ، پر تنهنجو نمونو ٿي احڙو ٿي......"

"مونکي تنگ نـ ڪر".

ڪنبڻي.

"تون مونکي سمجهاءِ تـ سهي، تنهنجو پيچو ڇو ٿو ٿئي. ڪير ٿو ڪري."

"اها تـ مونکي بـ خبر ڪانـ آهي.

ڏيل ڪل. روڪڻ لاءِ ڇاڪوڙ.

"تون انهيءَ ڳالهہ کي سمجهي نٿي سگهين."

"اهو تـ مان بـ ڄاڻان ٿي. پر......"

"ضروري ناهي تـ ڪنهن کي ٻڌايو وڃي."

"ڪڏ لڳندڙ ڪان گهٽ ۾ گهٽ پڇين تـ ها-"

"مهرباني ڪري ماٺ ڪر. تون نٿي سمجهين- بس اڄ نـ سيائي مان بـ-"

"ڳالهہ ڪا مهاڙ!"

"تون انهيءَ کي نٿي سمجهي سگهين نـ."

"تـ پوءِ ڪٿي-"

"ماٺ ڪر. مان توکي ڪيئن سمجهايان."

(پتين کي بـ ڪن آهن)

بي وسي.

تعجب واريون اکيون گهوريندڙ.

"ها. پتين کي بـ ڪن آهن".

ٽڪو.

"پتين کي بـ ڏکن آهن! پيارا، هي ڇوين ڇا ٿو! تنهنجا هٿ جو پيا ڏکن. ءِ، هاءِ! منهنجو رنگ نـ-"

"ڏس، گهٽو ڳالهائي مونکي پريشان نـ ڪر."

ڳڻتي، پريشانيءَ تڪائيءَ سان ٻڪندڙ.
هڪ ٻئي کي خاموشيءَ، بي وسيءَ مان ڏسندڙ.
"يلا ماني ته کاءُ-"
"بُک ناهي."
"جيڪڏهن ڪو مٺو مارپو تنهنجي پنيان."
"هش! يتيم کي بہ ڪن آهن."
"بس، هائي گهٽو ٿيو. اصل ۾ تنهنجي ڪل ٽڙي آهي. هيءَ جي تون مضمون ٿو لکين ۽ هيڏا سارا ڪتاب پڙهي، سوچيندو ٿو رهين، ان ڪري تون سودائي."
"ڇ! جا تون بس نہ ڪندين."
"منهنجي سر جا سائين، اهو تنهنجو سوداءُ آهي. تون ڪتاب پڙهي ۽ لکي لکي."
"مون پاڻ اهو سمجهيو. ڪٿي اهو منهنجو سوداءُ تہ نہ آهي. پر نہ، منهنجون اکيون مونکي دوکو ڏئي نٿيون سگهن. جڏهن مان ڪاليج جي گيٽ مان ٻاهر نڪتس، هن منهنجي پٺ ورتي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي مان سوداءُ يا وهم چئي نٿو سگهان."
"۽ ها، ٽيون ڏينهن ۽ چوٿون ڏينهن بہ. جڏهن گهر پئي آيس، تہ مون سمجهيو تہ منهنجو بہ پيچو ٿي رهيو آهي."
"منهنجو بہ-"
"اي منهنجا رب ٻاجهہ ڪجانءِ."
"بڪ نہ ڪر. هي سڀ ڪجهہ رب جي نالي ۾ ٿي ٿيو آهي":
"هڪ الله، هڪ رسول، هڪ دين، هڪ قدم."
مان ٿي چوان تہ هنن اڙدوي مسلمانن جهڙا."
(يتيم کي بہ ڪن آهن)
"ڏس، مونکي اجايو ڳالهراءِ نہ."
چڙ، چڙب، بي وسي.
"نہ تہ يتيم کي بہ ڪن آهن."
ٽنول واري مرڪ.
"تون ٽنول ٿي ڪرين."

"بس هاڻي الله ڪي- او. نہ. مچ. ڇڏ اهو سوداءُ."

بيزاريءَ مان هٿ ڇڏل:

"ڀلا هاڻ آرام ڪر. تہ دماغ"

"روئين ٿي ڇو؟ روئي وڏيڪ پريشان نہ ڪر. اهو منهنجو سوداءُ ڪونهي، حقيقت آهي. خانگي ڪپڙن ۾ ڪاليج جي ٻاهران هو."

"پر انهن سيني سان تنهنجو واسطو ڪهڙو. جو اجايو ڪٿي."

"ها."

"اهو تہ مان بہ سمجهان ٿو. منهنجو ڪو واسطو ڪونہ آهي. پوءِ بہ اهي منهنجي ذهن تي اوچتو ئي اوچتو سوار ٿي ويا آهن."

"اجائي ڳالهہ- جيڪر هو مٿو تنهنجي پويان هجي ها تہ ضرور گهر تائين پيڇو ڪري ها. توسان ڳالهائي ها."

"جائي بہ- اهو ڪيڏو نہ عجيب آهي. احمقانہ بہ."

"۽ بوائتو بہ."

"تون اجايو ٿو........ هاڻي ڪپڙا مٽي هٿ منهن ڌوئي ٽانئيڪو ٿيءُ."

"سچ ٿي چئين. مان پاڻ ائين پيو سمجهان. پر ٻڌ. مهرباني ڪري هڪ گلاس ٿڌو پاڻي پيار. اصل اهڙو جو ٻس."

"!"

"ها. خبــر ناهي ڇو تاس لڳي اٿم. ڇو تہ نڙي خشڪ ٿي وئي آهي."

"ڇا پيو ڏسين؟"

"توکي. ڏاڍي وٺي ٿي."

"واهہ! ۽ ڇا پيو سوچين؟"

"ڪجهہ بہ نہ."

"ٻڌ، وڃي ڊاڪٽرن سان صلاح ڪر."

ٺهڪ.

"چريو سمجهڻ لڳي آهين ڇا. نہ نہ، اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي."

”پلا ماني تہ کاءِ.“

”تو کاڌي آهي؟“

”نہ.“

”تون کاءِ. جيڪڏهن توکي بک لڳي هجي. ضرور توکي بک لڳي هوندي.“

”ها، تون ماني کائي ڇڏ. مان پوءِ دير سان کائيندس. جيڪڏهن بک لڳي تہ.“

”پڏ پياري! تون چپ چپ ڇو آهين؟“

”دراصل“

”ڏس، تون ڪا بہ ڳڻتي نہ ڪر- مونکي ڪجهہ بہ ناهي ٿيو. ۽ ها! هيڏي مون ڏي نهار:

مونکي معاف ڪري ڇڏ.“

پڇتاءُ.

”معاف! ڇي توکي ٿيو ڇاهي؟“

حيرت.

”سويل مون توکي چڙييو هو نہ: چڙ مان يا بيزاريءَ مان. اهي لفظ پاڻمرادو اوچتو منهنجي زبان تي اچي ويا: بڪ نہ ڪر.“

”مون بہ محسوس ڪيو هو. ڏک ٿيم، پر تو چاڻي واڻي تہ ڪونہ چيو. اهو سڀ ڪجهہ..........“

”حالتن جي ڪري. ها، حالتن جو ڏوهہ. ڏس تون ان ڳالهہ کي سمجهي نٿي سگهين تہ منهنجي ڪڏ ڪير هو. تون چئين ٿي تہ اهو سوداءُ آهي. پر منهنجون اکيون ۽ حواس مونکي دوکو ڏيئي نٿا سگهن. اها تہ هڪ عام رواجي ڳالهہ ٿيندي پئي وڃي. اڃا تازو هفتو اڳ اسان جي هڪ پروفيسر جي پٺيان لڳا، ۽ هو رات جو اوچتو گم ٿي ويو. تون پاڻهي سمجهي وٺندينءَ. تہ اٿين جو تو ٿئي. اسين، سنڌي آهيون نہ. ان ڪري-

”پر تون اڳتي پاڻهي سمجهي وٺندينءَ-“

جهڪ وقلق.

اونده ۾ ڦنندڙ ڦڪي روشني
دونداڻ
ساهه پوساتيندڙ بانس
لڪي نڪ ۾ گهڙي ويندڙ
ٽڪو، ٿوٽ ميدان
ميدان ۾ ڪتا ڀڪندڙ
پنج ڇهه اٺ نو ڏهه سو هزارين
ڊوڙون پائيندڙ ڪتا

ڪتا قطارن ۾، ڪتن جو رنگ خاڪي
خاڪي وردي ۾ پريڊ
قطارن ۾ پريڊ
ٺڪ - ٺڪ - ٺڪ - ٺڪ - ٺڪ،
بوٽن جا ڳرا آواز
ڪتا پليگ آئيندا آهن ڏپ
ماڻهن جا لاش
ٿلها ڪتا، مڇن سان
پٽيندڙ ماڻهن جا لاش
ڊنل هراسيل موڳا ماڻهو
ڪتن جون قطارون
ڪاليج جو ميدان: خاڪي وردين ۾ فوجين جي پريڊ.
ڪاليج جو ورانڊو، ڪتا ڀڪندڙ
پليگ ورتل ماڻهو
بوٽن جا ٺڙڪا
رائفلن جا ٺڙڪا
لپ ريٽ لپ ريٽ لپ ريٽ
ڏڏڙ اُڏامندڙ، ڦڪي ڏڏڙ
ڏڏڙ ۾ ورتل سڀ ڪجهه
اونده

تکيون پوائنٽيون اکيون تکينديون اونده مان
اونده ۾ چمڪنديون اکيون
سيني تي ڪو چڙهيل
ساهه ٻوساٽجندڙ
اٿڻ لاءِ سوچ
بي وس اٿڻ کان
سيني تي چڙهيل، انتهائي ڳورو وزني
گهوگها
گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو
ٻوساٽجي مري ويندس
گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو
ساهه ٻوساٽجندڙ
اکين اڳيان اوندهه
گهڙي ٻات اونداهي چوڌير
اونداهيءَ ۾ ڦهڪو تي ڪريل
تلهي ماٺهوءَ جيڏو ڪتو سيني تي چڙهيل
وات، مڇون رت ۾ ٻريل
منهن نوسيندڙ
ڪني ڏپ
دل ڪچي: ابڙڪو ڏئي ٻاهر ڪاٺيندڙ آنڊا
اوڪارو
تلهي ڪتي جا چنبا سيني، پيٽ تي ڪتڪتايون ڪڍندڙ ڏپ
اورٽ
خاڪي رنگ جا وار. پيٽ ڦوڪيل ڪتو. مڇون، وات رت ٻريل
ٽڪيندڙ جسم ڪي
ڪني ڏپ
اوڪارو
ڇرڪ سان: هان!
"پاسو ورائي سمهه....."

"هان!"
"ڪلمون پڙهي پاسو ورائي سمهه"

## صبح

لڳَ ساڻا. اُٿڻ لاءِ دل نہ.
"ڇو. اڄ ڪاليج نہ ويندين؟"
"ويندس.
"پوءِ اڃان ستو پيو آهين؟"
"اٿڻ تي دل نٿي چوي."
"اهو گولين جو اثر اٿئي. موڪل جي درخواست ڪري موڪل."
"هان."
"ها."
"ڇگو سوچيان ٿو. چانهہ نہ پيارينديئن."
"ها. ڇو ڪونہ. تون اٿي تہ سهي. ڪٿي تي اچان"
"انتهائي ڪني بانس پئي اچي. هيٺ ڏس. ڪا مئل شئي تہ ڪانہ پئي آهي."
"مئل شئي؟"
"متان ڪئو پئو هجي."
مونکي تہ بانس ڪانہ ٿي اچي. ۽ نہ ڪي ڪو ڪئو مئل آهي."
رات مون پواٽسو خواب ڏٺو. ڪٿا ڊڪي رهيا آهن. ۽ پوليس وارا فوجي پريڊ ڪري رهيا آهن. خاڪي وردين ۾. يڪدم خيال اچيم ٿو. ڪٿا پليگ اٿيندا آهن. پوءِ انتهائي وڏو ۽ وزني ڪئو منهنجي ڇاتيءَ تي سوار ٿي ويو آهي. سندس مجون ۽ وات رت ۾ ڀريل آهن. انهيءَ مان ڪني بانس پئي اچي. ڪٿا ڪيترن ماڻهن کي ڏکي رهيا آهن. اُهي ماٺهو سنڌي آهن. ها. بلڪل سنڌي پيا لڳن. منهنجي ڇاتيءَ تي هڪ وزني ڪئو چڙهي وينو آهي. مان ڇري بہ نٿو سگهان ۽ منهنجي نڙگهٽ مان عجيب آواز........"
ٺهڪ
"تون ڪلين ٿي."
"نہ تہ پيو روئان.

پوءِ پٽڪ، "ڇا تو ڇٽي سگهجي. ڪوليبل؛ ائنگ- زائٽي- رفيئر؛ ڪنزيومنگ ائنگ زائٽي."

"مون اوهان کي پنهنجو واقعو ٻڌايو. اسان جي ڪاليج ۾ انٽرنيشنل رليشنس جو هڪ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. نوجوان. ڪجهه ڏينهن اڳ اوچتوئي اوچتو، ڪيس سواءِ ڪنهن سبب جي رات جو هڪ بجي پوليس، هاسٽل منجهان وٺي وئي. اڃا تائين هن جو ڏس پتو ڪونهي!"

"سائين، سواءِ ڪنهن سبب جي نه، پر ضرور سبب هوندو. ٿي سگهي ٿو اوهان يا هو صاحب پاڻ، انهيءَ ڪان اڻ- ڄاڻ هجو. يا اهو به ٿي سگهي ٿو ته؛ هو پاڻ ئي سبب جوڙين. منهنجو مطلب آهي جيڪي وٺي ويا اٿس."

چپ.

چپ کي ٽوڙيندي.

"خوف ۽ انديشا. جنهن ۾ اسين سڀ ورتل- شڪليون ڏار ڏار. پر روح ساڳيو.

"سپريشن/ انسيڪيورٽي."

"علاج. ٽرنڪولائيزرس"

هلڪو ٽهڪ.

اوچتو پاڻ سنڀاليندي.

"معاف ڪجو. هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مون کي ائين چوڻ نه گهرجي. پر اسين پنهنجو پاڻ ۾ آهيون. اوهان پڙهيل ڳڙهيل آهيو نه. ان ڪري مان ائين ئي ڳالهه پئي ڪئي."

"ها. اوهان جنهن اسسٽنٽ پروفيسر جي ڳالهه پئي ڪئي. جنهن کي اوچتو رات جو وٺي ويا. سو سياست ۾ حصو وٺندو هو؟"

"سنڌين جي وچولي طبقي جو هر فرد. جيڪو پنهنجي سنڌي- هجڻ جو احساس رکي ٿو، اهو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سياست ۾ بهرو وٺي ٿو. خاص ڪري پڙهيل لکيل. هي صاحب اينٽي ون يونٽ تحريڪ ۾ نهايت سرگرم هو. ۽ نوڪريءَ کان پوءِ ڪچهريءَ جي حد تائين سياست. جيئن اسين سڀ ڪندا آهيون ۽ سنڌ بابت ڳالهائيندا آهيون. مستقبل جي ڳڻتيءَ جو ذڪر ڪئي ۽ پنهنجي قومي وجود جي بقا جي ابڪي سان......

اختيار جي مقصدن جي پوئواريءَ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندو رهي ٿو. ظاهر آهي ته جميل اختيار ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هن پنهنجي وروڌي- انڪاري ويچارن جو بليدان ڏئي، پنهنجي مٿي تي لعنتائو ڪنيو. پوءِ به دائمي ڊپ ذهن تي سوار. عتاب هيٺ اچڻ جو. ماريو ويندس. سبب؟ جو هن جي ڪرم مان ناهي."

"ها سائين، فرض ڪيو ته: اوهان وارو واقعو. ته اوهان جي ڪو ڪِڏِ آهي، وهم هو. پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته: نيٺ اوهان جي دماغ ۾ اهو وهم ڇو آيو؟"

"ڊاڪٽر صاحب. اهو ته مون به پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو هو."

ڊاڪٽر چپ. ويچار ۾ ورتل.

"هڪ بي ڏوهيءَ تي، ڏوهاري هجڻ جو مڙهيل احساس. ڇاڪاڻ ته اهو بي ڏوهي، حاڪمن جي ڪرم مان ناهي، يا ائين چئجي ته- اسين ان احساس جي وهڪ مان لنگهي رهيا آهيون."

"ءِ ها، ڇئي سگهجي ٿو: سنڊيپٽي/ سنڊي هجڻ جو احساس جيڪو هتي اڻ- وٽندڙ آهي. ءِ اڻ- نهڪندڙ، هڪ ڏوهه! اسين اڻ-وٽندڙ آهيون. اهو سمجهون ٿا. ءِ اهڙي سرت رکون ٿا. اها سرت ئي اسانکي ڏوهي هجڻ جي احساس کان آگاه ڪري ٿي."

"سائين مون اوهان جو ڪافي وقت ورتو آهي. معاف ڪجو. اوهان ته علاج لاءِ آيا هئا."

هلڪو ٽهڪ.

"نه ڊاڪٽر صاحب، اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. وقت ته مون اوهان جو ورتو آهي."

منجهيل ذهن. ملول منهن.

"ڏسو هن وقت تائين ڪو مريض به ڪونه آيو آهي."

هلڪو ٽهڪ.

"مان اوهان لاءِ هيءُ نسخو لکان ٿو. ءِ ڪجهه ورزشون به اوهان کي ٻڌايان ٿو. هلڪيون ڦلڪيون آهن. مان اوهان کي گذارش ڪندس ته اوهان مڪمل آرام ڪريو."

ڏڪ هڻندو. وقت پري ڪونهي پنجاهه ريٽي ملندو.

ياڄيون! بصر پنجين ريٽي سير! انهن کي ڪو ٽڪ به ڪونه هڻندو هو (ٺهڪ) تون ڇري آهين؛ نتي سمجهين. بصرن کان وٺي عورتن تائين. مال عربن ڏانهن سپلاءِ ٿئي ٿو. عربن ڏانهن! ها، عرب سڳورن ڏانهن پاڪستاني ٺي سپلاءِ ڪندا آهن، ٻيو ڪير ڪندو. چوندءِ عورتون. پوءِ بصر مهانگا ڪيئن نه ٿيندا. پاڻ نه پلي ڪتا ڌاري. ۽ ملاوٽ؛ اهو ته مسلمانن جي واپاري هنرمندي؛ جو شاهڪار ڪمال آهي. بابي ٽي چيو، هندن جي وقت ۾ ائين ڪونه هو. ملاوٽ جو ته لفظ ئي ڪونه ٻڌوسين. هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا واپاري اصول آهن. مون کي آرام ڪرڻ گهرجي. مٽي ۾ سور. چاليهه ڪيس سڏي چوان. يا پاڻ ئي. چوندي: هيءُ تون ننڊ ٽو ڪرين. پر ننڊ نٿي اچي. رڳو اکيون ڳوريون ٿيون ٿين ۽ دماغ ڀڙرو. مان ڇا ٽو ڪري سگهان. پر سندس چوڻ جو تحڪمانه انداز. نيٺ مان سندس غلام ناهيان. يا اهو سندس مائي جو انداز آهي. پر مون کي بنهه نٿو وڻي. سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏي. مان ڪو تنهنجو نوڪر آهيان. يا يار، جو مونکي تحڪمانه انداز ۾ جهلين ٿي، نيٺ سگريٽ ڇو ڇڏيان. ڇاڪاڻ ته ڪيس نٿو وڻي. پر مان سندس پسند لاءِ ايتري حد تائين ته پابند ناهيان. سندس سک جو خيال رکندي رکندي، مان پاڻ کي اخلاقي طور سندس ڇٽيوان ته بنائي نٿو سگهان. ڪرڙڪو ٿيو؟ ڪن وڃيا. ڪٿو هوندو. ڪٿا وڏي ويا آهن. لڳي ٿو گهر ۾ چوڌاري ڪٿا ئي پيا ڏڪن. ٻي ڏيا ڪٿا پليگ آڻيندا آهن. فوجين جي قطار؛ لپ ريٽ-لپ ريٽ. ڪٿن جي قطار. سنو ٿيندو چانهه جو هڪ ڪوپ پيئان. پر جيڪڏهن اٿندس ته هوءَ ضرور چوندي؛ سمهي پئه. سمهي پئه. سيني هينان ساڙو. السر. ساڙو وڌندو پيو وڃي. السر ڳڻتيءَ کان ٿيندو آهي. اعصابي بي چينيءَ کان. ۽ چڪتاڻ کان. چڙ کان. ايموشنل سپريشن کان. ڇو؟ اهو بذات خوس سبب آهي. سبب کي سبب ناهي ڏيٺو. ڪتي جو گڻ آهي وفاداري. سپريشن، بهرحال ثابت ڪري ٿي ته انڪار/ اختلاف موجود آهي. پر بي وسي. پاليل ڪتي جو گڻ آهي، اڻ ڇڄي وفاداري.

سگريٽ سان ساڙو وڌي ويندو. بسڪوٽ کان. جيئن ڊاڪٽر چيو هو. ۽ پوءِ چانهه. پر ڊاڪٽر ته چانهه کان به جهليو هو. اجهو. شايد اچي پئي. هلي وٺي رڳو هن ڪمري تائين آئي. نيٺ مان ڪانئس ڊڄان ڇو ٿو؟ جو

"۽ پاولوف اها سچوئيشن جوڙي ٿو."

"هند ۾ سنڌين لاءِ هو پاڻ کي ختم ڪن ۽ اسان کان هٽي.."

اکين ۾ گهوريندي:

"هڏين ۽ ڇيچڙن جي بخشيش کان سواءِ ٿي. (جيڪو اسان پڙهيل ڳڙهيل مڊل ڪلاس جو سڀ کان وڏو مطالبو آهي) گهربل مراد- ۽ تنهن جو اهوئي ڏوهه آهي، جو تون ڪتي مان انسان ٿيڻ لاءِ پاڻ پتوڙين ٿو. ۽ تنهن جو اهو ئي ڏوهه آهي، جو تون سنڌيءَ جو ليڪ آهين. پنهنجي آئڊنٽٽيءَ لاءِ ڪوجنا ڪرين ٿو. جنهن لاءِ قانون آهي ته. هڏين ۽ ڇيچڙن جي طلب کانسواءِ ٿي، ٽلهي گهنڊيءَ جي آواز تي پاولوف آڏو پڇ لوڏيندو اچي. پاولوف گهٽ ۾ گهٽ ڪتي کي پهريان ڇيچڙا ڏئي هيرايو ته هو. پر هتي اهڙي ضرورت به محسوس نه ڪئي. اسان لاءِ!"

اردوءَ جي ليڪچرار جو معنيٰ ڀريل نظرن سان تڪڻ، پوءِ مرڪ. شيرواني جو مٿيون بٽڻ کوليندي:

"جناب. سنڌ ۾ علاقائي تعصب کي وبا ڦيلتي جا رهي هي، يي پاڪستان کي وجود کي لي زهرقاتل هي، جو هم ني بيشمار قربانيون سي حاصل کيا هئي. دراصل-"

ڏانهنس ڏيان ڏيڻ کانسواءِ ماٺ ڪري ويٺل. اوچتو وچ ۾ ڪٽيندي، پروفيسر:

"جناب اوهان قربانيون ڏنيون آهن!"

"خوب!"

"جيڪڏهن ڪو پنهنجي غرض خاطر جان جوکي ۾ وجهي، ۽ ٻين جي ڦٻائڻ لاءِ. ڪجهه وڃائي؛ پوءِ عيوضي ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪري. ڦٻائي، سوپارو تي اُپري ۽ ڦٻايل هنڌ تي پير کپائي، اوچو ٿي ويهي، ۽ لتاڙڻ شروع ڪري، پوءِ چوي ته: مون هيءُ سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن!"

"قرباني ته ڦورو ۽ ڌاڙيل به ڏيندا آهن. جڏهن پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڌاڙو هڻندا آهن يا ڦر ڪندا آهن. انگريز به جڏهن هتي آيا هئا، ننڊي ڪنڊ ۾، ته جان جوکي ۾ وڌي هئائون. ۽ قربانيون به. هر نو آبادگار،

"جاني ٻه سچ ته ڇوي پنهنجي پوري وجود جي پيتا پليدان. يعني خاتمو. پر سوال ته پيدا ٿئي ٿو ته ڇو؟ نيت ڇو؟ ڇا ڪارڻ؟ هنڪي اٿڻ گهرجي. هن جي موجودگي، منهنجي وجود تي بار لڳي رهي آهي. سوئر، خوشامدي وات ٽيڙي ٿو، ۽ دل ۾ ڇريون. ڪيڏو اوپرو."

"جناب ڪيا سوچ رهي هين؟"

"جي؟"

"ڪجهه ڀ نه."

هي ٽيهن سالن ۾ ٻه سنڌي نه سکيا آهن! نه سکندا. جو، هن پراسيس ۾ اسانکي مرچ ٽيٽو آهي- پنهنجي آئڊنٽيفڪيشن وڃائڻي- نفرت جوڳو.

هيءَ عجيب ڳڙڪائيندڙ نظرن سان ڏسي رهيو آهي. ڳڙڪائي ويندو، ۽ پوءِ هضم ڪري ڇڏيندو. چار اوڳرائيءَ کان سواءِ ٿي. هن جي شيروانيءَ جي کيسي ۾ چاقو آهي، ۽ ماچيس جي دٻيءَ ۾ بارود. جيڪو نڪاءُ ڏيندو، اوچتو نڪاءُ.

اجهوڪي نڪاءُ ٿيو.

پوائتي.

ڇانهه گهرايان. يا ٽڏو.

گهر وڃان.

ڊاڪٽر چيو هو ته مهينو کن آرام ڪر.

گهوريندڙ اکيون.

اجهوڪي نڪاءُ ٿيو:

۽ مان ذرا ذرا ٿي ويندس.

اوچتو خيال.

هيءَ اهوئي آهي: واچ ڪندڙ. يا انهن منجهان هڪ. يا پاڻ اهو. روپ بدلائي آيو آهي. پتين ۾ اک لڳل آهي. جيڪا هر چرپر جو جائزو وٺندي رهي ٿي. ۽ سوچ ڌارا ۽ ويچارن کي ريڪارڊ ڪندي رهي ٿي.

اُٿان-

گهر وڃان.

پر هيءَ ته منهنجي روح تي قبضو ڪندو پيو وڃي. ۽ عجيب.

"جاڳين پيو؟"

"ها."

"وري ڪهڙن خيالن ۾ غلطان آهين؟"

"ڪجهه به نه."

"ڪجهه ته."

"اڄ ڪاليج ۾ پوليس آئي هئي."

"ڇاجي لاءِ!"

"يونين جي سيڪريٽريءَ کي ٻڌڻ لاءِ پر هو ڪونه هو."

"پوءِ، تنهنجو ڇو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو آهي؟"

"بس. اهڙين. ته سياڻي منهنجي لاءِ به."

"الا! بس ڪر هاڻ بيلي، بس ڪر. اهي اجايا سوداءَ."

"هاڻ هيئن ڪر جو، هفتو ڏيڍ موڪل وٺ ته ڳوٺان تي اچون. تون اتي هلي آرام ڪر. ته مٿو جاءِ تيئي."

"حاضر سائين، جيڪو حڪم."

"گهوري ڇا پيو ڏسين. تو ته منهنجيون به وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن."

"ٻڌايانءِ، تون ڏاڍي سهڻي پئي لڳين ۽...."

"هيءَ تنهنجي ڇرپائپ جو پيو روپ آهي!"

ماڻي سان هلڪو ٺهڪ.

ٻانهن کان جهليل. پاڻ ڏانهن ڇڪ. هنج ۾ آيل.

ڇمين جو وسڪارو، اٿل منجهان.

ٻاڪر ۾ زور–

"بس، بس، ديوانا. پاسريون ڀڃي ڇڏيئي."

ڇميون.....

زپ کولڻ جي اندوراڙي ڪوشش ۾، زپ ڦاٽل.

"ڇا ٿو ڪرين"

حيراني. ڳڻتيءَ سان

"هيڏي اڄ ته سمهون."

"هي، توکي اوچتو ڇا ٿي ويو آهي!"

"پياري،"

اوتيل قرب.

ارهه پڪڙيل. زور.

"ماري ڇڏئي-؟"

چميون

"تون ڏاڍي پياري آهين."

ڪوليل وار. اتساهيءَ وچان ڪيڏ.

سهڪو.

"منڙي، تون ڪيڏي نه پياري آهين."

هٿوراڙيون جسم تي.

"در بيڪڙيان."

اوچتو ڇرڪ سان:

"هان! ڪير؟"

"ڏس، سلوار ڪٿي آهي؟"

دبيل ٽهڪ.

"تون ڪلين ٿي!"

ٽهڪ.

"توکي هي ڇا ٿيو ڇا آهي!"

"پر هي در ڪنهن کوليو!"

هوا سان کليو هوندو. نه ته هتي ڏينهن ڏٺي جو گهر ۾ ڪير ايندو."

"چريا."

ايندڙ پيار. پيار مان چمي.

"ها جائي به."

ٽهڪ.

"بس، اٿ."

خماريل. چڪيندڙ، طلبيندڙ اکيون.

"در ڏئي ڇڏ نہ."

شرمايل آواز

"نہ. بس اُت."

اچرج ۾ پڌل اکيون.

ساڻو تي پيل هڪ هند مرڻيگ آواز"

دراصل

"دراصل ھيءُ ڏس. مان بلڪل ٺڏوڻ"

پگھر ۾ شل.

"ڇاءِ ڏسان!"

"ھيءُ ڏس، مان- لڳي ٿو، اميوٽنٽ-"

تڪا ساھ جھڪا ٿيل: جھاہو.

جڻڪ هارايل، ٿڪل. جھڪن ساھن ۾ وچڙيل.

"پياري، مونکي لڳي ٿو مان بلڪل امپوٽنٽ ٿي ويو آھيان."

ڳلن ڪان هٿن ۾ جھلي، شرمساريءَ مان.

"قابل نہ رهيو آھيان."

"ها. بلڪل نہ."

بي وسي. اکين ۾ تري آيل پاڻي. هڪ ڀرپور سڌ. هوءَ، مٿو هنج ۾ رکي، وارن سان کيڏي. پيار ڪري ڳرانڙيون پائي. ڳلن تي ٿڦڪيون هٽي، روئي. ڳوڙها. نوڻ ڳلن تان وهي، هنج ۾ پيل منهن تي ڪرن.

"سمجھ ۾ نٿو اچي نيٺ توکي ٿي ڇا ويو آهي."

تکي چڙ. ڪوفت سان ڀريل آواز.

ڪپڙا ناهي، تکي، تکڙي تکڙي ٻاهر نڪرندڙ.

ڍرڪيل وجود. وهاڻي جي سهاري سان پيل.

اها ڪا اهم ڳالھ ڪانهي. اجايو هلاڪ پيو ٿيان. سيڪس زندگيءَ لاءِ سڀ نہ آهي. هڪ رئشنل انسان لاءِ- پر هوءَ- دراصل لڳي ٿو. مان وقتي شاڪ سبب.

اوھہ! ڪيڏو يوائٽو.

نہ. اڻين ناهي. پر مان ڊاڪٽر سان بہ صلاح ڪري نٿو سگھان.

"ائين ڇو ٿيو؟"

"جنگ کان نفرت ڪندي، امن چاهيون ٿا ۽ امن کان به نفرت. هن امن کان. جيڪو ڏهڪاءَ جي ڪک...."

"اوهه! تون ته اجايو."

"نه. مان تنهنجي لائق نه رهيو آهيان. ۽......"

"تون آرام ڪر. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. اجايو."

"ڊائزيپام ڪٿي آهي؟"

اولڙا

مانِ توکي صلاح ڏيان،
ڇڏ منڙي
تون پڙهڻ ۽ لکڻ ڇڏي ڏي
!

ڇاڪاڻ ته تنهنجي مڙني پريشانين جو سبب سمجهان ٿو پر مان هينئر لکان ڪٿي ٿو. نيٺ سنڌي رسالا آهن ڪٿي.

ها سچي هينئر ته انهن جو نالو نشان به ڪونهي ڪيڏانهن ويا. عيوضي ۾
!

ليڪڻ ڪي نوڪرين ڏيڻ جي عيوض ۾ يا جيل

• گوئرنگ ته موت ڏنو هو، هڪ ئي وقت ڇوٽڪارو. پستول ۾ هٿ ۽

۽ اڄ جو گوئرنگ هڪ ئي وقت موت نه. هٿ ٺوڪيل قانون جي بنياد تي اڏيل ڪوٽ اندر پوساٽي پوساٽي ماري ٿو، پوءِ هڪ ڀرپور خواهش ٻڌجيو وڃي.

سمجهه ۾ نٿو اچيم نيٺ اها نوڪري تنهنجي ذهن تي ڇوويهه ئي ڪلاڪ ڇو سوار آهي، جڏهن ته تنهنجي ڊيوٽي رڳو ڪي ڪلاڪ آهي.
تون نٿي سمجهي سگهين ڇري.

پر ڇا اهو ضروري آهي تہ وڏن جو ڪيتو اسين پوڳيون ۽ اسان لاءِ
تہ-

ان کي تاريخي مقدر ڪري مڃون يا تاريخي مقدر جي آڏو ايندي
واٽ گهڙيون-

ڌيمي سوچيندي سوچ جي گهرائي، ۾ ٻڌل لفظ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ
آئڊنٽيفيڪيشن لاءِ، مٽائهون ۽ سڀرو تہ ٽيٽو پوندو
نہ؟

(پتين کي بہ ڪن آهن)

ڏس پرڪاش پليـز هي، ڪاليج جو ٽيـچرس روم آهي ۽ تون
سمجهي سگهين ٿو تہ هتي ڪيئن

اردوءَ جي ليڪچرار اڇي ٽنگ اڙائي.

سنڌيون ڪي حڪومت هئہ اس لي ايڪ بنيا ڀي اتني جريت سي
بات ڪر سڪتا هي. سب سمجهتا هون.

نهين جناب سنڌيون ڪي نهين پاڪستانيون ڪي حڪومت هئہ،
پٽو صاحب ايڪ ڪٽر پاڪستاني هئہ. يہ ايڪ بدنصيبي هئہ ڪ وہ سنڌ ۾
پيدا هوئي. چنانچہ حد سي زياده اور پاڪستان ڪي لي ناقابل فراموش
خدمت ڪرني ڪي باجود ڀي وہ آپ ڪي ليي ناقابل برداشت هئہ.

ڪاوڙ ڪروڌ مان پرڪاش تڪو تڪو ٻاهر ويل.

ٽيچرس روم ۾ اداس خاموشي. زندگيءَ جو سٽ چوسيل سڀ
استاد خاموش.

ڪرسيءَ تي وهندي خاموشيءَ جي ڇيندڙ چپ کي گهرائيءَ سان
محسوس ڪندي، پر ۾ ويٺل ليڪچرار کان آهستي سوال؛

ڇو خير تہ آهي؟ سڀ چپ آهن.

هو مسٽر- گرفتار تي ويو ۽ سسپينڊ

اوچتو الريل خيال

سنڌيون کي حڪومت هئہ

ڇوڏاري نهاري

رت نپوڙيل ڇهرا مٺ ۾ ساهه
(پنهن کي ٻه ڪن آهن)

• خبر: اشوڪ کي ماري ڇڏيائون
خبر: ع.ق. شيخ گرفتار
خبر: آرٽسٽ فتاح گرفتار
خبر: سهڻيءَ تي پابندي. ايڊيٽر گرفتار، پريس سيل
خبر: ابراهيم منشي گرفتار
خبر: "اڳتي قدم" تي پابندي. ايڊيٽر تي وارنٽ
خبر
خبر
خبر
خبر
اپڙيل خيال: "سنڌين کي حڪومت هڻ"
چوڌاري نهار
رت نپوڙيل ڇهرا مٺ ۾ ساهه.

• خبر: آئين جو جشن.
خبر: بهارين کي سنڌ ۾ آباد ڪيو ويندو.
خبر
خبر
خبر

• اهو مون کي حق آهي. ڪنهن باري ۾ ڪوبه خيال رکان فقط نظر رکان. اوهان جن نظرين، مقتدر شخصيتن يا سرشتي سان نه رڳو اختلاف رکان پر نفرت به ڪيان.

نفرت ڪرڻ جو، حقارت سان ڏسڻ جو حق رکان ٿو. ڪنهن به شخصيت جي باري ۾ يا خيالن جي باري ۾.

ميان کهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين. حق رکين ٿو ها بلڪل پر اهو حق محفوظ رکي سگهين ٿو. ٻاهر ڦڙڪي نٿو سگهين، سانڍي سگهين ٿو. پر

ويا. ڏسو، مهرباني ڪري منهنجي زال کي رڻ ڪان جهليو ڇاڪاڻ تہ جڏهن مڪڙن لڳ ڀڳ منهنجي اڌ وجود کي ڳڙڪائي ڇڏيو آهي. تڏهن هن امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي تہ، هن کي بہ وٺ ڪن. شايد اوهان منهنجا لفظ نہ ٻڌا. جاڻي بہ اوهان نہ ٻڌا آهن! ڊاڪٽر، مان سنڌيءَ ۾ پيو ڳالهايان. ها ها، سنڌيءَ ۾. جيڪا اسان جي پنهنجي زبان آهي. اوهان واقعي ڪونہ پيا سمجهو. ارمان! ڪيڏي نہ ٽريجڊي آهي: اسين هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ آهيون، سنڌي. ۽ مان سنڌيءَ ۾ ئي پيو ڳالهايان پر اوهان نٿا سمجهو. هيءَ ارمان جي ڳالهہ ناهي. نڪو تعجب جو سوال. هيءَ تہ تاريخ جي اها درگهٽنا آهي، جنهن جو مثال شايد ڪٿي بہ نہ ملي. ڪٿي بہ نہ. هيءَ اها ٽريجڊي آهي. اوهہ. الاہ. دانهن ڪندي، مون سمجهيو تہ، منهنجون ڦوڪيل نسون ڦاٽي پونديون. ڊاڪٽر، مان ساڻائي محسوس ڪري رهيو آهيان. چڻڪ سمورو سُٽ، انهيءَ ڪيل رڙ سان ٻاهر اوڳاڇجي آيو هجي. ۽ مان پورو ٿي ويو هجان...... سو مون اوهان کي ٻڌايو پئي، ڊاڪٽر صاحب، اها تاريخ جي ڪهڙي ٽريجڊي آهي، ٽريجڊيءَ تي ڪهڙي اصطلاح جي چُنڪي لڳايون: جڏهن بہ ساڳي ٻوليءَ وارا، ساڳي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي بہ هڪ ٻئي کي نہ سمجهن! ڇا اوهان منهنجو جهيڻو، نستو آواز ٻڌو پيا. پر اوهان تہ منهنجي رڙ بہ ڪانہ ٻڌي هئي! پر مونکي ويساهہ آهي تہ، مان جنهن عذاب مان گذري رهيو آهيان، اوهان ان کي محسوس ڪندا هوندا. سمجهي سگهندا هوندا. احساس جي گونگي زبان کي سمجهڻ بہ تہ ڪا گهڻ ڳالهہ ڪانہ آهي. مان وڦلان پيو؟ نہ نہ، ڊاڪٽر نہ. مان اکين سان ڏسان پيو: مڪڙ اوهانکي بہ کائين پيا. چُٽ پيا ڪن. مان ڏسان پيو. اوہ! منهنجي زال کي بہ. وچڙي ويا آهن! مان ڏسان پيو. اهو نظر جو دوکو ڪونهي. پڌري پٽ حقيقت آهي. اوهانکي نظر نٿو اچي! اوهان جي جسم جو بہ هڪ ڀاڱو مڪڙ کائي ويا آهن. کائين پيا. مان اوهان کي ٻڌايان ٿو، هيءَ حقيقت آهي. ٻنهہ چٽي. نڪورو سچ. اوهان ويساهہ ڇو ڪونہ ٿا ڪيو! ڇا منهنجي ٻولي نٿا سمجهو. مان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائي رهيو آهيان. ها. سنڌيءَ ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ تہ: اوهان بہ مڪڙن جي وڪڙ ۾ اچي ويا آهيو. سمجهو ڇو ڪونہ ٿا. محسوس ڇو ڪونہ ٿا ڪيو! عذاب جي پيڙا مان پوڳيو ڇو ڪونہ ٿا! مڪڙن اوهانجن حسن کي، بي حس ڪري ڇڏيو آهي؟ تہ انهن ڀهرين

اوهانچن حواسن تي حملو ڪيو. تعجب آهي، اوهانکي سڌ نہ پئي! مونکي ارمان آهي، اوهان منهنجا لفظ نٿا ٻڌو. جڏهن ٻڌوئي نٿا تہ سمجهندا ڇا. مونکي ارمان آهي! ۽عجب بہ. يا، اوهان ڄاڻندي بہ انڄاڻ ٿا ٿيو. حياتي ۽ سان موهہ جو-اهڙي ريت، بي رحميءَ سان انت. جو ٽٽڪو بہ نٿا. اهو تہ، اوهان بہ ڄاڻو ٿا. هڪ پتڪڙو جيؤ بہ، موت جي آخري گهڙيءَ تائين پڻ جيئڙي رهڻ لاءِ جتن ڪندو آهي. حيلا وسيلا هلائيندو آهي. نہ تہ بہ، مرندي مرندي ٽٽڪندو آهي، اوهان تہ انسان آهيو- (۽ مان بہ تہ!) ها، ڊاڪٽر، اسان جي اهائي ٽريجڊي آهي: اسان جو آخري پساهہ بہ المناڪ نہ ٿيندو. بنهہ سانتيڪو. سواءِ ڪنهن گوڙ جي. ٿڌو، برف جهڙو. ڇٽڪ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ- ايذاءُ کان خالي. ايذاءُ ئي تہ زندگيءَ جي پساهہ جي علامت آهي. ۽ اوهان ان کان خالي آهيو. مان بڪواس پيو ڪيان نہ. ان ڪري، ۽ اسين سڀ ان ڦهر جا ماريل آهيون. لفظ تڙپن ۾ قاتل. ڦاسي گڏ ٿيندا پيا وڃن. ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا، پر نٿا نڪرن. ڇاڪاڻ تہ پتين ڪي ڪن آهن. ڇاڪاڻ تہ پتين ۾ اکيون لڳل آهن. ڇاڪاڻ تہ، اسان ۾ اها سگهہ ناهي، جو انهن قاتل لفظن کي اوڳاڇي ٻاهر ڪيون. بس، بس، منهنجي منڙي تون نہ روءُ. ڊاڪٽر منهنجي زال کي رئڻ کان جهل. هائي مان سمجهي ويو آهيان. تنهنجون اکيون بہ روڄهارڪيون ٿي ويون آهن. ڊاڪٽر تنهنجا لفظ بہ تڙيءَ ۾ قاتل آهن ۽ منهنجي زال جا بہ. مان پروڙي ويس: اوهان ايذاءَ جي احساس کان سکڻا ناهيو. مان سمجهي ويس: اوهان بہ، مون وانگر ان مان گذرو پيا. ڀوڳيندي بہ، فرار بجاءِ، اوهان انهي، ڀوڳنا کي پنهنجو ڪيو آهي. انس جي حد تائين. ۽ پوءِ ان کي، هڪ ضرورت ڪري- ڇا اها ائبنارملٽي ناهي؟ سڀ ڪجهہ سهڻ، اکيون ٻوٽي، ۽ پوري سگهہ سان، تڙيءَ مان ٻاهر ايندڙ آتن لفظن کي دٻائي ڳيتون ڏيڻ. ۽ دٻائڻ لاءِ ڳيتون ڏيڻ اوهہ! ڪيڏو نہ پوائنٽو! ڇاڪاڻ تہ اسين، لفظ ٻاهر ڪڍي نٿا سگهون جي فطري طور نڪرڻ چاهين ٿا. پياري، مهرباني ڪري نہ روءُ. الله! هي سهڪو مون کي ماري وجهندو.

مون ڪيترو ڳالهايو آهي! هاڻ ته ڇڏ ڪ - بچاءِ ڊاڪٽر، بچاءِ. مان جيترو جاڳندو جيئو آهيان.مرڻ نٿو چاهيان. ڪوبہ جيترو جاڳندو مرڻ نہ چاهيندو. ڏس،ہر سڀ ڪجهہ ڪاهِندو پيو وڃي. جيڪڏهن ڪاڻ جي اها رفتار رهي تہ...... هو ڏسو، مڪڙ اوهان کي ڪيئن ڇهنيا پيا آهن. توڏانهن ۽ منهنجي گهر واريءَ ڏانهن، ڪيئن اڏامندا- اسين بچي نٿا سگهون؟ هان ڊاڪٽر؟ اهڙي ڪا واهہ ڪانہ آهي؟ جيئڻ جي آس، ڪيسيناٿين ليٽڙيون پائيندي. يا اها آس، اندر ئي اندر ٻوساٽجي مري ويندي، پر، آس، اُپڙي بہ تہ سهي نہ. اظهار جا لفظ نڙيءَ ۾ ڦاٿل. ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا. جيئڻ جي آس ڦيراٽيون پائيندڙ. سراپيل ٻاريل ڦٽڪندڙ هو ڏسو! مار! مڪڙ اوهان کي ڪيئن ڇهنيا پيا آهن. توکي بہ. ها، توکي بہ. ۽ توکي بہ مون کي بہ. توکي بہ. اڙي بچڻ جي ڪا واهہ ڳوليو. هي مڪڙ بنهہ شڪل بگاڙي ڇڏيندا. ۽ انت آئي- هو ڏسو. ابوهہ. اوهان کي ڏسڻ ۾ ڇو ڪونہ ٿا اچن. هي بلڪل سچ آهي. بلڪل حقيقت ڇو ڪونہ ٿا ڏسو؛ توکي بہ●

# ساهر متم

---

# پائیتال

## • ۽ هو مري ويو

•

[جم حياتي، جو مهاڳ آهي ۽ موت پڄاڻي: مانڪ]

مانڪ پنهنجي بنهه ذاتي دوست ۽ برک ڪهاڻيڪار عبدالحق عالماڻي جي وفات تي هڪ دڪدائڪ خاڪو لکيو هو. انهيءَ خاڪي جو آخري پئراگراف هتي نقل ڪرڻ جو مقصد، هڪ هي بہ آهي تہ ايندڙ اپريل جي 28 تاريخ تي سائين عالماڻي جي ستين ورسي جو ڏڻ آهي. ٻيو مقصد هيءُ بہ آهي تہ انهيءَ پئرا ۾ عالماڻي جي نالي سان آبليگ ڪري جيڪڏهن خود مانڪ جو نالو بہ پڙهيو وڃي تہ اهو سڄو احوال ائين لڳي ٿو، جڻ مانڪ پنهنجي لاءِ ئي اکيو هو.

## • پڄاڻي

عبدالحق عالماڻي/ مانڪ ڪي هن وقت مرڻ نہ ڪپندو هو. موت جي اٽل حقيقت ڪي ميڄيندي نسبتي طور هي حقيقت وڏيڪ وزني آهي تہ، عبدالحق/ مانڪ جي زندگيءَ جي اهميت ۽ ضرورت اڃا باقي هئي. مان ادب جي خيال کان ٿو چوان جيڪا رسمي طور عبدالحق/ مانڪ جي وفات تي خبر سان ٿنبي وڃي ٿي ۽ انتهائي بيشرميءَ سان انهن طرفان جيڪي عبدالحق/ مانڪ کي اديب ئي مڃڻ لاءِ انڪار ڪندا هئا. منهنجي آڏو عبدالحق/ مانڪ جي زندگيءَ جي اهميت ۽ زنده وجود سندس ٻچي لاءِ، حياتيءَ جي ساٿڻ ۽ ڏکويل ماءُ لاءِ هو.•

"انام."

"ٿ ڳوٺ ۾ ڇڏي ڏيون؟"

رڳون، تاٿيل. ڇڄندڙ.

اوچتو پاڻ- سنڀاليندي، ڇپن تي زوريءَ مرڪ مڙهيندي ۽ وائڪي ٿيل اصل ڪي، هٽرادو خوشٽبعيءَ جو ليبو ڏيندي:

"منهنجي منڙي، تون ڳڻتي نہ ڪر. علي سخي آ. منهن ڏبو. ها. منهن ڏبو. مڙس ٿي."

(سودبو- ڪانفيڊنس جو رانيوتو)

ٽڪي مرڪ:

"ڇري!"

ڀٽڪ سان. هارايل ٿڪي مرڪ زوريءَ پڪيڙيندي.

اکين ۾ ٿيل:

"ڪاليج ٿو وڃين؟"

رٽهارڪي. اکين ۾ ڊپ جا پاڇولا.

"ها. ڊيوٽي جوٽي."

"ڇو؟"

"بس، اُهٽين-"

آواز، تڙيءَ ۾ ڦاٿل.

"ڊڄين ٿي؟"

"ڪلهہ پنهنڻ ويگن ۾ آيا هئا. ۽ در جي ٻاهران سنڌين کي گاريون پئي ڏناٿون."

"توکي ڳوٺ اماٽي اچان."

چپ.

"ڇٽين تہ هن ڇنڇر تي ڳوٺ ڇڏي اچانءِ."

"۽ تون-"

"مونکي تہ نوڪري ڏيٽي آهي."

"نہ. مان ۾. توسان هتي رهندس."

"ڇري. ڊڄين جو ٿي. ڪجهہ ۾ تہ نہ-"

وساهہ لڏندڙ لمندڙ. تنهنجو تکو احساس. زوريءَ، مڙهيل خوش مزاجي: پاڙي وارن کي چئج تہ اسين پير صاحب جا ماڻهو آهيون. مريد.
(ٽريجڪ. جوڪ)
"تون تہ-"
"مهرباني ڪري ڪمهلي مشڪري نہ ڪر."
بيزاري.
تہ پوءِ مان ڇا تو ڪري سگهان. ڳوٺ بہ تہ تني وڃين هتي بہ-"
(منهنجي لاءِ مصيبت: اڻ- ٻڙڪيل لفظ)
چڙ.
پرجي آيل اکيون ڳري پيو جا ٽڙڳندڙ پاڇولا.
گونگن ڳوڙهن ساڻ.
سانت.
چليندڙ احساس: عجيب جڪڙيل حالت ۾. ٻي وسيءَ جا ماريل. هر ڪنهن کي پنهنجون پنهنجون مجبوريون آهن. ان ڪري هر ڇٽو پنهنجي جاءِ تي جسٽيفائيڊ.
هڪ ٻئي جي مجبورين جا ماريل.
ڇيڙاڪ. ڪنٽريل.
ڪهل- جوڳا.

پرڇائيندي:
"منڙي، تون ٿہ اجايو تي پاڻ کي هلاڪ ڪرين. زندگي. موت ڏٺيءَ جي وس آهي ء......"
"توکي ڪهڙي خبر: رات پنهنجي در تي نشان ڪري ويا آهن."
"مون کي خبر آهي."
"ها، مان ڄاڻان تو: اسين اکين ۾ تيل هيون. پوءِ بہ، رک مولا تي- مـان اڌ ڪلاڪ ۾ تـو اچان. تون اندران ڪڙو چاڙهي ڪلف ڏئي ڇڏ. چگو-"
ڦٽڪندڙ هنيانءَ. ٻڏندڙ. هيٺ. هيٺ ڪاڻ هيٺ.....

گهوريندڙ اکيون. نظرن ۾ ڇنڊ. نفرت گهڻ. ڪريل سمجهندڙ. شڪي نگاهه.

"اسان ڏي پيا ڏسن."

"سمجهان ٿو."

"مونکي تہ پڻ تو ٿئي.

"چپ ڪر."

هنيا، تو ٻڌيم."

" يہ ساري سنڌي- پاڪستان ڪا خانا خراب ڪر ديا هي سالون ني."

اکين ۾ رت اوتجي آيل اندر ۾ باهہ وڪوڙيل. جيون لونڊڙين وٽ انهن جو تڻ. سڄو وجود ڀڄرندڙ، رجندڙ ضابطو مڙهيل.

"ووٽن واري ڏينهن پاڻ کي ماريندا."

پاڪار: نظام مصطفيٰ- نظام مصطفيٰ

نظام مصطفيٰ

"جي هي ڪٽي ويا تہ-"

"ڇا ٿيندو. ڪجهہ بہ نہ. ڪوبہ فرق نہ پوندو."

"سنڌين جون نوڪريون ڪسيندا."

"نوڪريون مليون ٿي ڪيترن کي آهن. جو. پر جي ڪسيندا بہ تہ-"

"ماريندا."

"نظام مصطفيٰ آڻيندا."

"الا! منهنجا تہ وار ٿا ڪاندارجن. جڏهن سوچيان ٿي تہ هي حڪومت ۾ ايندا."

" ۽ تنهنجا وار ٿا ڪاندارجن. جڏهن تنهنجا هي ۽ رئيس اقتدار ۾ آهن."

"تون تہ اجايو نيٺ هڻ......"

"ٻي ۽ جي آڌو ڏي ۽ کي. مسجد شريف ۾. مخالف پوڙهن متان ڏنڊا مٿا قيدي چاڙهڻ، عورتن جي پيشاب دانين ۾ اوبارڻ بيضا ۽ ميڻ بتيون. ۽ راتو رات گم ٿيڻ. پيشاب پيارڻ ۽ سياسي ڪارڪنن جي زائفن، ڀينرن، منن

ماڻهن کي ٽاٽي تي گهلي ۽ اتي......"

"وڏو بي شرم آهين."

"چاڪاڻ ته تنهنجي چمڙي بي حس ٿي وئي آهي. ان ڪري. يا تنهنجي دماغ تي اهڙو روغن چاڙهيو ويو آهي. جو تنهنجن حواسن محسوس ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. دماغ سوچڻ. يا. سوچ جي انداز ڦيرو ڪاڌو آهي. ۽

"يا-"

هلڪو ٺهڪ. لچ سان پرپل. لچ جي لالاڻي، منهن تي اوتجي آيل.

"بي شرم. شرم به نٿو اچئي. اٿين ڳالهائيندي."

ٺهڪ.

"شرم جي ڪهڙي ڳالهه آهي. حقيقتون آهن. انهيءَ ڪان وڌيڪ ڀيانڪ حقيقتون به.

ڪڙاڻ ۾ ٻڏل لفظ:

"اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ. ۽ اٿين سڀ ڪجهه ڪرڻ. هتي جي هر حڪمران ۽ انهن جي ڪارندن ۽ سندن مشينريءَ يا اٿين ڪٽي چئجِ ته: نظرياتي بنيادن جو جز آهي. اهم جز.

انسان کي ذليل ڪرڻ سندن وندر آهي ۽ سندن جيون شڪتيءَ لاءِ روحاني غذا. نيٺ هن کي وڏن ٺهڪن لاءِ، اٿين ڪرٽوٽي پوي ٿو، جيئن سندن ڦڦڙ تازي هوا جهٽي......"

"يا خدا. هوش ۾ ته آهين!"

"اڙي، هو ڏس، ساون جهنڊن وارو جلوس پيو اچي، مون کي ته ڊپ ٿو ٿئي، ڪنپٽي ڊوڙي ويم."

"واپس هلون."

"مون توکي چيو ته، منهنجو انهن ڳالهين سان لڳاءُ ڪونه آهي. منهنجي چوندن سان ڪا دلچسپي ڪانه آهي."

"پر انهيءَ ۾ چڙڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. مون رڳو اهو پڇيو ته ڪير کٽندو ۽ اوچتو تنهنجو پارو-"

"ڪير به کٽي. اسان لاءِ بنيادي طور ڪو فرق نٿو پوي."

"تون پريشان آهين؟"

"پوءِ هائي- رڳو شيطاني ڪرڻ لاءِ، هان."
چپ.
"ڪجهن نٿو."
"منهنجو موڊ پنهه ڪوتهي. ڏاڍي ٿڪل آهيان."
"چڱو. ائين ئي سمهون ٿا.
ڪومايل آواز

اوچتو:
ياڪر. چميون. اڱرائي. ساهن جي ايام. تڙپ. عجيب قسم جي بيچيني. ٻاهر نڪرڻ لاءِ.
ياڪر ۾ زور.

"الاڙي، پاسيريون پجي ڇڏيئي، وحشي."
بيچيني، اهڙڪا ڏئي اُيامندڙ. ٻاهر نڪرڻ لاءِ تڙپ.
ماني سمند ۾ اُٿل.
سانت: ساهن جي اُيام ۾ وڪريل. نستائي. سائائي.
"شيطان، صفا جانور. وحشي جانور."
ايندڙ پيار. نستي. سائي ٿي ڍڳل وجود تي چمين جو وسڪارو. هلڪيون ٿڦڪيون.

"تہ ڇا رستي هلندي، اسين سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيون. جيئن هن جي ڳڙڪائيندڙ نظرن کان پاڻ بچائي سگهون؟"
"ءِ تو.جو، فيشن ۾ اجرڪ پاتو آهي. سو بہ--"
"ها، مون ڪلهہ ئي سوچيو هو، هاڻ ٻاهر اجرڪ پائڻ ڇڏي ڏيندس."
چپ.
"ءِ ها. ڪلهہ جو مان پاڇي وٽ ويس تہ، سڀ بيٺل عجيب نظرن سان گهورڻ لڳا."
"جائي بہ، هن دور ۾، اسان شهرن ۾ رهندڙ سنڌين جا مهانڊا ڦري ويا آهن."
"يا اسان کي ائين لڳي ٿو!"
"مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي، نيٺ اسان جو ڇا ٿيندو!"

# ساھم مٿ يم

# وڳوڙ

"مس مس ٿاپر ٿي آهي. مٺن کي ٻاهر لڳي."

"مان ڏسي ٿو اچان."

"ٻيلي خدا کي مڃ، ٻاهر نه نڪر."

"نه نه، مان منٽ ۾ ٿو اچان."

"تون سمجهين ڇو ڪونه ٿو، خدا کي مڃ-"

ايلاز، ٻي وسي.

"ڇگو ٻلا جي تون ڪاوڙجين ٿي ته ڀوءِ ڪونه ٿو وڃان. هاڻي ته بس."

"در کڙڪيو!"

چرڪ.

"نڪو."

"ها ها. ٻاهر گوڙ آهي. هوڪا ٿو ٻڌين."

رت سڪل.

"ڪجهه به ناهي، پياري."

"هو ٻڌين ٿو، ٻاهر نعرا پيا هڻن."

"اوهو، چري. ڪجهه به ناهي. ايمان سان ڪجهه به ناهي."

"هو ڏس، اچي ويا؛ اچي ويا؛ سندن هٿن ۾ بندوقون آهن. ۽ رائفلون ۽ ٻيو ۽-"

"جاني، ڪجهه به ناهي. تون مونکي ڀاڪر پاءِ."

"هو ٻڌ نه؛ اسان جي در کي ڌڪا پيا هڻن."

"نه نه. تون ته اجايو-"

"رات ڪيئن ڊني هئينءَ"

"سچ پچ اهي نڪاءَ ته ساهه ڪڍي ڇڏيندا."

"ٻاڻ ۾ آهن. وڙهي وڃي هنڌ ڪندا."

"نيٺ ٿيندو ڇا؟"

"اسلام جيئرو ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هر ڪربلا ڪانپوءِ ئي اسلام جيئرو ٿيندو آهي. ها، ڪربلا؛ قتلام ٻي رحميءَ سان هڪ ٻئي جو- بڪون

۽ اُجون ۽ لاسا."

"منهنجون تہ متيون اهڙيون منجهيون آهن، جو پان؛ تہ-."

"متيون جو تي منجهائين. هي؛ هڪ ناٽڪ آهي. (يا هڪ ڊگهي ناٽڪ جو هڪ ايڪٽ.) جنهن کي هڪ خاموش ڏسندڙ وانگر ڏسج."

تنهنجون تہ ڳالهيــون ئي اجايون؛ اڙي بابا، اهي ناٽڪ رچائيندڙ، جڏهن کيل، کيل ۾ پٽر، ويندي گوليون. اسان ڏسندڙن کي هٽن ۽ مارين- جيڪي نہ ہن ۾ نہ ٽن ۾، تہ پوءِ-"

"اهي تہ لڳنديون يار. ناٽڪ ئي اهڙي قسم جو آهي. ڊگهو ناٽڪ، جيڪو ڪيترن سالن کان پيو هلي. هي؛ تہ هن جو هڪ ايڪٽ آهي."

"هاڻ ماٺ ڪر."

"هيڏي ٻڌ؛ تون چڙ ۾ جائي بہ اهڙي تہ-"

"چڱو چڱو هائي- اسان جو ساهہ اچي-"

لڄ جي لالائي شرم ۾ پٽل.

نڪاءِ.

لڄ جي لالائي، هراس ۾ ٻڏل.

هيڊو منهن.

"آواز ٻڌئي."

"ها."

"تہ صبح مڙداني ئي-"

"مان ڏسي ٿو اچان."

چوهو اٿيل.

قميص جو پلاند مضبوط پڪڙيل:

"هيڏي، خدا جي واسطي ٻاهر نہ نڪر."

منهن ۾ نظر:

رت- نپوڙيل، اڃو ڪاڳر.

"اها خبر ٻڌئي، ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي گهرن کي باهيون ڏنيون

"۽ هڪ ڪرم ڪي ڪنو اٿن ۽ سارُيو."

"مٺن ڪي قياس بہ ڪونہ-"

"منهنجا تہ وار تا ڪاندارجن."

ٽپيءَ بہ پيل.

"بڌ."

چرڪ سان ٽپيءَ مان نڪتل.

"هان-"

"اڄ صبح جو، جڏهن تون ياجي ونڻ وئين هئين. تہ سامهين گهر واري پوڙهي آئي هئي."

"چو

"خبر ناهي نيت بہ چا هوس. هنن حالتن تي پٺي ڳالهايائين. مون چيومانس: اسان ڪنهن بہ ڌر يا پارٽيءَ جا ڪونہ آهيون. چيائين تہ: سنڌي اسان جا حق ڪائي ويا آهن. نوڪريون سڀ سنڌين کي مليون آهن ۽ داخلائون-"

"ڪٿي جي ڏيءَ."

"آهستي."

"پوءِ."

"پيلي مونکي تہ ڊپ تو ٿيڻي هن کان. ڪٿي کو قتاکو ٻتاکو تہ ڪانہ ڇڏي وئي آهي."

"نہ نہ."

"هنن تي ڪهڙو پروسو."

"اها بہ صحيح ڳالهہ آ."

"جائي بہ، جيڪڏهن هيءَ نظام مصطفي وارا اقتدار بہ آيا تہ پوءِ-"

"سنڌين کان نوڪريون ڪسي ڇڏيندا!؟

"چٽي نتو سگهجي. پر مليون ٿي ڪيتريون آهن جو- هيءَ هڪ سياويڪ ڊپ بہ آهي. پر مونکي لڳي ٿو، اها هڪ سياسي چالبازي آهي. ظاهر آهي سنڌين کي ايتريون نوڪريون ڪونہ مليون آهن. جيترو پرچار/ واويلا ڪٿي وڃي ٿي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ اهي نوڪريون، سياسي وفادارين کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ هڏيءَ وانگر اڇلائي ڏنيون ويون آهن. جيئن

زوريءَ مڙهيل مرڪ ڇپن تي.

"دراصل، ڪرفيو ڪانپوءِ، شيون وننديون ڏاڍي ڪوفت ٿي ٿئي ۽ عجيب قسم جو احساس........."

"ڪنهن پنور ۾ قاتل هجڻ جو- ۽......"

"خير، جيئرو ته رهڻو آهي. ان ڪري--"

"!"

"ڇا ڇا وٺڻو آهي؟"

"نيٺ آهي ڇا؟"

"ڪجهه به نه پياري."

ڪونڌري ڳل تي ٽڪي.

"تون ڪجهه لڪائين ٿو.

"ايمان سان، ڪا خاص ڳالهه ڪانهي، ڳڻتي ڪرڻ جهڙي.

"...... اصل ۾، هنن ماڻهن جون عجيب گهوريندڙ نظرون، ڳڙڪائي ويندڙ. جڻڪ اڇوت يا ٻي ڪا خلق، جيڪا هنن لاءِ ڌاري هجي- انهن مان هجان. ۽ انتهائي بي شرميءَ سان ڏهوٺيون قيمتون."

"ان ڪري ته چيومانءِ پئي، ڳوٺ هلڻ لاءِ."

اڻ- وڻندڙ. ڪڙاڻ ڀي ويل. منهن ۾ قري ويل رنگ منجهان پڌري.

"ڇگو، ڇا ڇا گهرائڻو آهي."

ڇوهو اٿيل.

"ايڏي تڪڙ.

"مونکي تنهنجي انهيءَ جملي ڪان الرجي آهي: ڳوٺ هلون، الرجي ٿئي ٿي. لڳيم ٿو، تون مونکي ڏوهاري ثابت ڪري، ذليل ڪرڻ چاهين ٿي."

ڪڙاڻ جو اوڪارو آيل.

ڇِپتاءَ، واتڙپ ۽ جڻڪ ڪيل ڏوهه جو اُپڙيل ڇتو. وڃيندڙ احساس: اوهو، ڇڻ. ڇا مان ائين سوچي به سگهان ٿي! تون ته اڃايو. ڪٺي ٿو-"

ڪڙاڻ جو اوڪارو.

"مان هيءَ عرصو هتي ئي رهڻ چاهيان ٿو. وڳوڙ وارو. نيٺ هيءَ

ٿو. ممڪن هو پر سنڌ جي قومي وجود کي اڌوهي نہ. ٻين لفظن ۾ 'ڊي-سنڌيلائيزيشن' بہ ٿئي ها. جيئن اڄ. وڏي واڪ.

هل: فرض ڪر. وڏو دليل تہ هندو ماري ڇڏين ها. ٺيڪ آهي. ماري ڇڏين ها. پر سنڌ کي تہ نہ مارين ها نہ. ها. سنڌ کي. جنهن جو هڪ ٺوس وجود آهي. جاگرافي ۽ تاريخ ۽ سيپتا.

۽ ڪاڪا ڀيرومل هجن ها. جيڪي سنڌ جي تاريخ ۽ سيپتا تي کوجنا ڪري ڪيس جيئرو جاڳندو ۽ نئون اتساهہ ۽ نئون روح.

"اڙي! تون رئين پيو!"

اڄرج.

"نڪو."

اکين ۾ آيل ڳوڙهن کي. زوريءَ مرڪ سان لڪائڻ جي اجائي ڪوشش ڪندي.

"تنهنجون اکيون ڇغلي پيون هڻن ۽ تامٽي تيل منهن-"

"اهئين. ڪجھ بہ نہ."

"پريشان آهين. ڪنهن سبب."

"نڪو."

"لڪائين ٿو."

روسامون:

"مون کان بہ."

"نہ نہ. ڪا اهڙي ڳالھ ڪانهي: سوچيان پيو: جيڪڏهن هندو هجن ها. هنن جي بدران. فرض ڪري. تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ آئين بي رحميءَ سان اسان جو وجود نہ ڪاٽي ها. يا اسين ڊي- سنڌيلائيز نہ ٿيون........"

"ســو مــهڻ کي ياد ڪندي. اکين ۾ پاڻي اچي ويٺي ۽ منهن تاندائجي-"

"نہ چري-"

گنڀير ٿي:

"جڏهن جيئري جاڳندي هستيءَ کي. جيڪا آهي. موجود آهي ۽ جيئري ان کي. جڏهن اهڙي بوهي ۾ وڌو وڃي. ۽ ان جيئري هستيءَ جو

هنياٿون."

"اوهو! منهنجا تہ لڳ ٽا ڪاندارجن."

"نيٺ ائين ڇو ٿا ڪن."

"پڌرو آهي: هو ديوتي تي آهن ۽ سندن ديوتي آهي."

"هو سامهون دونهون تہ ڏس!"

"ڪنهن ڪارخاني کي باهہ ڏني هونداٿون."

ٺڪاء.

"الله! مونکي تہ ديجو تو ٿئي."

"ڪرفيو ڀڳو هو ندن."

"ڊجن ٿٽا!"

"نہ - انهيءَ ڪري تہ سوپارا آهن. پاڻ- مڃائيندڙ. پنهنجي حيثيت."

"ٻيو ٺڪاءُ پڌيء، ڪيڏو نہ هو!"

"ها منهنجي هنج ۾ اچ."

"بي شرم."

"ڊڄين ٿي نہ ان ڪري ٿو چوانءِ."

ٻانهن ۾ وڪوڙيل.

**رات:**

اوچتو ڇرڪ:

"اچي ويا."

"ڇو! ڇا ٿيو؟"

"هو اچي ويا."

"ڪير."

"هو-"

"ڏس، در کي ڇجن پيا."

"منهنجي منڙي ڪجهہ بہ ناهي. هيءَ تہ ملان ٻانگون پيا ڏين. ڪمهليون ٻانگون. اخبار ۾ ڪونہ پڙهيئہ-"

"ها. الله! منهنجو تہ ساهہ ئي نڪري ويو هو."

"بتي باريان"،
"نہ بس.
"هان، مون ڏي اچ. زور سان ڀاڪر پاءِ-"

**دونهاٽ:**

آسمان ڏانهن ڪارو دونهون. گهاٽو ڪارو چوڦير پکڙيل.
تڪاءُ
تڪاءُ
ساهہ ٻوساٽجندڙ
انبوهہ ماڻهن جا
چرا ڀالا رائيفلون هٿن ۾
وه جا رهي هٺ اجرڪ والي
سالي
ياچ
ٻڪندڙ
ٻڪندڙ
اپ ساهي
بيٺل هڪ هنڌ
ٻوڀان نظر:
انبوهہ نعرا هڻندي ڪڍ
ماري ڇڏيندا
ماري ڇڏيندا،
ڪنبٽي
ڪيڪ-

"اوهيو در ڪڙڪيو."
"نڪو. تنهنجا ڪن وڄا آهن."
"نہ نہ. هو آواز بڌ نہ. ڪيٺن نہ پيا هوڪارين."
"ڪير بہ ناهي پياري.

ڳرانڙيءَ ۾ آندل.
سڏڪن ۾ ورتل:
"ماري ڇڏيندا."
"هن جي ٻيءَ جي آهي بادشاهي. هون-"
ڳرانڙيءَ ۾ زور:
"تون ته اجايو ٿي وهلور وجين."
ڳوڙها اُگهندي:
"ڪجهه به نه، پياري."

"اوهيو! در کڙڪيو؟"
"توکي ته اجايو وهم آهي."
"نه نه، ٻاهر هوڪارون ٿيو ٻڌين."
"ڪجهه به ڪونهي، جاني. ڪجهه به-"
"هو ٻڌ نه."
"ڪرفيو هٽي، ته توکي ڊاڪٽر وٽ وٺي هلان."
"ڊاڪٽر!"

"ڊاڪٽر ته ڳوٺ هليو ويو."
"هليو ويو!"
"ها اڪثر سنڌي شهر مان هليا ويا آهن."
"اڪثر!"
"ها! البت وڏيرن، پنهنجا هاري گهرايا آهن. ٻهري لاءِ"
"ڪڙو بند ڪيو اٿئي؟"
"هائو."
"هينئر ته ڪرفيو آهي. گهٽيءَ ۾ ڪير به ڪونهي."
"نه تڏهن به."
"تون آرام ڪر."
"۽ تون؟"
"مان به. هيءَ ٽڪي."

"؟"

"ڊائزيپام آهي."

"نيٺ ڇا ٿيندو؟"

"تنهنجو ڊپ گهٽجي حد تائين لٿو آهي."

"نيٺ ٿيندو ڇا؟"

"سمجهه ۾ نٿو اچي. ٻئي مڙئي وارا ڪونه آهن."

"۽ اسان جا ته لاهه نڪري ويا آهن."

"خيال نه ڪر. ڪجهه به نه-"

هٿرادو. ڇُيندڙ آئٽ.

ڪجهه به نه. هون."

ليڪي ۾ نه آندل آئٽ.

"اسين بابا. ليڪي ۾ ٿي ناهيون. چپ ڪري ويهي ڪيل ڏس."

"اسين ليڪي ۾ ناهيون!"

ڇٽڪ ڇٽڙ:

"باقي ڇٽڻ لاءِ نشانو ته اسان جو...."

"تون انهيءَ باري ۾ نه سوچ. تنهنجي ذهن تي خراب اثر ٿو پوي."

"۽ تنهنجي ذهن تي؟"

"_"

"چپ ڇو آهين؟"

"ڄڏهن ڇوڪير سپريشن؟ ان جي دباءَ جو گهيرو، وڌيڪ، ڪان وڌيڪ ويجهو ايندو وڃي، ۽ ان ۾ قاتل- تڏهن سيلف سنسرشپ مڙهڻي ٿي پوي ٿي. هڪ ضرورت هيٺ."

عجب مان گهوريندڙ.

"۽ ها- ڄڏهن ته اها سيلف. سنسرشپ. هڪ شڪل جي سيلف- سپريشن ٿي آهي. ها سيلف....."

"ڪيڏي ٽريجڊي. هڪ فرد جي. هن ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ واري جاڳرتا جي چوٽيءَ تي رسيل دور ۾......"

"اهو ڊائزيپام گورين جو اثر آهي. جو تون اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين. جيڪي منهنجي سمجهه کان مٿي آهن."

"جائي ٻه!"

"پيو نه ته."

"تنهنجي طبعيت ۾ عجب قسم جو ٺهراءُ، سانتيڪائي اچي وئي آهي."

"لڳي ٿو، تون ٻي حس ٿيندو پيو وڃين. پلي ڪيڏو به مچ ٻري، مجال جو توکي سيڪ اچي!"

"نه. پاڻ کي ائڊجسٽ ڪري رهيو آهيان/ ريشنلائيز."

انگريزي لفظن تي زور ڏئي؛ جھٽڪ جائي پائي، پنهنجو پاڻ تي ٿـنـول/ ڇٽر جو پـوندو هٽندي پنهنجي منهن ۾ پوري ساجھـ سان ٻجا گھروڙيندي.

۽ شرم کي پرچائڻ لاءِ هڪ وڏو کوکلو ٽهڪ.

............

............

............

"تون موڳو ٿو لڳين."

"نه. اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي."

"اهو ته مان به ڄاڻان ٿي:"

"اسين ٻئي هڪ ٻئي کي لڳيون ٿا."

"ها. ضرورت هيئي."

"اڳ کي تنهنجي ڪڍ هئا، ۽ هاڻ منهنجي ڪڍ."

تاڙيءَ سان گڏيل ٽهڪ.

"نه- تون هيءَ حيثيت لڪائين ٿي ته، هاڻ جي تنهنجي ڪڍ آهن، سي منهنجي به.........."

"سائين معاف ڪجانءِ؛ اهڙو ڪوڙو ڏيکاءُ نه تون ٿي ڏيندو آهين."

ٺڪائيءَ کي لڪائڻ لاءِ:

"ضرورت جي نظري تحت."

چڳو هائي وڏيڪ پاڻ کي. اجايو نه-

"حاصل مطلب ته: جي منهنجي ڪڍ ها؛ سي تنهنجي به-"

"۽ جي تنهنجي ڪڍ آهن، سي منهنجي به-"

گاربون ڏين. سنڌي رسالن، ڪتابن تي پابنديون وجهن ۽ سنڌ جي سجاڳ حصي کي ڏڇي ۾ وجهي، عملي طور ثابت ڪن ته هو، سچا پاڪستاني آهن. جهڙي ريت، ورهاڱي کانپوء، هو پليون زمينون آفيسرن کي دعوتون ڏئي ڏيکاريندا ها ۽ هنن سان ٻٽ تي ڪري-

"انهن وڏيرن جي خود- غرضيء جي تقاضئي اها آهي ته هو ائين ڪن: دلالي ۽ پڙوت........ هنن دلن جو سنڌ جي پلائيء سان چا، سنڌين جي مفادن سان چا، هيء ته اصل کان خانداني........"

"انهيء ڏينهن پڏين پيو: هو حرامي ڪيئن پيو چئي: ان سالي سنڌيون کو تو نکاني لگانہ هئہ."

"اها ڪا نئين ڳالھ ڪانهي."

"حالتن جو منطقي نتيجو. اسين ٻہ تہ ائين ٿا سوچيون. تہ هيء جو ڳچي ۾ ڳٽ پئجي ويو آهي، تن جو ٻلو ٿيڻ گهرجي. فرق هيء آهي تہ هو ٻلو ڪندا ٿا وجن ۽ اسين رڳو ڳالهيون ۽ سوچون ۽ بي وسيء مان پچرون ٿا."

مان

"ها، رڳو پچرون ٿا."

"مان تو چوان. سنڌ جي تاريخ جو، هيء فيصلي ڪندڙ موڙ آهي."

"ها فيصلي ڪندڙ-" ●

# ساهم مٿ ۾

---

# امن امان

## • وري

"ٻڌ؛ وري چونڊون ٿينديون."

ڇرڪ:

"چونڊون ٿينديون!"

"ٻيلي مان هاڻ هتي نہ رهندي سانءِ."

"توکي ڳوٺ ڇڏي ايندس."

"مونکي! ۽ تون؟ نہ بابا، تون بہ هلجانءِ. نہ تہ هيءُ هتي ڪجهہ ڪاٿي ڇڏيندا."

"ڇري، چونڊون تہ جمهوريت جو اهڃاڻ آهن. ۽ تون ٿي چئين تہ چونڊن ۾ ڪجهہ ڪاٿيندا.!"

هيءَ مشڪريءَ جي مهل ناهي. توکي بہ هلڻو پوندو."

"۽ جي ديوٽي لڳي تہ؟"

"باهہ ڏينس."

"ان کي باهہ ڏئي تني سگهجي. ٿيٺ پاڻ کي جيئرو رکڻ لاءِ نوڪري تہ ڪرڻي ئي آهي."

"خدا کي مڃ ٻيلي."

"ڏٺي سڀ خير ڪندو."

"هون!"

"بابا، چونڊن سان جمهوريت ايندي نہ."

"ڪجهو چپاڙي ڪاٿيندا. مان ٿي چوانءِ تہ؛ ڳوٺ هلڻ جو بندوبست ڪر."

"منهنجي منڙي، ٿورو ڌيرج. ايڏي اُبهري نہ ٿيءُ، ترس. ڏسون تہ هن ناٽڪ جو ڊراپ سين ڪهڙو ٿو ٿئي........"

"اصل باهہ ڏينس مئي کي."

ڇپ هيٺان ڊيل: ڇپياٽجندڙ

مُ

ري

وينهه

دس

ڇپ هيٺان ڊبجندڙ، ڇپياجندڙ:

اوندهه ڇانيل، دڙ، گهٽجندڙ ساهه، نڪرڻ لاءِ هٿوراڙيون، ڇپ ڳري، ڳري ڇپ هيٺان، ڇپياڄجندڙ هستيءَ کي، ڇتو ڪائي ويندڙ احساس؛ هي ٻار شڪل بگاڙي رهيو آهي، سجاٽپ ڊاهيندڙ، اهڃاڻ وڃائيندڙ وزن، ڪريل ڇپ جو، جنهن جي هيٺان ڊبيل، ڇپياڄجندڙ،

گهٽجندڙ ساهه

لُڇندڙ

مر

ري

وينهه

دس،

نڪرڻ لاءِ جاڪوڙ، نئين اتساهه سان، ڇپ ڳري، در پڪڙيل، اونداهيون اکيون، دڙ سان ڀريل سڄو وايو منڊل؛ ڇپ هيٺان آيل ڇپيٽ ۾ سڀ،

هتان نڪرڻو آهي، هن ڇپ مان ٻاهر، جنهن جي ٻار هيٺان سڄو وجود، هستي ڊبجي، ڇپياڄجي، بگڙجي رهي آهي، سجاٽپ کان ٻاهر ٿيندي،

سجاٽپ ڊهندڙ

ڊهي ختم ٿيندڙ

ساهه ٻوساڄجي نڪري ويندو ۽ ختم ٿيندو

هن منجهان نڪرڻو ئي آهي

نه ته هي ٻوسٽ

نستائي، ساٿو ٿي ڊنل، ڪريل ڇپ هيٺان، ٻوساڄجندڙ ساهه؛ پڪڙيل دڙ ناسن مان لنگهندي، ساهه واري ناليءَ کي گهٽيندڙ،

ساهه ڪٽڻ ۾ ڏکيائي

مر

ري

اهي تہ جيئرا رهي نہ سگهندا. جيڪڏهن انهن کي ٽُڪُڻ لاءِ ۽ ڪاڄ لاءِ جيئرا جاڳندا انسان نہ مليا. ساهہ وارا انسان. سندن جيئري رهڻ لاءِ انسانن جو ڪاڄ ضروري آهي. نہ تہ هو. رهي نہ

هينئر تہ هنن کي بل مليو آهي: سهڻو وجهہ: ڇپ هيٺ. ڏبيل. قاتل خلق کي سولائي: سان پنهنجو ڪاڄ بنائي سگهن ٿا. ۽ ڪائي رهيا آهن ۽ ڇپ هيٺان ڏبيل خلق کي ٽُڪي ٽُڪي جاوا ڪري رهيا آهن. ماس رڙڪي. ڇني پٽي، بي وس خلق: جنهن جي ڄنگهہ بہ، هن ڇپ هيٺان ڏبيل، سندن وجود وانگر، چيپاٽيل.

ٻو، موت اوس: جي اٿيِن لڳاتار ڇپ مٿان رهي انهيءَ ڏبيل ٻنهہ ماري.

جي جيئرو رهڻو آهي تہ: هن ڇپ منجهان نڪرڻو ئي پوندو.

نہ نہ

الله! هي: ٻوسٽ ٻنهہ ماري ڇڏيندو

ٻنهہ

ط

ري

ٻوساٽجي ٻوساٽجي

۽ چيپاٽجي چيپاٽجي

سيڇاٽپ وڇاٽجي

مہ

ري

ٻر

نہ

## ڪُتڪو

"نيٺ ڇا ٿيندو؟

"جيڪو ٿيڻ گهرجي."

"تون تہ اڃايو...."

"او، مٺڙي ڪاوڙج نہ، منهنجو مطلب آهي، هتي، هن ملڪ ۾ ايندڙ هر تبديلي تاريخ جي عمل کي پوئتي ڌڪو ڏيندي رهي آهي. بد کان بدتر.بدتر کان بدترين حالتن ڏانهن. ظاهر آهي، هڪ اسياويڪ جوڙجڪ ۾ حالتن جو نتيجو گهوٽالن جي پنور جي روپ ۾ ٿي........."

"مهرباني ڪري اهو ليڪچر بند ڪر. مونکي تہ ٺپ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ تون چوين ڇا ٿو، چوڻ ڇا ٿو چاهين."

بيزاري.

"اوه! تون وري ڪاوڙجي وئين؟. منهنجو مطلب آهي..."

"پتين کي ڪن آهن."

ٺٺول

"ها پتين کي... جن پتين کي نہ در آهن نہ دريون ۽ جن جي اندر اسين قاتل آهيون. ٽريجڊي تہ اها آهي، جو اسين پتين سان مٿو بہ نٿا ٽڪرائي سگهون."

چپ. گهڙي، اونهي ويچار ۾ ورتل.

"نيٺ اسانجو ڇا ٿيندو. اسان سنڌين جو."

ڳڻتي.

ٺهڪ: "چري آهين. بابا. اسين مسلمان ٿينداسين نہ."

وڏو ٺهڪ. لاڳيتو.

"تہ هينئر اسين مسلمان ڪونہ آهيون."

بيزاري.

"سنڌي تہ آهيون نہ. ۽ سنڌي هجڻ هڪ اسلامي فعل آهي. ڇا سمجهيئي. اسان پڪا مسلمان تڏهن ٿي سگهون ٿا. جڏهن پاڻ کي ڊي-سنڌيلائيز- ڇا سمجهيئي؛ بنهہ اڻ- سنڌي ڪري ڇڏيون."

"چون ٿا تہ هي؛ بہ انهن جو ماڻهو آهي."

"اتي ايندڙ هر ماڻهو انهن جو ئي هوندو."

"او- منهنجا ڏٿي تون خير ڪج. هتي ڪڏهن بہ سڪ جو ساهہ کونہ کنيو اٿئون. او ڪڏهن بہ نہ."

"سڪ جو ساهہ تہ ڪڏهن اچڻو ئي ڪونهي. هتي کي اوس مارو ڪرڻو آهي. ۽ اسانکي ان ماري جو اوسيئڙو، ۽ ان اوسيئڙي جي پوڳنا.

"چگو مان هلان ٿو. ڪلاس وڃڻو اٿم. تون ڳڻتي نہ ڪر. لسڻون نہ نهنديون ٿي. اٿين اوس ٿيڻو آهي. ۽ وڌيڪ اهم تہ: تون سمجهي سگهين ٿو. ڪيئن نہ اسين اڄ ڪوس گهر ۾ قاتل آهيون."

## ڪوس - گهر

رت بوءِ: ناسن ۾ گهڙي ويندڙ.
ٽنگيل سجايل، لٽڪندڙ، ڪلن لٽل گوشت جا لوٿڙا.
ساهہ بوءِ. ساهہ بُو-
"منهنجو تہ هنيانءُ ٿو ڪڇي ٿي."
"مون توکي چيو تہ هو تہ مان پاڻهي ٿو گوشت وٺي اچان. تون ڪاسائين آڏو دل جهلي نہ سگهندينءَ."
"مٺا گوشت تہ ڪيئن ٿا چيرين."
رت- ٽپوڙيل منهن. دل ڪڇي: ٽڪ. گجيدار ٽڪ.
"ڪهڙن سوچن ۾ گم آهين؟."
چرڪ.
"ڪجهہ بہ نہ. ڇا توکي رت جي بوءِ اچي ٿي؟"
سنگهڻ. وري سنگهڻ. رت- بوءِ جي موجود سچائيءَ کي سايبان پائڻ لاءِ.
ٺهڪ.
مرڪ: ککو وکو ٿيل
"تون کلين ٿي!"
"نہ نہ بيو رڳان. ڪڏهن توکي رت- بوءِ اچي ڪڏهن ڪو ڪڏ تہ ڪڏهن خاڪي رنگ وارا ڪتا."
ٺهڪ.
"تون کلندي ڪيڏو نہ سهڻي-"
پاڪر. چيلهہ ۾ وکوڙجي آيل ٻانهن جي ٻل ١ـ-ار مٺي ڪنيل. چميون.
لڄ جي ڳاڙهاڻ لوهہ پائي ويل

ڳالهه ٽارڻ لاءِ.

"چگو چگو هاڻي بس. بڌاءِ گوشت ۾ پناتا وجهان يا ائين ئي پچي- پر نه، اچ موڪل جو ڏينهن آهي، منهنجو خيال آهي نه پلاءُ ٺي ڪري......"

"ٺهڪ ڏيڻ مهل تنهنجن ڳٽن جو ڇڳهه ڪيڏو نه-"

"۽ مان جو هيءُ بڪواس پئي ڪيان."

"اوه مني. توتي چڏيل آهي. جيڪو جيئن چاڙهين. مونکي نه تنهنجن هٿن جو........"

"چگو چگو اُفت مار عاشق، هاڻي تون آرام ڪر يا اخبار پڙهه نه مان رڌڻي مان واندي ٿي وٺان."

"وچي ڪيڏانهن ٿي؟"

پڪڙيل ٻانهن. ٻاهه ڏانهن ڇڪ. ٻاڪر جي وڪڙ ۾. ڳلن تي هٿ. چهاءِ: ڳل ڪونٽرا. ارهن ۾ هٿ. چهاءِ. ارهه قلهڙا.

چهاءِ ۾: قلڙائپ ۽ ڪونٽرائپ ۾ فرق جو احساس ختم ٿيل.

"سچ چيو اٿن، واندڪائيءَ ۽ اڪيلائيءَ ۾ شيطان........"

"جيڪڏهن شيطان هن سونهن- رس ڀَجي اخساس کي اجاگر ڪري ٿو نه سندس وڏائيءَ کي سلام آهي".

"چگو چگو هاڻي شيطان جا- مونکي دير ٿي ٿئي."

ارهن تي هلڪو هلڪو زور ڏيندي، دٻائيندي:

"هيءُ قلهڙا ٿي ويا آهن؟"

لڄ جي لالائي اوتجي آيل:

"انکي پاڻهِ ڇڏي ڏئي اٿم نه. گرميءَ ڪري."

مٿو سيني تي رکيل.

ارهه قلهڙا. ڳلن جو گوشت ڪونٽرو. ڪونٽري- قلهڙي گوشت جا لونڙا/ ٽڪر ٽنگيل. رت- بوءِ ناسن ۾ گهڙي ويندڙ.

اشهد ان لا الله الله ۋ ان محمد......

ڪاسائيءَ جي هٿ ۾ ڪاتي. ڇيلي کي سير.

"بابا ڪاسائيءَ کي کهل نٿي اچي؟"

"نه پٽ. اهو انجو ڌنڌو آهي: ڪرت."

"۽ هو ڳالهائي بہ نٿو سگهي نہ."

"ها پٽ."

"پر، ٻي ٻي، نہ ڪري پيو."

"ها پٽ."

"ٻي ٻي ٿو ڪري، تڏهن ٿو مارين نہ ڪاسائي؟"

"ها پٽ، جيلو اُهو پلو جيڪو ٻي ٻي نہ ڪري."

لٽڪندڙ گوشت جا لوٿڙا. ٽڪي ٽڪي وهندڙ ڪاسائيءَ جي ڪاتي؛ وڍجندڙ عضوا.

وڍيل عضون جو ڍير

"بابا."

"جي پٽ."

"هن ٻڪريءَ ٻي ٻي نہ ڪئي ہوءِ بہ ڪاسائي ڪٺس؟"

"ها پٽ. ڪاسائيءَ جو ڪم ئي آهي ڪهڻ."

دل ڪچي.

اوهن ۾ پيل هٿ ڍرا.

اُهہ: گوشت جا لوٿڙا.

گوشت جا لوٿڙا ۽ لڱڙا.

رت- بوءِ ناسن ۾ گهڙي ويندڙ

"ڇا گوشت جي ڇٻي هتي پئي آهي؟"

"نکو. رنڌڻي ۾."

"پر هيءَ رت جي ڏپ ڪٿان پئي اچي؟"

"رت جي ڏپ!"

"ها. ناسن ۾ گهڙي ويندڙ ۽ ساهہ گهٽيندڙ."

ساهہ بوءِ. ساهہ بوءِ. ساهہ بوءِ-

"اِيس ترا ٻکو تيز ڪر. در کولي ڇڏ."

"۽ بڌ ٻياري: اڄ گوشت نہ چاڙهہ."

"!"

"ورتو جو سين."

"نہ. دل ڪچي ٿيندي."

تيل پنا

"جاڳين پيو؟"

"ها."

"ماني تيار آ."

"پر مون کي اجا بک ڪانہ لڳي آهي."

"تون اٿي تہ سهي. ايمان سان ٻوڙ اهڙو رڌيو اٿم جو آڱريون چٽيندين."

"جائي بہ."

"ڪائي ڏس."

"پر مون کي....."

"پر پر ڇڏ. اصل ٻاڪنڻون ڪولڻ سان، خوشبوءِ تنهنجي بک نہ جاڳائي تہ–"

"تہ–؟"

"تون اچ تہ سهي."

ٻاڪنڻون مان ڇمڇي سان ٻوڙ ڪڍندڙ هٿ. ٻڳهيون آڱريون. ننهن تي پالش. ڪرائي وٽان ڦرندڙ هٿ: سهڻو.

"هان وٺ. گرهہ پري ڏس ڀاڻهي خبر پوندئي."

هٿ اڳتي وڌيل. ٻڳهيون آڱريون. هٿ جي تري ڳاڙهي.

وڌيل هٿن جو ڍير.

وڌيل هٿ، ڪرائيءِ وٽان ڏار تيل ٽٽڪندڙ.

"بابا" چيلو ڪيئن پيو ٽٽڪي."

"ها پٽ تون نہ ڏس. ٻڃندين."

"نہ بابا مان تو ٻڃان. هو ٽي. وي. تي جو."

وڌيل هٿ ٽٽڪندڙ. دکيءَ تي جوڙيل ٽنين ۾ ٻڌل سرڪٽين ۾ قاتل ماڻهن جا ڳاٽا. ٽٽڪندڙ. لڙندڙ ڪارا ٻوٽا. انسانن جا ٻوٽا.

انسان کي جانورن جي دنيا کان ڌار ڪرڻ ۾ هٿن نمايان ڪردار ادا ڪيو. جڏهن انسان ٻئي ٻانهون مٿي ڪري، ٻن پيرن تي هلڻ سکيو ۽ ڪرنگهي جي هڏي سڌي ٿي، تہ انسان جي ننڍي سرشتي ۾ بنيادي تبديلي آئي. سندس ڪم ڪرڻ جو ڏانءُ ٻڌيو: تخليقي. جنهن ۾ سوچ

ماڻڪ 26 جنوري 1982ع تي اسان کان وڇڙي ويو. پر اهو شڪ آ. اسان سان هميشه ڪٺي آهي. هو جنم جنم جيئرو آهي.

• کهڙين حالتن اوهان کي لکڻ تي ۽ اهڙي ڪڙي، اگري ۽ اگهاڙي سچ لکڻ تي مجبور ڪيو؟

ج: ننڍپڻ کان تجسس جي هير، انساني لاڳاپن ۽ ناتن جي مشاهدي جي عادت، ڪتابن جي اڃياس ۽ سڌي سنواٽي مزاج گڏجي لکڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪيو.

• منير احمد مان ماڻڪ ٿيڻ جو سبب؟

ج: هن جو ڪارڻ مان هن وقت ٻڌائي نٿو سگهان."

• ڪا تخليق جنهن جي لکڻ/ ڇپجڻ کانپوءِ اوهان کي غلطيءَ جو احساس شدت سان محسوس ٿيو هجي ۽ ڇو؟

ج: مواد جي لحاظ کان غلطيءَ جو احساس ڪونه ٿيو آهي. البت فني غلطين جو احساس ٿيندو اٿم.

• هڪ پڙهندڙ جي حيثيت سان، اوهان جي ڪا لکڻي پڙهڻ کانپوءِ جيڪڏهن مان اوهان کي ڪا ٺلهي متاري گار ڏيان ته-؟

ج:مان رڳو مرڪندس، ڇاڪاڻ ته هڪ پڙهندڙ جو اهو حق مڃان ٿو ته: هو منهنجي لکڻيءَ تي ڪنهن به روپ ۾ پلي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري.

• ڪو شعر جيڪو اوهان گهر ۾، هوٽل ۾ يا گهمندي ڦرندي جهونگاريندا هجو؟

ڪوبه نه.

• اسان جي ادب ۾ فرسٽريشن ڪيتري حد تائين جائز آهي؟

ج: فرسٽريشن جي جائز يا ناجائز هجڻ جو جواب ادب ۾ منهنجي آڏو اهميت نٿو رکي. جيڪڏهن ڪن پابندين يا سببن ڪري زندگيءَ ۾ فرسٽيشن آهي ته، ان جو اظهار ادب ۾ اوس ٿيندو. اهو هڪ تاريخي نياءُ آهي.

• معاشري جي اصلاح ۾ ڪهاڻي جو حصو؟

ج: جيڪڏهن معاشرو مڙهيل پابندين کان آزاد آهي ته، پوءِ هر ڪهاڻي، ان جي ردوبدل ۾ ڀرپور پاڳو ادا ڪري ٿي.

● اڄ جي ڪهاڻيءَ مان اوهان مطمئن آهيو؟

ج: ڪيترين بندشن ۽ پابندين جي باوجود، اڄ جيڪا سنڌي ڪهاڻي لکجي ٿي، مان ان مان مطمئن آهيان.

● سنڌيءَ ۾ جنسياتي ادب جي باري ۾ اوهان جي راءِ؟

ج: ادب ۾ جنسياتي، نفسياتي، سماجي وغيره جي ورڇ جو مان قائل نہ آهيان، ادب، انساني زندگيءَ، لاڳاپيل دور ۽ هڪ تاريخي وهڪ اندر انساني ناتن جو اظهار آهي. اسان وٽ انسان جا جنسي/ نفسياتي ناتا جيئن تہ گهٽيل رهيا آهن، ان ڪري پيچيده شڪل اختيار ڪري ويا آهن. سنڌي ادب ۾ انهن پيچيده ناتن کي ڪهاڻين جي روپ ۾ جيتوڻيڪ نسبتي طور گهٽ اپٽاريو ويو آهي، ان هوندي بہ مان ان کي هڪ مثبت ۽ هڪ همت واري وک ڪوٺي سگهان ٿو.

● هن وقت سنڌي ادب جو ڇيڇڙ ۽ اديبن جي مڃتا، ياري باشيءَ جي بنياد تي ٿي رهي آهي. ان مان فائدو/ نقصان؟

ج: اهو سڀ ڪجهہ مڙهيل تاريخي حالتن جو منطقي نتيجو آهي. جنهن مان پڙرو آهي تہ هاجو ٿي رسيو آهي. باقي اهو ڪو وڏو مسئلو ڪونہ آهي جنهن کي، جيڪڏهن نيت نيڪ آهي تہ، منهن ڏئي نہ سگهجي.

● سنڌي اديبن ۾ ٽاڙابندين جا سبب؟

ج: مڙهيل تاريخي حالتون، پابنديون، ورهاڱو، ورهاڱي سبب پيدا ٿيل خال، وچولي طبقي جي اوسر، قومي جبر ڪارڻ محروميءَ جي احساس کي مٽائڻ لاءِ سازشون، پلاند، هڪ ٻئي ڪان گوءِ ڪٽي وڃڻ لاءِ ڪُڏا رستا، ڪيريئر ازم تنگدلي ۽ ننڍي ڳجي.

● اديب جي قول ۽ فعل ۾ فرق آهي (ڏٺو ويو آهي) ائين ڇو آهي؟

ج: اديب انسان آهي. انسان جو پيچيده سماجي ناتن ۾ قول ۽ فعل ۾ تضاد منطقي آهي ۽ اديب بہ ان کان ڌار رکي نٿو سگهي. البت جيڪڏهن اوهان جو مقصد قومي تحريڪ جي ناتي سان اديبن جي قول ۽ فعل جو تضاد آهي، تہ پوءِ اهو فرق موقعي پرستيءَ، ڪيريئر ازم، خود غرضيءَ ۽ ذاتي مفاد کي، قومي مفاد مٿان رکڻ سبب آهي. پڻ ڪانٽرپٽو بہ ان جو هڪ ڪارڻ آهي.

● نئين ٽهيءَ جي ڪيل ڪم مان اوهان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

